ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) خميس 15 جنوري 2026ع 25 رجب المرجب 1447ھ صفحا 6 - ملھ 30 وپيم شمارو (153)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

پاڪستان ۾ معاشي استحڪام اچي ويو معرڪہ حق ڪانپوءِ دنيا ۾ اسان جي جهازن جي گهرج وڌي آهي : وزيراعظم

ورلڊ لبرٽي فنانشل سان مفاهمتي يادداشت تي صحيحون خوش آئنده آهي، ان ايم او يو سان ملڪي معيشت کي فائدو ٿيندو ۽ عالمي ٽرانزيڪشن ۾ آساني ٿيندي

دنيا ۾ اسان جي ويڙهاڪ جهازن جي طلب وڌي وئي آهي، ڪيترائي ملڪ جهاز حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڳالهہ ٻولهہ ڪري رهيا آهن. اسان جي دفاعي پيداوار جي صنعت کي ان سان سگهہ ملندي

بلوچستان ۽ خيبرپختونخواهہ ۾ پاڪ فوج، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ۽ رينجرز جون ڪامياب ڪارروايون ساراهہ جوڳيون آهن. دهشتگردي جو مڪمل خاتمو ڪري سُک جو ساهہ کڻنداسين

بلوچستان ۾ 75 ارب رپين جي لاڳت سان آبادگارن جي لاءِ زرعي پئڪيج جو منصوبو مڪمل ٿي چڪو آهي وفاق 50 ارب رپيا فراهم ڪيا، سولر پينلز جي استعمال ڪانپوءِ بجلي چوري ختم ٿي آهي

ملڪ ۾ معاشي استحڪام اچي ويو آهي، هاڻ ترقي لاءِ قدم کڻنداسين، معاشي واڌويجهہ جو دور ۽ پاڪستان ترقي ۽ خوشحالي جي سفر تي گامزن ٿيندو : وفاقي ڪابينا اجلاس کي خطاب

اسلام آباد(اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي تہ معاشي استحڪام اچي ويو آهي هاڻي ترقي جي لاءِ قدم کڻنداسين، پاڪستان خوشحالي جي سفر تي گامزن ٿيندو دهشتگردي جو مڪمل خاتمو ڪنداسين، معرڪہ حق ڪانپوءِ دنيا ۾ اسان جي جهازن جي طلب وڌي وئي دفاعي پيداوار جي صنعت کي هٿي ملندي ڪراچي کان چمن رستي ۽ بلوچستان ۾ 7 دانش اسڪولز جي تعمير هڪ سال ۾ مڪمل ٿيندي اهڙن خيالن جو اظهار هن وفاقي ڪابينا جي اجلاس ۾ خطاب ۾ ڪيو وزيراعظم چيو تہ ورلڊ لبرٽي فنانشل سان مفاهمتي يادداشت تي صحيحون خوش آئنده آهي ان ايم او يو سان ملڪي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: حڪومت پاڪستان ۽ ايس سي فنانشل ٽيڪنالاجيز جي وچ ۾ ڪراس بارڊر ادائگين لاءِ ڊجيٽل ٽيڪنيالاجيز جي استعمال بابت ڊاهر تي صحيحون ڪيون پيون وڃن وزيراعظم شهباز شريف، چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل عاصم منير ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار پڻ موجود آهن

حج ڪرڻ 2 لک 30 هزار ڪرڻ لاءِ سعودي حڪومت سان رابطي ۾ آهيون: وفاقي وزير سردار يوسف

اسلام آباد(اي پي پي) مذهبي معاملن واري وفاقي وزير سردار محمد يوسف چيو آهي

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

قيصر احمد شيخ سان اورنگزيب خان کچي جي ملاقات

اسلام آباد(اي پي پي) سيڙپڪاري بورڊ واري وفاقي وزير قيصر احمد شيخ سان

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

ڪجهہ قوتون سنڌ جي حقن تي ڌاڙو هڻڻ چاهين ٿيون ڪوئلي سبب ٿر ۾ سماجي انقلاب آيو آهي: بلاول ڀٽو

ٿرپارڪر جا ماڻهو هر اليڪشن ۾ پ پ سان گڏ بيهي اهو ثابت ڪن ٿا تہ هو شهيد بينظير ڀٽو، قائد عوام شهيد ذوالفقار ڀٽو ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي سان محبت ڪن ٿا

پاڪستان جي ترقي لاءِ ٿر جي ترقي ضروري آهي، جيئن سنڌ صوبي جي ترقي ملڪ جي ترقي سان جڙيل آهي. هڪ سازش تحت سنڌ جي ڪردار کي گهٽ ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي

ٿرپارڪر ۾ ايترو ڪوئلو موجود آهي، جيترو سعودي عرب وٽ تيل آهي. شهيد محترمہ بينظير ڀٽو اهو اثاثو استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ان وقت سازشن ذريعي روڪيو ويو

ٿر ڪول منصوبي مان پيدا ٿيندڙ بجلي سبب فيصل آباد جهڙن صنعتي شهرن کي بہ فائدو پهتو، ٿر جو پهريون ڪوئلو قومي گرڊ ۾ شامل ڪيو ويو، اهڙي ريت مضبوط وفاق هلن ٿا

اڄ اسان اين اي ڊي يونيورسٽي جو ٿر انسٽيٽيوٽ هتان جي عوام جو پراڻو مطالبو هو، موجوده حڪومت جي مدو ختم ٿيڻ کان اڳ ٿر ڪيمپس کي يونيورسٽي جو درجو ڏنو ويندو

پيپلز پارٽي جي حڪومت غريب ۽ عوام دوست حڪومت آهي. صحت هجي يا تعليم، اسان هميشہ عوام جي ڀلائي کي اوليت ڏيون ٿا: افتتاحي تقريب کي خطاب

مٺي (رپورٽ: ننداللال لوهاڻو) بلاول ڀٽو زرداري ٿرپارڪر ۾ اين اي ڊي يونيورسٽي جي ٿر انسٽيٽيوٽ آف انجنيئرنگ سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي چيو تہ مون کي هميشہ خوشي ٿيندي آهي جڏهن اسين ٿرپارڪر ايندا آهيون هر دفعي جڏهن اسان جو هتي دورو ٿئي ٿو تہ سنڌ حڪومت طرفان ٿرپارڪر جي عوام لاءِ ڪو نہ ڪو تحفو

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت ٿر ۾ ڪوئلي پراجيڪٽ کي عملي جامو پارائي شهيد راڻي جو خواب پورو ڪيو آهي: وڏو وزير

اسان چيئرمين بلاول ڀٽو جي اڳواڻي ۾ ٿر ۾ آر او پلانٽس ۽ صحت جي شعبن تي تمام گهڻو ڪم ڪيو آهي

ٿر مان پاڪستان لاءِ بجلي پيدا ڪري رهيا آهيون هتي جا معدني ذخيرا اوهان جي قسمت بدلائيندا

ٿر انسٽيٽيوٽ آف سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جو ادارو قائم ڪري تعليم جي وڏي سهوليت فراهم ڪئي آهي

مٺي: سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ چيو آهي تہ شهيد راڻي جو خواب هو تہ ٿر جي ڪوئلي واري پراجيڪٽ کي عملي جامو پارائي ٿر سميت پوري ملڪ کي معاشي طور مضبوط بڻائجي ۽ ان

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

THAR INSTITUTE OF ENGINEERING, SCIENCES & TECHNOLOGY
INAUGURATED BY
MR. BILAWAL BHUTTO ZARDARI
CHAIRMAN, PAKISTAN PEOPLE'S PARTY
EX-FOREIGN MINISTER OF PAKISTAN
ALONG WITH
ENGR. MURAD ALI SHAH
CHIEF MINISTER SINDH
WEDNESDAY 14TH JANUARY 2026

مٺي: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو ڪئمپس جو افتتاح ڪري رهيو آهي

”ٿر مان ڪوئلو پاڻ ٿي نڪري ٿو پاڻ ٽرڪن ۾ لوڊ ٿئي ٿو ۽ پاڻ ٿي گاڏيون هلن ٿيون“

مٺي: پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري افتتاحي تقريب کي خطاب ڪرڻ بعد مقامي صحافين پاران پڇيل سوالن جا

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

افتتاحي تقريب ۾ ٿر جا مقامي اڳواڻ مهيش ملاڻي، ڊاڪٽر کٽو مل، ويرجي ڪولهي ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

مٺي: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو جي آمد

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

مٺي: چيئرمين بلاول ڀٽو کي شيلڊ پيش ڪئي پئي وڃي

مٺي: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو ڪئمپس جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي

تعليم ۽ صحت پ پ چيئرمين جي اهم ترجيحن ۾ شامل آهن: اسماعيل راهو

سنڌ حڪومت يونيورسٽين کي باقاعده گرانٽس ۽ بيل آئوٽ پيڪيجز بہ ڏنا آهن

تعليم کي بهتر بڻائڻ سنڌ حڪومت جو عزم ۽ اهو پيپلز پارٽي جي منشور جو حصو آهي

مٺي: صوبائي وزير يونيورسٽيز اينڊ بورڊز محمد اسماعيل راهو چيو آهي تہ تعليم ۽ صحت پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ پارٽي جي اهم ترجيحن ۾ شامل آهن هن چيو تہ تعليم سنڌ

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ٺهڻ کان 2008 تائين ملڪ ۾ 14 يونيورسٽيون ٺهيون، سنڌ حڪومت 17 سالن ۾ 16 نيون يونيورسٽيون قائم

مٺي: يونيورسٽيز اينڊ بورڊز جي صوبائي وزير اسماعيل راهو ٻڌايو تہ 1947 کان

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

واعدو ٿو ڪريان تہ هن اداري کي مڪمل يونيورسٽي جو درجو ڏينداسين: مراد علي شاهہ

مٺي: وڏي وزير پنهنجي خطاب ۾ چيو تہ پ پ جي حڪومت سنڌ پاران واعدو ٿو

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

آمريڪا ايران تي حملو ڪيو تہ عالمي آئل مارڪيٽ لڏي ويندي؛ سعودي، قطر ۽ عمان خبردار ڪري ڇڏيو

ايران تي حملو نہ ڪيو وڃي، ڇو تہ اهڙي ڪارروائي سان عالمي تيل مارڪيٽ ۾ وڏو ڌڪ لڳندو

ظاهري طور اهي عرب ملڪ خاموش آهن پر پس منظر ۾ لابنگ ڪن پيا تہ آمريڪا ايران تي حملو نہ ڪري: اخبار

چاڪاڻ تہ اهڙي قدم سان عالمي تيل مارڪيٽ کي ڌڪ لڳندو ۽ لازمي طور آمريڪي معيشت بہ متاثر ٿيندي

واشنگٽن(م د) آمريڪي اخبار وال اسٽريٽ جرنل موجب سعودي عرب جي اڳواڻي ۾ ٽن ملڪن ايران تي آمريڪي حملي جي مخالفت ڪري ڇڏي وال اسٽريٽ جرنل جي رپورٽ موجب سعودي عرب، قطر ۽ عمان آمريڪا کي خبردار ڪيو آهي تہ ايران تي حملو نہ ڪيو وڃي، ڇو تہ اهڙي ڪارروائي سان عالمي تيل مارڪيٽ ۾ وڏو ڌڪ لڳندو ۽ ان جو سڌو اثر آمريڪي معيشت

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

ڪراچي پوليس چيف پاران اليڪٽرانڪ ڊيلرز ايسوسيئيشن جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪرڻ جي خاطري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي موبائل اينڊ

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي ميئر ۽ ڊپٽي ميئر پاران بلديہ عظميٰ جي سينيئر ڊائريڪٽر بلال منظر جي وفات تي ڏک جو اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب ۽ ڊپٽي ميئر

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

زرداري، نواز شريف ۽ عمران خان سميت اهم شخصيتن جي نالن تي نمبر پليٽن جي نيلامي جو فيصلو

ڪي پي حڪومت اهم سياسي شخصيتن جي نالن تي نمبر پليٽن جي نيلامي جو فيصلو ڪيو

فينسي ۽ يونيڪ جرائس نمبر پليٽن جي نيلامي 27 جنوري تي نشتر هال پشاور ۾ ٿيندي: فخر جهان

نمبر پليٽن جي بولي جي شروعات 10 لک رپين کان ٿيندي

سڀ کان وڌيڪ بولي لڳائيندڙ کي پسنديده شخصيت جي نالي تي نمبر پليٽ ڏني ويندي

پشاور(م د) خيبر پختونخواهہ حڪومت صدر آصف زرداري، اڳوڻي وزيراعظم نواز شريف ۽ پي ٽي آءِ باني عمران خان سميت ٻين اهم سياسي شخصيتن جي نالن تي نمبر پليٽن جي نيلامي جو فيصلو ڪري ورتو ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن جي صوبائي وزير فخر جهان نجي ٽي وي چينل سان

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

اسان تي حملو ٿيو تہ خطي جي ملڪن ۾ سيٽي آمريڪي اڏن کي نشانو بڻائينداسين: ايران

تهران خطي جي ملڪن کي خبردار ڪيو آهي تہ آمريڪا حملو ڪيو تہ هو آمريڪي فوجي اڏن کي نشانو بڻائيندا: رائٽرز

تهران خطي جي ملڪن تي زور ڏنو آهي تہ هو واشنگٽن کي ايران تي حملي کان روڪين

ڇو تہ آمريڪي ڪارروائي جي صورت ۾ جوابي حملا انهن ملڪن ۾ موجود آمريڪي اڏن تي ڪيا ويندا

لنڊن(م د) ايران ڌمڪي ڏيندي چيو آهي تہ جيڪڏهن آمريڪا حملو ڪيو تہ خطي ۾ موجود سيٽي آمريڪي اڏن کي نشانو بڻائينداسين رائٽرز موجب ايران جي هڪ سينيئر اهلڪار ٻڌايو تہ تهران خطي جي ملڪن کي خبردار ڪيو آهي تہ جيڪڏهن آمريڪا ايران تي حملو ڪيو تہ هو انهن

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

مضبوط، چونڊيل ۽ مالي طور تي خودمختيار مقامي حڪومتون جمهوريت کي موثر بڻائڻ لاءِ لازمي آهن: گيلاني

اسلام آباد(اي پي پي) وقتي صدر سيد يوسف رضا گيلاني مضبوط، چونڊيل ۽ مالي طور تي خودمختيار مقامي حڪومتن کي جمهوريت کي عملي ۽ موثر بڻائڻ جي

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

مناما: صدر آصف علي زرداري بحرين جي صدر شاهہ حماد بن عيسيٰ الخليفا القديبيا سان ڳالهائي ڪري رهيو آهي خاتون اول آصفہ ڀٽو پڻ موجود آهي

ڊي آءِ خان ۾ سي ٽي ڊي جي ڪامياب ڪارروائي، 3 دهشتگرد مارجي ويا

مارجي ويل دهشتگردن جي سڃاڻپ نعمت الله، عبدالرئوف افغاني ۽ مصطفيٰ جي نالن سان ٿي

مارجي ويل دهشتگرد سڌو سنئون پوليس ۽ سيڪيورٽي فورسز تي حملن ۾ ملوث هئا

دهشتگردن کان 3 ڪلاشنڪوف، 3 ميگزين، 2 هينڊ گرينيڊز ۽ ڪيترائي ڪارتوس هٿ

آءِ جي پوليس ۽ ايڊيشنل آءِ جي سي ٽي ڊي پاران سي ٽي ڊي ٽيمز کي خراج تحسين پيش

ڊيره اسماعيل خان(م د) سي ٽي ڊي ڊيره اسماعيل خان ريجن ڪامياب انٽيليجنس بيسڊ ڪارروائي ۾ 3 گهربل دهشتگرد مارجي ويا، ڪارروائي ۾ مارجي ويل دهشتگردن جي سڃاڻپ نعمت الله

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس جي صدارت ۾ جوڊيشل ڪميشن جو اجلاس ٿي رهيو آهي

وياج جي ادائيگي سيڙپي کان وڏو خرچ آهي، سرڪاري ادارن مان هڪ هزار ارب روپيہ ساليانو ضايع ٿي رهيا هئا: ناڻي وزير

ڪجهہ فرمز ملڪ مان وڃم پيا، اسان کي اهو مڃڻ گهرجي تہ ٽيڪس وڌيڪ آهي يا انرجي جي قيمت وڌيڪ آهي

ٽيڪس پاليسي هاڻ ناڻي واري وزارت وٽ آهي، ايف بي آر جو ڪم ٽيڪس محصولات جمع ڪرڻ آهي

ايف بي آر جو ڌيان ٽيڪس گڏ ڪرڻ تي آهي، ٽيڪس پاليسي کي ايف بي آر کان فنانس ڊويزن ڏانهن منتقل ڪيو

اسلام آباد(م د) وفاقي ناڻي واري وزير محمد اورنگزيب چيو آهي تہ وياج جي ادائيگي سيڙپي کان وڏو خرچ آهي سرڪاري ادارن ۾ هڪ هزار ارب روپيہ ساليانو ضايع ٿي رهيا هئا. اهو سچ آهي تہ ڪجهہ فرمز ملڪ مان وڃي رهيا آهن اسان کي اهو مڃڻ گهرجي تہ ٽيڪس وڌيڪ آهي يا انرجي جي قيمت وڌيڪ آهي سڀ حقيقي مسئلا آهن. پاڪستان پاليسي ڊائيلاگ کي خطاب

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

وفاقي ڪابينا پاران ڪرنسي نوٽن جي نئين ڊيزائن تي غور ويچار لاءِ ڪميٽي قائم

ڪرنسي نوٽن جي نئين ڊيزائن جي حوالي سان ڪابينا ڪميٽي جوڙي وئي

100، 500، هڪ هزار ۽ 5 هزار رپين جا نئين ڊيزائن وارا نوٽ متعارف ڪرايا ويندا

اسلام آباد(م د) حڪومت نون ڪرنسي نوٽ ڇاپڻ جو فيصلو ڪيو آهي جنهن جي وفاقي ڪابينا منظوري ڏئي ڇڏي، ڪرنسي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

گلشن معمار ۾ 17 سالن جي ڇوڪري سان زيادتي ڪندڙ بااثر شخص گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گلشن معمار ۾ 17 سالن جي ڇوڪري سان زيادتي ڪندڙ بااثر شخص شهائي سردار کي گرفتار ڪيو ويو آهي تفصيل موجب ڪراچي جي گلشن

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

قومي اسيمبلي اسپيڪر سردار اياز صادق سان چين جي سفير جي ملاقات

ملاقات ۾ پاڪ- چين دوستي، علائقائي ۽ عالمي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ

چين پاڪستان جو اعتماد جوڳو ۽ هر آزمائش ۾ گڏ بيهڻ وارو ملڪ آهي: اسپيڪر

اسلام آباد(اي پي پي) قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر سردار اياز صادق سان عوامي جمهوريہ چين جي سفير پارليامينٽ هائوس ۾ ملاقات ڪئي ملاقات ۾ پاڪ چين دوستي بہ طرفن ناتن کي هٿي وٺرائڻ کان

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: اسپيڪر اياز صادق آسٽريلوي هاءِ ڪمشنر ٽموٿي ڪين جو آڌر ڀاءُ ڪري رهيو آهي

ٽرمپ جي خاص نمائندي جي رضا پهلوي سان ڳجهي ملاقات جو انڪشاف

ويڪ اينڊ تي ٿيندڙ ملاقات ۾ ايران ۾ احتجاج جي معاملي تي خيالن جي ڏي وٺ

ايران ۾ مظاهرن ڪانپوءِ ايراني حڪومت مخالف ۽ ٽرمپ انتظاميہ ۾ پهرين اعليٰ سطحي ملاقات هئي

واشنگٽن(م د) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي خاص نمائندگي اسٽيو وٽڪوف جي ايراني بادشاهہ جي جلاوطن پٽ رضا پهلوي سان ڳجهي ملاقات جو انڪشاف ڪيو آهي آمريڪي ميڊيا موجب ويڪ اينڊ تي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

پشاور هاءِ ڪورٽ جي 6 ايڊيشنل ججز کي مستقل ڪرڻ جي منظوري

چيف جسٽس يحيٰ آفريدي جي صدارت ۾ پشاور هاءِ ڪورٽ جي 10 ايڊيشنل ججز جي مستقلي بابت جوڊيشل ڪميشن جو اجلاس

اجلاس ۾ موجود ميمبرن گڏيل طور تي 6 ججز کي مستقل ڪرڻ ۽ 4 ججز جي مدي ۾ 6 مهينن جي واڌ جي منظوري ڏني

پشاور هاءِ ڪورٽ جي جسٽس محمد طارق آفريدي، جسٽس عبدالفياض ۽ جسٽس فرح جمشيد جي مستقلي تي بہ غور ڪيو ويو

اسلام آباد(م د) جوڊيشل ڪميشن پشاور هاءِ ڪورٽ جي 6 ايڊيشنل ججز کي مستقل ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي چيف جسٽس پاڪستان يحيٰ آفريدي جي صدارت ۾ پشاور هاءِ ڪورٽ جي 10

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

پنجاب جي سرڪاري کاتن ۾ پيٽرول ۽ ڊيزل گاڏين جي خريداري تي پابندي جو فيصلو

آئنده صرف اليڪٽرڪ يا هائبرڊ گاڏيون خريد ڪري سگهبيون: چيف سيڪريٽري

نئين پيٽرول پمپس جي اين او سي هاڻ اليڪٽرڪ چارجنگ يونٽ سان مشروط هوندي

نون پيٽرول پمپن کي اليڪٽرڪ چارجنگ يونٽ ڪانسواءِ ڪم جي اجازت نہ هوندي

ماحولياتي تحفظ جي لاءِ گرين انرجي کي هٿي ڏيڻ ترجيح آهي

لاهور(م د) پنجاب حڪومت سرڪاري کاتن ۾ پيٽرول ۽ ڊيزل گاڏين جي خريداري تي پابندي لڳائڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

...ban Devolution
Charter 2026

اسلام آباد: وقتي صدر يوسف رضا گيلاني کي اسلام آباد ڊوولپوشن سمٽ جي موقعي تي شيلڊ ڏني پئي وڃي

احتجاج جو سڏ عمران خان جو نہ پر اپوزيشن اتحاد جو آهي: عليمہ خان

اسان عدالت کي چيو تہ عمران خان عدليہ جي آزادي لاءِ پرامن احتجاج جو چيو هو

توهان جي آزادي لاءِ آواز اٿارڻ تي اسان ٿي جيلن ۾ وجهڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي

پي ٽي آءِ باني عمران خان ملڪ ۾ قانون جي بالادستي چاهي ٿو

عدالتن مان انصاف ملي ها تہ اڄ اسان جي هيءَ حالت نہ هجي ها

راولپنڊي(م د) عليما خان چيو آهي تہ 8 فيبروري تي احتجاج جو سڏ عمران خان جو نہ پر اپوزيشن اتحاد جو آهي پنهنجي وڪيل فيصل ملڪ سان گڏ صحافين سان ڳالهائيندي عليما خان چيو تہ اسان عدالت

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

پيپلز پارٽي جي حڪومت ڪراچي لاءِ وڏو پيڪيج آڻي رهي آهي: مرتضيٰ وهاب

ڪراچي وارن پ پ کي موقعو ڏنو تہ ڪم ٿي رهيو آهي، ترقياتي ڪمن جي معيار تي ڪا سوديبازي نہ ٿيندي

ڪي ايم سي ۽ سنڌ حڪومت گڏجي ڪم ڪري رهيا آهن، تعميراتي ڪم مرحلي وار مڪمل ڪيا پيا وڃن

ڪراچي(بيورو رپورٽ) ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب چيو آهي تہ ڪراچي وارن پ پ کي موقعو ڏنو تہ ڪم ٿي رهيو آهي پنهنجي بيان ۾ مرتضيٰ وهاب چيو تہ ايندڙ ڪجهہ ڏينهن ۾ بلاول ڀٽو جي

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ٽي ٽي پي افغانستان مان پاڪستان ۾ دهشتگردي ڪري پئي، حڪومت وٽ پڪيون شاهديون موجود آهن: علي امين

افغان حڪومت ۽ تحريڪ طالبان افغانستان جي علم ۾ آهي تہ اهو سڀ ڪجهہ انهن جي حمايت سان ٿي رهيو آهي

خيبرپختونخواهہ ۾ پيش ايندڙ دهشتگردي جي ڪيترن ئي واقعن ۾ افغان شهري ملوث هئا

دهشتگرد سرگرمين جي ڪيترن ئي واقعن ۾ افغان شهرين کي گرفتار ڪيو ويو

پشاور(م د) خيبرپختونخواهہ جي اڳوڻي وڏي وزير علي امين گنڊاپور تصديق ڪئي آهي تہ افغان زمين جا پاڪستان جي خلاف دهشتگردي جي لاءِ استعمال ٿيڻ جا واضح دستاويزي ثبوت موجود آهن نجي چينل سان ڳالهيون ڪندي علي امين گنڊاپور چيو تہ مان اڳوڻي وڏي وزير جي حيثيت سان اها تصديق ڪريان ٿو تہ صوبائي ۽ وفاقي ٻنهي حڪومتن وٽ پڪيون شاهديون موجود آهن تہ تحريڪ طالبان پاڪستان افغانستان مان پاڪستان ۽ خاص طور تي خيبرپختونخواهہ ۾

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

لاهور: نيب جو ڊپٽي چيئرمين سهيل ناصر گڏجاڻي جي صدارت ڪري رهيو آهي

ڪراچي ۾ پهاڙي تان هيٺ ڪرڻ سبب هڪ ڄڻو فوت ٿي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سائيٽ اي ٿاڻي جي حد سائٽ ايريا ايف اي 636 ويجهو پهاڙي تان ڪري پوڻ جي نتيجي ۾ لياقت علي ولد جمبي خان فوت ٿي ويو زمان ٽائون ٿاڻي جي حد ڪورنگي سو ڪوارٽر

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ٽي ٽوئنٽي ورلڊ ڪپ کان اڳ پاڪ - آسٽريليا سيريز جو شيڊيول جاري

پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ آسٽريليا جي پاڪستان دوري جي تصديق ڪئي

3 ٽي ٽوئنٽي ميچن جي سيريز جي شيڊيول جو اعلان ڪيو ويو

لاهور(م د) پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ ٽي ٽوئنٽي ورلڊ ڪپ کان اڳ آسٽريليا خلاف هوم سيريز لاءِ شيڊيول جاري ڪري ڇڏيو پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ آسٽريليا جي پاڪستان دوري جي تصديق ڪندي 3 ٽي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ريڙهي واري جو ٽريفڪ پوليس آفيسر تي تشدد، وڊيو وائرل

صدر ۾ ريڙهي وارن ٽريفڪ پوليس آفيسر کي تشدد جو نشانو بڻايو

پوليس هڪ جوابدار کي گرفتار ڪري واقعي جو ڪيس داخل ڪري ورتو

ڪراچي(بيورو رپورٽ) شهر جي مصروف ترين علائقي صدر ۾ ريڙهي وارن جي بدمعاشي عروج تي پهچي وئي، ٽريفڪ پوليس آفيسر کي تشدد جو نشانو بڻائي ڇڏيو واقعي جي فوٽيج بہ سوشل ميڊيا تي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

بهاولپور ۾ هيٽر مان باهہ لڳڻ سبب زال مڙس سميت 3 ڄڻا سڙي فوت

حاصل پور ۾ هيٽر مان باهہ لڳڻ سبب بزرگ زال مڙس فوت ٿي ويا

خانقاهہ شريف ۾ موٽر مڪينڪ دڪان ۾ هلايل هيٽر مان لڳل باهہ ۾ سڙي فوت

بهاولپور(م د) بهاولپور ۾ باهہ لڳڻ جي ٻن مختلف واقعن ۾ زال مڙس سميت 3 ڄڻا سڙي فوت ٿي ويا آهن ريسڪيو اختيارين موجب حاصل پور ۾ گهر ۾ سيءُ کان بچڻ جي لاءِ هلايل هيٽر مان باهہ لڳڻ سبب

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ غير قانوني طور تي رهندڙ افغانين خلاف ڪريڪ ڊائون، ٻہ ڄڻا سوگها

ڪياماڙي پوليس گشت دوران ڪامياب ڪارروائي ڪندي احسان الله ۽ منصور کي گرفتار ڪيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي شهر ۾ غير قانوني طور تي رهندڙ افغانين خلاف ڪريڪ ڊائون جاري آهي ڪياماڙي شيرشاهہ پوليس گشت دوران ڪامياب ڪارروائي ڪندي ٻن غير قانوني افغان

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم يوٿ پروگرام جو چيئرمين راڻا مشهود يوٿ پروگرام ۽ والنٽيئري سروسز اوور سيز جي وچ ۾ ڊاهہ ٿيڻ وقت موجود آهي

ڪراچي ۾ آمريڪا، ڪينيڊا ۽ پاڪستان جي مختلف شهرن کان ايندڙ مهمانن کي آجياڻو

مشهور ڪاروباري شخصيت اسرار احمد پيرزادي بحريا ٽائون ۾ تقريب منعقد ڪئي

تقريب ۾ سانا جي عهديدارن ۽ ٻين مهمانن کي اجرڪ ۽ سنڌي ٽوپي جا تحفا پيش ڪيا ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آمريڪا، ڪينيڊا ۽ پاڪستان جي مختلف شهرن کان ايندڙ مهمانن جي اعزاز ۾ ڪراچي جي مشهور ڪاروباري شخصيت اسرار احمد پيرزادي پاران هڪ استقباليہ تقريب منعقد ڪئي وئي تقريب بحريا ٽائون ڪراچي ۾ خوشگوار ماحول ۾ منعقد ڪئي وئي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ويجهو زيارت حسن شاهہ بيٽ کي سياحت مرڪز ۾ تبديل ڪرڻ جو اعلان

بيٽ تي ماحول دوست رائيڊين ۽ هڪ جامع سياحتي منصوبو متعارف ڪرايو ويندو: وفاقي وزير جنيد چوڌري

حڪومت پاڪستان جي ساحلي پٽي کي معاشي انجڻ بڻائڻ لاءِ سنجيده قدم کڻي رهي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ويجهو زيارت حسن شاهہ بيٽ کي ماحولياتي سياحت جي مرڪز ۾ تبديل ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي، ان منصوبي تي هڪ کان ڏيڍ ارب رپيا خرچ اچڻ جو اندازو آهي تفصيل موجب بحري معاملن جي وفاقي وزير جنيد انور چوڌري ڪراچي ويجهو زيارت

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وقتي صدر يوسف رضا گيلاني اٽلي جي سفير ميرلينا آرملين کي شيلڊ ڏئي رهيو آهي

غزا ۾ اسرائيل جا حملا جاري، ٽن مهينن ۾ 100 ٻارن سوڌو 442 ڄڻا شهيد

مارجي ويل ٻارن ۾ 60 ڇوڪرا ۽ 40 ڇوڪريون شامل آهن: گڏيل قومن جي ٻالي اداري يونيسيف

جنگبندي باوجود روز سراسري طور هڪ ٻار کي ماريو پيو وڃي

فضائي حملن، ڊرون حملن، ٽينڪن جي گولا باري ۽ سڌي ريت فائرنگ ۾ ٻار مارجي ويا

نيو يارڪ(م د) گڏيل قومن انڪشاف ڪيو آهي تہ جنگبندي باوجود گڏيل ٽن مهينن دوران غزا ۾ اسرائيلي حملن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 100 ٻار مارجي چڪا آهن گڏيل قومن جي ٻالي اداري يونيسيف موجب

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ ورلڊ لبرٽي فنانشل وچ ۾ ڊجيٽل ادائيگين ۾ جدت لاءِ مفاهمتي يادداشت تي صحيحون

وزيراعظم ۽ فيلڊ مارشل جي موجودگي ۾ ڊجيٽل ادائيگين بابت اهم يادداشت تي صحيحون ڪيون ويون

تقريب ۾ وزيراعظم شهباز شريف، نائب وزيراعظم اسحاق ڊار، فيلڊ مارشل عاصم منير ۽ ٻين اعليٰ اختيارين جي شرڪت

ڊجيٽل ڪنيڪٽيويٽي، شفافيت ۽ عوامي پهچ حڪومت جي ترجيح آهي: وزيراعظم شهباز شريف

اسلام آباد(م د) پاڪستان ۽ ورلڊ لبرٽي فنانشل وچ ۾ مفاهمتي يادداشت تي صحيحون ٿي ويون پاڪستان ۽ ورلڊ لبرٽي فنانشل وچ ۾ ڊجيٽل ادائيگين ۾ جدت لاءِ مفاهمتي يادداشت تي صحيحون ٿيون تقريب ۾ وزيراعظم شهباز شريف، نائب وزيراعظم اسحاق ڊار، چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل عاصم منير ناڻي واري وزير محمد اورنگزيب ۽ ٻين اعليٰ اختيارين شرڪت ڪئي هوڏانهن وزيراعظم سان ورلڊ لبرٽي فنانشل آمريڪا جي وفد چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر زيچري

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ويجهو ڳوٺ ۾ دڪان ٻاهران فائرنگ 42 سالن جو شخص قتل ٿي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي سائيٽ سپر هاءِ وي تي محمدي ڳوٺ ۾ دڪان ٻاهران فائرنگ 42 سالن جو شاهہ حسين قتل ٿي ويو، پوليس موجب موٽرسائيڪل

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ملڪيت جي تڪرار سبب جوابدار جي فائرنگ ۾ هڪ شخص مارجي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) منگهوپير ٿاڻي جي پوليس موجب اجتماع گاهہ جي ويجهو منگهو پير ۾ ملڪيت جي تڪرار سبب نصيب خان جي فائرنگ ۾ هڪ شخص

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

ويرات ڪوهلي هڪ ڀيرو ٻيهر ون ڊي جو نمبر ون بيٽر بڻجي ويو

دبئي(م د) ڀارتي ليجنڊ بيٽر ويرات ڪوهلي ون ڊي رينڪنگ ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر پهرين پوزيشن تي اچي ويو آءِ سي

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

خيرپور پوليس پاران بين الصوبائي گروهہ جي ٻن منشيات سپلائرن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

خيرپور(ء ر) ايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومرو ٻڌايو تہ خيرپور پوليس قومي شاهراهہ جي ببرلو وٽ ڊي ايس پي

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

خيرپور ٽيچنگ سول اسپتال جي چيئرمين جو اوچتو دورو، غيرحاضر عملي خلاف ڪارروائي جو حڪم

خيرپور(ء ر) خيرپور ٽيچنگ سول اسپتال جي چيئرمين جو مختلف وارڊن جو اوچتو دورو غير حاضر عملي خلاف ڪارروائي جا

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻو: هڪ مسافر گاڏي شديد ڪوهيڙي مان گذري رهي آهي

ٿائيلينڊ ۾ مسافر ٽرين ڪرين سان ٽڪرائجي وئي، 22 مسافر فوت

بئنڪاڪ کان اوبون رتچاٿاني ويندڙ ايڪسپريس ٽرين کي ناخون رتچاسيما ۾ حادثو پيش آيو

حادثي ۾ 22 ڄڻا فوت ٿي چڪا آهن ۽ 50 کان وڌيڪ زخمي آهن: انتظاميہ

ڪراچي(م د) ٿائيلينڊ ۾ مسافر ٽرين ٽريڪ تي ڪريل اڏاوتي ڪرين سان ٽڪرائجي وئي، جنهن سبب ڪيترائي ماڻهو فوت ٿي ويا آهن پرڏيهي ميڊيا موجب، بئنڪاڪ کان اوبون رتچاٿاني ويندڙ ايڪسپريس ٽرين کي ٿائيلينڊ جي شهر ناخون رتچاسيما ۾ خوفناڪ حادثو پيش آيو انتظاميہ جو چوڻ

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ ترقياتي اسڪيمن ۾ ڪابہ ڪوتاهي برداشت نہ ڪئي ويندي: جام خان شورو

تعليم کاتي جون اسڪيمون جلد مڪمل ڪيون وڃن جيئن شاگردن کي سهولتون ملي سگهن

اجلاس ۾ ضلعي ٺٽي ۽ خيرپور ۾ مختلف روڊن جي تعمير ۽ مرمت بابت پڻ بريفنگ ڏني وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) منصوبا بندي ۽ ترقي واري صوبائي وزير جام خان شورو جي صدارت هيٺ آبپاشي، ورڪس اينڊ سروسز، صحت ۽ تعليم کاتن جي جاري ۽ تجويز ڪيل ترقياتي اسڪيمن جي جائزي لاءِ اهم اجلاس منعقد ٿيو، اجلاس ۾ چيئرمين پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ سيد نجم احمد شاهہ

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

گورنر ٿر ڪول اينڊ انرجي بورڊ (ترميمي) بل تي صحيحون ڪري ڇڏيون

سنڌ جي گورنر جي منظوري کان پوءِ ترميمي بل هڪ باضابطہ قانون بڻجي ويو

هاڻ بورڊ کي ڪوئلي جي قيمت، شرح ۽ ٻين چارجز کي سڌو ڪنٽرول ڪرڻ جو اختيار هوندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري ٿر ڪول اينڊ انرجي بورڊ (ترميمي) بل 2025 تي صحيحون ڪري ڇڏيون آهن. جنهن کان پوءِ بل هڪ باضابطہ قانون بڻجي ويو آهي سنڌ جي گورنر جي منظوري کان پوءِ ٿر ڪول اينڊ انرجي بورڊ (ترميمي) ايڪٽ 2025 فوري

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

تحفو افتتاح ڪيو ويندو آهي هن چيو ته ٿرپارڪر جو هي علائقو ۽ هتي جا ماڻهو هر اليڪشن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي سان گڏ بيهي اهو ثابت ڪن ٿا ته هو شهيد محترمه بينظير ڀٽو قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي سان محبت ڪن ٿا پاڪستان پيپلز پارٽي خاص طور تي ٿرپارڪر جي ترقي لاءِ جيڪا محنت ڪئي آهي ان مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته پارٽي کي ٿرپارڪر جي عوام سان ڪيتري محبت آهي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته ٿرپارڪر جي ترقي پاڪستان جي ترقي لاءِ ضروري آهي جيئن سنڌ صوبي جي ترقي ملڪ جي ترقي سان جڙيل آهي پر بدقسمتي سان هڪ مخصوص بيانيي ۽ مهم تحت نه رڳو ٿرپارڪر پر پوري سنڌ صوبي جي ڪردار کي گهٽ ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي، ته جيئن صوبن جي حقن ۽ اختيارن تي ڌاڙو هنيو وڃي ۽ اهو تاثر ڏنو وڃي ته سنڌ حڪومت ڪجهه به نه ڪيو آهي پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته ڪجهه قوتون سنڌ جي حقن تي ڌاڙو هڻڻ چاهين ٿيون هڪ سازش تحت سنڌ جي ڪردار ڪشي ڪئي ويندي آهي هن چيو ته ان ڪوڙي بيانيي جو سڀ کان وڏو جواب خود ٿرپارڪر آهي 2018 کان اڳ، يعني ارڙهين ترميم کان اڳ وارو ٿرپارڪر سڀني جي سامهون آهي ۽ اڄ 2026 وارو ٿرپارڪر به سامهون آهي ترقي جو فرق واضح نظر اچي ٿو بلاول ڀٽو زرداري چيو ته ٿر جو ڪوئلو هتان جي عوام جو اثاثو آهي ٿرپارڪر ۾ ايترو ڪوئلو موجود آهي جيترو سعودي عرب وٽ تيل آهي، پر بدقسمتي سان ماضي ۾ اسان کي اهو اثاثو استعمال ڪرڻ جي اجازت نه ڏني وئي شهيد محترمه بينظير ڀٽو جڏهن به ڪوشش ڪئي ته سازشن ذريعي انهن ڪوششن کي روڪيو ويو اها ملڪ، عوام ۽ قومي معيشت جي بدقسمتي رهي جو جيڪا معاشي ترقي 1993 ۾ ممڪن هئي، اها 2008 کان پوءِ شروع ٿي هن چيو ته ٿر ڪول منصوبي نه رڳو ٿرپارڪر ۾ معاشي انقلاب آندو پر هتان پيدا ٿيندڙ بجلي سبب فيصل آباد جهڙن صنعتي شهرن کي به فائدو پهتو ٿر جو پيدا ٿيندڙ ڪوئلو قومي گرڊ ۾ شامل ڪري صنعتي مرڪزن تائين پهچايو ويو ۽ اهڙي ريت مضبوط وفاق هلن ٿا. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته ٿر جي ڪوئلي سبب هتي سماجي انقلاب به آيو آهي جتي اڳ نه ڊسپينسريون هيون نه بيسڪ هيلٿ يونٽس ۽ نه ئي اسپتالون اڄ حڪومتي سيڙپڪاري ۽ معاشي فائدن سبب سڄي ٿرپارڪر ۾ صحت جو جار وڇايو ويو آهي ڊسپينسريون، بي ايڇ يوز ۽ اسپتالون قائم ڪيون ويون آهن هن چيو ته ٿر ڪوئلي مان حاصل ٿيندڙ منافعي جو هڪ حصو ٿر فائونڊيشن کي ڏنو وڃي ٿو ته جيئن اها هتي سماجي ڪم ڪري سگهي ٿر فائونڊيشن اسپتالون تعمير ڪيون آهن اهي اسپتالون پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت هلن ٿيون بلاول ڀٽو زرداري چيو ته اڄ اسان اين اي ڊي يونيورسٽي جي ٿر انسٽيٽيوٽ جو افتتاح ڪري رهيا آهيون جيڪو ٿرپارڪر جي عوام جو پراڻو مطالبو هو 2019 ۾ ٿر جي نوجوانن يونيورسٽي جو مطالبو ڪيو جنهن کان پوءِ اسان هن منصوبي تي ڪم شروع ڪيو شروعات ۾ اين اي ڊي يونيورسٽي سرڪاري عمارت ۾ ڪلاسن جو آغاز ڪيو ۽ اڄ مان هتي مستقل ڪيمپس جي عمارت جو افتتاح ڪرڻ آيو آهيان هن چيو ته سنڌ جي وڏي وزير اسان سان واعدو ڪيو آهي ته موجوده حڪومت جي مدت ختم ٿيڻ کان اڳ اين اي ڊي ٿر ڪيمپس کي مڪمل يونيورسٽي جو درجو ڏنو ويندو بلاول ڀٽو زرداري چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي حڪومت غريب ۽ عوام دوست حڪومت آهي صحت هجي يا تعليم اسان هميشه عوام جي ڀلائي کي اوليت ڏيون ٿا. اها حقيقت آهي ته 2008 کان اڳ سنڌ ۾ جيڪي يونيورسٽيون هيون پيپلز پارٽي جي حڪومت انهن جو انگ ٻيڻو ڪيو آهي ۽ جيڪڏهن ڪيمپسز کي به ڳڻيو وڃي ته تعداد ان کان به وڌيڪ ٿئي ٿو هن چيو ته مون کي فخر آهي ته هن يونيورسٽي ۾ وڏي تعداد ۾ نياڻيون تعليم حاصل ڪري رهيون آهن اهو شهيد محترمه بينظير ڀٽو جو خواب هو ته عورتن کي تعليم جا برابر موقعا ملن مون کي اميد آهي ته ٿرپارڪر جا نوجوان خاص طور تي نياڻيون تعليم ذريعي ترقي ڪنديون. هن وڌيڪ چيو ته اها به فخر جي ڳالهه آهي ته گلگت بلتستان کان به نوجوان اين اي ڊي ٿر ڪيمپس ۾ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ اچي رهيا آهن آخر ۾ بلاول ڀٽو زرداري چيو ته جيڪي ماڻهو اهو سمجهن ٿا ته سنڌ ۾ ترقي جو رستو صرف اسلام آباد مان گذري ٿو ٿرپارڪر انهن سڀني ڳالهين کي غلط ثابت ڪري ڇڏيو آهي. تعليم هجي، صحت هجي يا پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت بجلي پيدا ڪرڻ جو ملڪ وڏو منصوبو هجي انهي ۾ ٿرپارڪر عملي مثال قائم ڪيو آهي.

خواب جي تعبير سنڌ حڪومت شروع ڪري ڇڏي آهي ۽ هاڻي ٿر جي ڪوئلي مان بجلي به پيدا ٿي رهي آهي هن چيو ته اٿون 2005 ۾ ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي جي چونڊ مهم دوران ٿر آيو هئس تڏهن ڪراچي کان مٺي پهچڻ ۾ 8 ڪلاڪ لڳندا هئا پر هاڻي روڊ رستا ٺهڻ سبب اهو سفر 4 ڪلاڪن جو آهي پر هن درشن ڪمار ملاڻي جو نالو نه ڪٺندي سندس ڏانهن اشارو ڪندي چيو ته هڪڙو ڊرائيور 3 ڪلاڪن ۾ ڪراچي کان مٺي پهچائيندو آهي پر اڃان به اوهان کي ٿر جلدي پهچڻو آهي ته هوائي

اڏو به استعمال ڪري سگهجي ٿو هن چيو ته اسان بلاول ڀٽو جي اڳواڻي ۾ ٿر ۾ آر او پلانٽس ۽ صحت جي شعبن تي تمام گهڻو ڪم ڪيو آهي ۽ پ پ حڪومت ٿر کي بدلايو آهي ۽ هن ٿر مان پاڪستان لاءِ بجلي پيدا ڪري رهيا آهيون اهي ٿر جا معدني ذخيرا اوهان جي قسمت بدلائيندا. هن چيو ته بلاول ڀٽو زرداري ٿر ۾ هڪ سئو يونٽ بجلي مفت ڏيڻ جو اعلان ڪيو هو هاڻي اهي بل سنڌ حڪومت ادا ڪري رهي آهي. هن چيو ته ڪالهه جناح يونيورسٽي ڪراچي جي ڪنووڪيشن ۾ شرڪت لاءِ ويس اتي پوزيشن هولڊر سمورا شاگرد اقليتي هئا جنهن تي اسان کي خوشي ٿي. هن چيو ته ٿر انسٽيٽيوٽ آف سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جو ادارو ٿر ۾ تعمير ڪرايو آهي جيڪا ٿرواسين کان تعليم جي هڪ وڏي سهوليت فراهم ڪئي آهي ۽ اهي شاگرد اڳتي هلي پاڪستان جي قسمت بدلائيندا.

جي موقعي تي سيڪيورٽي جا انتظام انتهائي سخت ڪيا ويا، افتتاحي تقريب ۾ بلاول ڀٽو زرداري سان گڏ ٿر جا مقامي اڳواڻ مهيش ڪمار ملاڻي، ڊاڪٽر کٽو مل، ويرجي ڪولهي ۽ ٻيا موجود هئا

جواب خوشگوار موڊ ۾ ڏنا، هڪ موقعي تي صحافي پاران ٿر ڪول ۾ مقامي ماڻهن جي روزگار بابت پڇيل سوال جي جواب ۾ پ پ چيئرمين خوشگوار موڊ ۾ جواب ڏيندي چيو ته "ٿر مان ڪوئلو پاڻ ٿي نڪري پيو، پاڻ کي ٽرڪن ۾ لوڊ ٿئي ٿو ۽ پاڻ کي گاڏيون هلن ٿيون" هن چيو ته ٿر ڪول ۾ مقامي ماڻهن کي وڏي انگ ۾ روزگار ڏنو ويو آهي، هتي جون ٿري عورتون هيوي گاڏيون هلائين پيون پر اوهان چئو ٿا ته مقامي ماڻهن کي روزگار ناهي مليو افتتاحي تقريب کي خطاب ڪانپوءِ بلاول ڀٽو زرداري اسٽيج تان لهڻ شرط ٿر جي سينيئر پ پ اڳواڻ ڊاڪٽر کٽومل جيوڻ وٽ هليو ويو ۽ سندس طبعيت معلوم ڪئي

حڪومت جي اولين ترجيح آهي وفاقي حڪومت بابت ڳالهائيندي هن چيو ته هائر ايجوڪيشن ڪميشن اسلام آباد طرفان يونيورسٽين کي ڏني ويندڙ گرانٽس تي 2018 ۾ آيل نام نهاد حڪومت ڪيپ ۽ سيلنگ لاڳو ڪئي هن ٻڌايو ته سڄي پاڪستان جي يونيورسٽين لاءِ 64 ارب رپين جي گرانٽ مقرر هئي، جيڪا سڀني وفاقي يونٽن ۾ ورهائي ويندي هئي، پر 2025 ۽ 2026 ۾ به اها رقم ساڳي آهي ۽ هڪ رپيو به واڌارو نه ڪيو ويو آهي، جڏهن ته مهانگائي ۽ انفليشن ۾ وڏي واڌ ٿي چڪي آهي. هن چيو ته سڀني صوبن ۽ يونيورسٽين جو مطالبو آهي ته هائر ايجوڪيشن ڪميشن يونيورسٽين لاءِ فنڊ وڌائي هن وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت يونيورسٽين کي نه رڳو باقاعده گرانٽس ڏئي رهي آهي، پر ضرورت پوڻ تي بيل آئوٽ پيڪيجز به ڏنا ويا آهن هن چيو ته 2020 ۽ 2021 دوران سنڌ حڪومت يونيورسٽين کي ساليانو طور 6 ارب رپيا گرانٽس ڏئي رهي هئي، جيڪا رقم هاڻي وڌي 43 ارب رپيا ٿي چڪي آهي.

پڪريان ٿرپارڪر لاءِ انشاءَ الله وسيلن جي ڪمي نه ٿيندي ۽ اسان هن اداري کي اڳتي هلي مڪمل يونيورسٽي جو درجو ڏينداسين ۽ 2028 ۾ انهي ڪئمپس کي يونيورسٽي ۾ تبديل ڪنداسين

2008 تائين 62 سالن جي عرصي دوران سنڌ ۾ ڪل 14 يونيورسٽيون قائم ٿيون جڏهن ته 2008 کان پوءِ پاڪستان پيپلز پارٽي جي 17 سالن جي حڪومت ۾ 16 نيون يونيورسٽيون قائم ڪيون ويون آهن جيڪڏهن يونيورسٽي ڪيمپسز جي ڳالهه ڪجي ته 2008 کان اڳ رڳو به ڪيمپس موجود هئا، جن مان هڪ اين اي ڊي يونيورسٽي جو ڪيمپس، جيڪو 1977 ۾ قائم ٿيو ۽ ٻيو ڊاؤ ميڊيڪل ڪاليج جو اوجها ڪيمپس هو ان کان سواءِ ڪنهن به يونيورسٽي جو ٻيو ڪيمپس موجود نه هو هن چيو ته ٿر ۾ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جنهن ڪيمپس جو افتتاح ڪيو آهي اهو سنڌ ۾ قائم ٿيندڙ 18هون ڪيمپس آهي جن مان 16 ڪيمپس سنڌ حڪومت پنهنجي وسيلن سان قائم ڪيا آهن

ڪندي ناڻي واري وزير چيو ته ٽيڪس پاليسي هاڻ ناڻي واري وزارت وٽ آهي. ايف بي آر جو ڪم ٽيڪس محصولات جمع ڪرڻ آهي ايف بي آر جو ڌيان ٽيڪس گڏ ڪرڻ تي آهي ٽيڪس پاليسي کي ايف بي آر کان فنانس ڊويزن ڏانهن منتقل ڪيو گذريل سال 38 ارب ڊالر جي ترسيلات مليون هيون هلندڙ سال 41 ارب ڊالر جي ترسيلات ملڻ جي اميد آهي محمد اورنگزيب چيو ته ٽيرف شعبي ۾ وڏي اصلاحات متعارف ڪرائي آهي اهو سچ آهي ته ڪجهه فرمز ملڪ کان ٻاهر وڃي رهيا آهن اسان کي اهو مڃڻ گهرجي ته ٽيڪس وڌيڪ آهي يا انرجي جي قيمت وڌيڪ آهي اهي سڀ حقيقي مسئلا آهن اسان جيتري ڊيوٽيز وڌائينداسين اوترو اسان جي لاءِ نقصان آهي اسان کي ڊيوٽيز کي معقول تي آڻڻو پوندو ۽ ڪاروباري لاڳت گهٽ ڪرڻي پوندي. ناڻي واري وزير چيو ته غير بينڪنگ ماڻهن کي باقاعده مالياتي نظام ۾ شامل ڪيو پيو وڃي.

معمار علائقي ۾ 17 سالن جي ڇوڪري سان زيادتي جي ڪيس ۾ پوليس مکيه جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو آهي پوليس عملدارن جو چوڻ آهي ته گذريل ڏينهن پيش آيل واقعي جو ڪيس داخل ڪرڻ کان پوءِ ڇاپو هنيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ مکيه جوابدار شهائي سردار کي گرفتار ڪيو ويو آهي پوليس جو چوڻ آهي ته گرفتار جوابدار کي وڌيڪ قانوني ڪارروائي ۽ پڇا ڳاڇا لاءِ جاچ اختيارين جي حوالي ڪيو ويندو پوليس موجب متاثر ڇوڪري کي عورت پوليس آفيسرن جي سخت نگراني ۾ طبي معائني لاءِ موڪليو ويو آهي ڪيس ۾ جاچ جي وڌيڪ دفعات ميڊيڪل رپورٽ جي روشني ۾ اڳتي وڌائي ويندي شروعاتي جاچ ۽ متاثر ڇوڪري جي بيان موجب، واقعي ۾ جوابدار ملوث هئا.

نوٽن جي نئين ڊيزائن جي حوالي سان ڪابينا ڪميٽي جوڙي وئي آهي وزيراعظم جي صدارت هيٺ وفاقي ڪابينا اجلاس ۾ ناڻي واري وزارت اسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان طرفان جاري ٿيندڙ نئين ڊزائن وارن نوٽن جي حوالي سان بريفنگ ڏني اجلاس ۾ ٻڌايو ويو ته 100، 500، هڪ هزار ۽ 5 هزار رپين جا نئين ڊيزائن وارا نوٽ متعارف ڪرايا ويندا، نون ڪرنسي نوٽن ۾ وڌيڪ بهتر سيڪيورٽي فيچر جو استعمال ڪيو ويندو وفاقي ڪابينا ڪرنسي نوٽن جي نئين ڊيزائن تي غور ويچار لاءِ ڪابينا ڪميٽي جوڙي ڇڏي

علاوه اهم علائقائي ۽ عالمي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي قومي اسيمبلي سيڪريٽريٽ موجب ان موقعي تي ڳالهيون ڪندي اسپيڪر چيو ته چين پاڪستان جو ويجهو اعتماد جوڳو ۽ هر آزمائش جي گهڙيءَ ۾ پاڪستان سان گڏ بيهڻ وارو ملڪ آهي هن چيو ته پاڪستان کي چين سان پنهنجي سدا بهار دوستيءَ تي فخر آهي جيڪو گڏيل اعتماد ۽ احترام جي مضبوط بنيادن تي ٻڌل آهي اسپيڪر پاڪستان ۽ چين وچ ۾ اقتصادي ۽ دفاعي شعبن ۾ ويجهي سهڪار کي تعريف جوڳو قرار ڏيندي چيو ته پاڪ چين اسٽريٽجڪ ڀائيواري هر گذرندڙ ڏينهن سان وڌيڪ مضبوط ٿي رهي آهي هن چيو ته ٻنهي ملڪن هر ڏکئي وقت ۾ هڪٻئي جو ساٿ ڏنو آهي ۽ پاڪ چين دفاعي سهڪار خطي ۾ پائيدار امن جي قيام ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي

ٿيندڙ ملاقات ۾ ايران ۾ احتجاج جي معاملي تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. پرڏيهي خبررسان ادارن جو چوڻ آهي ته ايران ۾ پرتشدد مظاهرن ڪانپوءِ ايراني حڪومت مخالف شخصيت ۽ ٽرمپ انتظاميا وچ ۾ اها پهرين اعليٰ سطحي ملاقات هئي ان کان اڳ گذريل هفتي ٽرمپ اشارو ڏنو هو ته هو پهلوي سان ملڻ جو ارادو نٿو رکي واضح رهي ته ايران جي آخري بادشاهه جي جلاوطن پٽ رضا پهلوي ايران ۾ مهانگائي خلاف جاري احتجاج ۾ شدت آڻڻ لاءِ سڄي ملڪ جي عوام کي اپيل ڪئي هئي ته اهي روڊن تي نڪرن

دهشتگردي جون ڪارروايون ڪري رهي آهي هن چيو ته افغان حڪومت ۽ تحريڪ طالبان افغانستان جي علم ۾ آهي ته اهو سڀ ڪجهه انهن جي حمايت سان ٿي رهيو آهي خيبرپختونخواهه ۾ پيش ايندڙ دهشتگردي جي ڪيترن ئي واقعن ۾ افغان شهري ملوث هئا جڏهن ته دهشتگرد سرگرمين جي ڪيترن ئي واقعن ۾ افغان شهرين کي گرفتار ڪيو ويو ياد رهي ته انهي کان اڳ خيبرپختونخواهه جي موجوده وڏي وزير سهيل آفريدي چيو هو ته رياست کي انهي دعويٰ جي حق ۾ شاهديون فراهم ڪرڻ گهرجن ته افغانستان جي زمين پاڪستان ۾ دهشتگردي جي لاءِ استعمال ٿي رهي آهي

ويجهو نور مسجد لڳ گهر جي ڇت جو ملبو ڪرڻ جي نتيجي ۾ عورت ۽ مرد زخمي ٿي پيا. جن جي سڃاڻپ نور حسين ولد نور نبي ۽ عورت بشري عباس جي نالي سان ٿي آهي زخمين کي طبي امداد جي لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو

جيڪا مهمان نوازي ۽ ثقافتي هم آهنگي جي جذبي جي عڪاسي ڪري ٿي.ان موقعي تي ساڻا جي عهديدارن جن ۾ علي خاصخيلي ڊاڪٽر مقبول هاليپوٽو ۽ سهيل احمد سومرو شامل هئا، کي باضابطه طور تي تسليم ڪيو ويو ۽ انهن جي خدمتن جي تعريف ڪئي وئي. تقريب ۾ وڏي تعداد ۾ اهم شخصيتن شرڪت ڪئي جن ۾ پروفيسر انعام شيخ غلام سرور خشڪ ڊاڪٽر راشد پيرزاده اعجاز شيخ کي ايم ميراڻي ڊاڪٽر جاويد خواجه، وزير چند، نظام شيخ عرفان تنوري، ڊاڪٽر بدرالدين گڏا حسين ڊاڪٽر ملوڪ صلاح الدين عباسي رياض شيخ زاهد لاکو رشيد ميمڻ ڊاڪٽر موهن ۽ ٻيا معزز مهمان شامل هئا.تقريب جي اختتام تي مهمانن کي روايتي سنڌي ثقافتي تحفا پيش ڪيا ويا، جن ۾ اجرڪ ۽ سنڌي ٽوپي شامل آهن تقريب ۾ شرڪت ڪندڙن اسرار احمد پيرزاده جو تقريب جي ميزباني ۽ سندس گرمجوشي سان مهمان نوازي ڪرڻ تي شڪريو ادا ڪيو

حسن شاه بيٽ کي جديد ماحولياتي سياحت جي مرڪز ۾ تبديل ڪرڻ جو اعلان ڪيو هن چيو ته بيٽ تي ماحول دوست، رانديون ۽ طرز زندگي جي سياحت تي مشتمل هڪ جامع سياحتي منصوبو متعارف ڪرايو ويندو وفاقي وزير چيو ته زيارت حسن شاه بيٽ کي جديد سياحتي مرڪز ۾ تبديل ڪرڻ جي منصوبي تي هڪ کان ڏيڍ ارب رپيا خرچ اچڻ جو اندازو لڳايو ويو آهي، جڏهن ته هن منصوبي تحت اربين رپين جي سيڙپڪاري جي اميد آهي جنيد انور چوڌري چيو ته بيٽ کي زميني رستي ذريعي ڪراچي جي اپر زون سان ڳنڍيو ويندو، جيڪو سياحن کي آسان رسائي فراهم ڪندو ۽ روزگار جا نوان موقعا پيدا ڪندو جڏهن ته مقامي معيشت کي به فروغ ڏيندو هن چيو ته اهو منصوبو ساحلي ماحول جي تحفظ کي ترجيح ڏيندو ۽ يقيني بڻائيندو ته سياحت جي فروغ سان گڏ ماحولياتي ذميواري جو به خيال رکيو وڃي جنيد انور وڌيڪ چيو ته پاڪستان جي حڪومت پاڪستان جي ساحلي پٽي کي معاشي انجڻ بڻائڻ لاءِ سنجيده قدم کڻي رهي آهي، جڏهن ته زيارت حسن شاه بيٽ بليو اڪانومي جي هڪ نئين مثال طور سامهون ايندو

مارجي ويل ٻارن ۾ 60 ڇوڪرا ۽ 40 ڇوڪريون شامل آهن يونيسيف جي ترجمان جيمز ايلڊر صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته جنگبندي باوجود روز سراسري طور هڪ ٻار کي ماريو پيو وڃي يونيسيف موجب فضائي حملن، ڊرون حملن ٽينڪن جي گولا باري ۽ سڌي ريت فائرنگ ۾ ٻار مارجي ويا. ترجمان چيو ته اصل انگ ان کان وڌيڪ ٿي سگهي ٿو اهڙي جنگبندي جيڪا ٻارن جون حياتيون نه بچائي سگهي، ڪافي ناهي هوڏانهن غزا جي صحت واري وزارت موجب جنگبندي دوران ٻارن جي شهادتن جو انگ 165 تائين پهچي چڪو آهي، جڏهن ته مجموعي طور 442 ڄڻا مارجي چڪا آهن

شهرين کي حراست ۾ ورتي ڇڏيو ايس ايس پي ڪياماڙي امجد احمد شيخ موجب گرفتار ڪيل افغان شهري بغير ڪنهن ملڪي سڃاڻپ جي شيرشاهه جي علائقي ۾ رهائش پذير هئا گرفتار جوابدارن جي سڃاڻپ احسان الله ۽ منصور جي نالن سان ٿي آهي پوليس موجب گرفتار افغان شهري ماضي ۾ ملڪ مخالف نعرا هڻڻ ۾ پڻ ملوث رهيا آهن ايس ايس پي ڪياماڙي موجب جوابدارن خلاف وڌيڪ قانوني ڪارروائي جاري آهي

ڪمري ۾ سٽل بزرگ زال مڙس باهه ۾ سڙڻ ۽ دونهين سبب ساهه ٻوساٽجڻ سبب فوت ٿي ويا. هوڏانهن خانقاهه شريف ۾ 50 ورهين جو موٽر مڪينڪ دڪان ۾ هلايل هيٽر مان لڳل باهه ۾ سڙي فوت ٿي ويو انهي کان علاوه سرگودها ۾ محمدي ڪالوني هاڻي چوڪ ۾ گيس ليڪيج سبب گهر ۾ باهه لڳڻ سبب 7 ڄڻا زخمي ٿي پيا. حافظ آباد ۾ گيس ليڪيج سبب ڌماڪي سبب 2 ماڙ گهر جي ڇت ڪري پئي جنهن سبب 3 ڄڻا زخمي ٿي پيا

وائرل ٿي وئي آهي صدر پوليس ٽريفڪ پوليس آفيسر کي تشدد جو نشانو بڻائيندڙ هڪ جوابدار کي گرفتار ڪري واقعي جو ڪيس داخل ڪري ورتو آهي ٽريفڪ ۾ رنڊڪ وجهندڙ ريڙهي وارن کي روڊ تان هٽائڻ جي لاءِ ايندڙ ٽريفڪ پوليس آفيسر کي تشدد جو نشانو بڻايو ويو واقعي جي فوٽيج به سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي وئي جنهن ۾ ريڙهي واري کي ٽريفڪ پوليس آفيسر کي مارڪٽ ڪندي ڏسي سگهجي ٿو ريڙهي واري طرفان ڌڪا ڏيڻ سبب پوليس آفيسر زمين تي به ڪري پيو ريڙهي واري جي ٽريفڪ پوليس آفيسر کي مارڪٽ دوران ٻين ٽريفڪ پوليس اهلڪارن وچ ۾ پئي جهيڙي کي ختم ڪرايو ٻئي طرف صدر ٿاڻي تي پوليس واقعي جو ڪيس داخل ڪري ملوث جوابدار عبدالقادر کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته فرار ٿيل ساٿي جي ڳولا جاري آهي. ياد رهي ته صدر واري علائقي ۾ جڳهه جڳهه تي ريڙهن جي رش هجڻ سبب اڪثر ٽريفڪ جي روانگي متاثر رهندي آهي ڪيترن ڏهاڪن کان جاري انهي مسئلي کي حل ڪرڻ ۾ انتظاميه ناڪام نظر ايندي آهي

ٽوئنٽي ميچن جي سيريز جي شيڊيول جو اعلان ڪيو آهي پهرين ميچ 29 جنوري، ٻي 31، جڏهن ته ٽين ۽ آخري پهرين فيبروري تي کيڏي ويندي، سڀني ميچن جي ميزباني لاهور جو قذافي اسٽيڊيم ڪندو واضح رهي ته ٽي ٽوئنٽي ورلڊ ڪپ 7 فيبروري کان شروع ٿيندو

سياسي جماعت ڪراچي ۾ وڏو پيڪيج آڻي رهي آهي، ڪي ايم سي ۽ سنڌ حڪومت گڏجي ڪم ڪري رهيا آهن، ڪائون به ائين ٿي اسان جي مدد ڪن هن چيو ته ترقياتي ڪمن ۾ معيار تي ڪا سوديبازي نه ٿيندي، عوامي تڪليف کي ڏسندي تعميراتي ڪم مرحلي وار مڪمل ڪيا پيا وڃن سندس چوڻ هو ته شهر جي سڀني روڊن کي مرحلي وار بهتر بڻايو پيو وڃي، ڪراچي وارن پ پ کي موقعو ڏنو ته ڏسو شهر ۾ رات ڏينهن ڪم ٿي رهيو آهي

کي چيو ته عمران خان عدليا جي آزادي لاءِ پرامن احتجاج جو چيو هو توهان جي آزادي لاءِ آواز اٿارڻ تي اسان ٿي جيلن ۾ وجهڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي هن چيو ته عمران خان ملڪ ۾ قانون جي بالادستي چاهي ٿو هن ڪڏهن ناهي چيو ته منهنجي لاءِ نڪرو جيڪڏهن عدالتن سان انصاف ملي ها ته اڄ اسان جي هيءَ حالت نه هجي ها، پي ٽي آءِ باني کي غير قانوني طور اڪيلائي ۾ قيد ۾ رکيو ويو آهي سندس چوڻ هو ته 8 فيبروري جو سڏ اسان جي الائنس جو آهي عمران خان جو نه پي ٽي آءِ باني سهيل آفريدي کي اسٽريٽ موومينٽ جي هدايت ڪئي آهي

عبدالرئوف افغاني ۽ مصطفيٰ جي نالن سان ٿي آهي مارجي ويل دهشتگرد سنڌو سنڌن پوليس ۽ سيڪيورٽي فورسز تي حملن ۾ ملوث هئا. مارجي ويل دهشتگردن کان 3 ڪلاشنڪوف، 3 ميگزين 2 هينڊ گرينيڊز ۽ ڪيترائي ڪارتوس هٿ آيا آهن آءِ جي خيبرپختونخواهه پوليس ۽ ايڊيشنل آءِ جي سي ٽي ڊي ڪامياب ڪارروائي تي سي ٽي ڊي ٽيمز کي خراج تحسين پيش ڪيو آءِ جي خيبرپختونخواهه پوليس چيو ته پوليس تي حملن جو جواب آخري خارجي جي خاتمي سان ڏنو ويندو انٽيليجنس بيسڊ آپريشن جو سلسلو وڌيڪ تيز ڪري خارجين جو خاتمو يقيني بڻائينداسين انسپيڪٽر جنرل آف پوليس خيبرپختونخواهه جي خصوصي هدايتن تي پوليس تي حملن جي رد عمل ۾ فتنه الخوارج جي خلاف ٽارگيٽيڊ آپريشن جو سلسلو وڌيڪ تيز ڪيو ويو آهي جنهن جي تسلسل ۾ ڪالهه صبح ڊيره اسماعيل خان ريجن سي ٽي ڊي کي ڳجهي اطلاع تي ڪامياب ڪارروائي ڪئي سي ٽي ڊي ٽيمز واقعي واري هنڌ پهچي دهشتگردن کي گهيري ۾ وٺي ڇڏيو

معيشت کي فائدو ٿيندو ۽ عالمي ٽرانزيڪشن ۾ آساني ٿيندي. پاڪستان مختصر عرصي ۾ ان حوالي سان وڏي اڳڀرائي ڪئي آهي هاڻي ڊيجيٽل ڪرنسي ۽ ڊيٽا سينٽر جي ذريعي ٽرانزيڪشن ممڪن ٿيندي وزيراعظم چيو ته ڊيجيٽل انفراسٽرڪچر جنهن جي تمام گهڻو اڳ ضرورت هئي هاڻي ان جي شروعات ٿي ويندي وزيراعظم پاڪستان ايئر فورس کي تيمور ويپن سسٽم ۽ پاڪ بحريه کي ايل وائي 80 جي ڪامياب تجربي تي مبارڪباد ڏني هن چيو ته معرڪه حق ۾ ڪاميابي ڪانپوءِ دنيا ۾ اسان جي ويڙهاڪ جهازن جي طلب وڌي وئي آهي ڪيترائي ملڪ جهاز حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڳالهه ٻولهه ڪري رهيا آهن اسان جي دفاعي پيداوار جي صنعت کي ان سان سگهه ملندي وزيراعظم دهشتگردي جي خلاف بلوچستان ۽ خيبرپختونخواهه ۾ پاڪ فوج، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ۽ رينجرز جي ڪامياب ڪارروائين کي ساراهيندي چيو ته دهشتگردي جو مڪمل خاتمو ڪري ملڪ جو ساهه ڪٽنداسين پاڪستان ڪامياب

سعودي حڪومت سان مسلسل رابطي ۾ آهيون وڏي اميد آهي ته ٻين ملڪن جي ڪوٽا ۾ اضافي سان گڏ پاڪستان جي ڪوٽا ۾ به اضافو ڪيو ويندو وزيراعظم شهباز شريف جي هدايتن تي پرائيويٽ حج اسڪيم ۾ حج پيڪيج لاءِ سڌارن تي ڪم ڪري رهيا آهيون روٽ ٽو مڪه پراجيڪٽ ۾ حج پانڌيئڙن جي ٻٽي اميگريشن لاءِ لاهور کي به شامل ڪرڻ لاءِ ڪم تيزي سان جاري آهي. حج 2025ع ڪانپوءِ 75 سيڪڙو شڪايتون گهٽ ٿيون هن سال وڌيڪ گهٽ ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهيون حج 2026ع لاءِ 38 هزار کان وڌيڪ حج پانڌيئڙن اسلام آباد ايئرپورٽ تان روٽ ٽو مڪه ذريعي اميگريشن ڪرائيندا اهڙو اظهار هن حج ڪامپليڪس اسلام آباد ۾ حج تربيتي ورڪشاپ ۾ شرڪت ڪندڙن کي خطاب ۽ ميڊيا جي نمائندن سان ڳالهائيندي ڪيو وفاقي وزير چيو ته وزيراعظم شهباز شريف جي خاص هدايتن ۽ وفاقي ڪابينا مان منظور ٿيل حج پاليسي 2026ع جي روشني ۾ سمورا انتظام سعودي ٽائيم لائن موجب وقت سر مڪمل ڪيا پيا وڃن هن چيو ته پاڙيسري ملڪن جي ڀيٽ ۾ پاڪستان جو حج پيڪيج هاڻي به سستو ۽ معياري آهي.

قومي ورثي ۽ ثقافت واري وفاقي وزير اورنگزيب خان کچي ملاقات ڪئي سيڙپڪاري بورڊ طرفان جاري بيان موجب ملاقات ۾ ملڪ ۾ سيڙپ کي هٿي ڏيڻ، گڏيل تعاون جي نون موقعن ۽ مختلف شعبن ۾ سيڙپڪاري جي امڪانن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي ٻنهي وزيرن خاص ڪري ثقافتي ورثي، سياحت ۽ تخليقي صنعتن ۾ سيڙپڪاري جي وسيع گنجائش تي ڳالهه ٻولهه ڪئي. وفاقي وزير قيصر احمد شيخ ان موقعي تي چيو ته قومي ورثي ۽ ثقافت جي شعبي کي معاشي ترقي سان موثر طور تي جوڙڻ وقت جي اهم ضرورت آهي سندس چوڻ هو ته ثقافتي شعبي ۾ سيڙپڪاري سان نه رڳو ملڪي سڃاڻپ کي هٿي ملندي پر روزگار جا نوان موقعا به پيدا ٿيندا. هن وڌيڪ چيو ته حڪومت سيڙپڪار دوست پاليسين ذريعي مختلف شعبن ۾ مقامي ۽ پرڏيهي سيڙپڪاري کي هٿي ڏيڻ لاءِ پرعزم آهي ٻنهي وزيرن بين الوزارتي تعاون کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۽ گڏيل قدمن جي ذريعي سيڙپڪاري جي هدفن کي حاصل ڪرڻ تي اتفاق ڪيو وفاقي وزير قيصر احمد شيخ ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته سيڙپڪاري بورڊ ملڪ ۾ پائيدار ۽ ڊگهي مدي واري سيڙپڪاري کي هٿي ڏيڻ لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪندو رهندو

تي به پوندو اخبار موجب ظاهري طور اهي عرب ملڪ خاموش نظر اچن ٿا پر پس منظر ۾ رهي لابنگ ڪري رهيا آهن ته آمريڪا ايران تي حملو نه ڪري، ڇاڪاڻ ته اهڙي قدم سان عالمي تيل مارڪيٽ کي ڌڪ لڳندو ۽ لازمي طور آمريڪي معيشت به متاثر ٿيندي اخبار موجب سعودي عملدارن تهران کي خاطري ڪرائي آهي ته هو ڪنهن به ٽڪرار ۾ شامل نه ٿيندا ۽ آمريڪا کي ايران تي حملي لاءِ پنهنجون هوائي حدون استعمال ڪرڻ نه ڏيندا. اهو قدم آمريڪي ڪارروائي کان پاڻ کي پري رکڻ ۽ ان کي روڪڻ جي ڪوشش طور کنيو ويو آهي آمريڪي اخبار موجب عرب رياستن کي خدشو آهي ته ايران تي حملي جي صورت ۾ آبنائي هرمز مان گذرندڙ تيل جي ٽينڪرن جي اچ وڃ متاثر ٿي سگهي ٿي هي تنگ سامونڊي لنگهه نار فارس جي ڏاکڻي تي واقع آهي جيڪو ايران کي ان جي عرب پاڙيسرين کان ڌار ڪري ٿو ۽ دنيا جي لڳ ڀڳ پنجين حصي جي تيل جي پهچ ان ئي رستي سان ٿيندي آهي اخبار موجب ٽرمپ سرڪار اڃا واضح ناهي ڪيو ته ايران خلاف ڪهڙي نوعيت جي فوجي ڪارروائي تي غور ڪيو پيو وڃي پر عملدارن جو چوڻ آهي ته حملي جو امڪان موجود آهي وائيٽ هائوس جي هڪ عملدار وال اسٽريٽ جرنل کي ٻڌايو ته ايران جي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ صدر ٽرمپ وٽ سمورا آپشن موجود آهن هو مختلف رايا ٻڌي رهيو آهي آخر ۾ اهو ئي فيصلو ڪندو جيڪو پاڻ بهتر سمجهندو واضح رهي ته گذريل ڏينهن ٽرمپ سڌي ريت ايران ۾ احتجاج ڪندڙن کي مخاطب ٿيندي چيو هو ته هو حڪومت پاران احتجاج دٻائڻ جي ڪوشش جي مخالفت ڪن ۽ رياستي ادارن تي قبضو ڪن مدد پهچڻ واري آهي

ڳالهائيندي چيو ته سياسي ۽ قومي شخصيتن جي نالن تي ٻڌل فينسي ۽ يونيڪ چوائس نمبر پليٽن جي نيلامي 27 جنوري تي نشتر هال پشاور ۾ ٿيندي هن ٻڌايو ته نمبر پليٽن جي بولي جي شروعات 10 لک رپين کان ٿيندي، جنهن ڪانپوءِ سڀ کان وڌيڪ بولي لڳائيندڙ کي پنهنجي پسنديده يا قومي شخصيت جي نالي تي نمبر پليٽ ڏني ويندي سندس چوڻ هو ته مرحلي وار ٻي قومي قيادت، مشهور شخصيتن علائقن ۽ قومن جي نالن سان منسوب نمبر پليٽون به نيلامي ۾ شامل ڪيون وينديون صوبائي وزير چيو ته نيلامي جي عمل ۾ گاڏي ملڪ ڀرپور دلچسپي وٺي رهيا آهن ۽ ان قدم سان قومي ناڻي کي فائدو پهچندو يونيڪ نمبر پليٽون حاصل ڪرڻ لاءِ شهرين دستڪ ايپ ذريعي درخواستون ڏيڻ شروع ڪري ڇڏيون آهن هن چيو ته فينسي نمبر پليٽن جي نيلامي بابت باقاعدي اشتهار جاري ڪيو ويو آهي جڏهن ته نيلامي ۾ شرڪت لاءِ شهري دستڪ ايپ ذريعي درخواست جمع ڪرائي سگهن ٿا، درخواستون جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ 26 جنوري 2026 مقرر ڪئي وئي آهي

اليڪٽرانڪ ڊيلرز ايسوسيئيشن جي 30 رڪني وفد صدر منهاج گلفام جي اڳواڻي ۾ ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان سان ڪراچي پوليس آفيس ۾ ملاقات ڪئي ايسوسيئيشن جي سينيئر نائب صدر عمر عارف، مظفر خالد خان ۽ ٻيا عهديدار پڻ ملاقات ۾ موجود هئا. وفد ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي کي عهدو سنڀالڻ تي مبارڪباد ڏني ملاقات دوران شهر ۾ امن امان جي مجموعي صورتحال، واپارين کي درپيش مسئلن ۽ موبائل مارڪيٽن ۾ سيڪيورٽي انتظامن سان لاڳاپيل مسئلن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي وفد جي مسئلن کي غور سان ٻڌو ۽ انهن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪرڻ جو يقين ڏياريو. آخر ۾ وفد ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي کي گلن جو گلدستو ۽ روايتي اجرڪ پيش ڪئي

ڪراچي سلمان عبدالله مراد بلديه عظميٰ ڪراچي جي سينيئر ڊائريڪٽر بلال منظر جي اوچتي ۽ افسوسناڪ وفات تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. هنن چيو ته هو مرحوم بلال منظر جي اهل خانه جي غم ۾ برابر جا شريڪ آهن. هنن دعا ڪئي ته الله تعاليٰ مرحوم بلال منظر کي پنهنجي جوار رحمت ۾ جاءِ عطا فرمائي ۽ سوڳوار خاندان کي صبر جميل عطا ڪري.

ملڪن ۾ قائم آمريڪي فوجي اڏن کي نشانو بڻائيندا اها تنبيهه اهڙي وقت ۾ سامهون آئي آهي جڏهن آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ حڪومت مخالف احتجاج جي پس منظر ۾ ايران ۾ مداخلت جي ڌمڪي ڏني آهي ان ايراني اهلڪار موجب تهران خطي جي ملڪن تي زور ڏنو آهي ته هو واشنگٽن کي ايران تي حملي کان روڪين، چو ته آمريڪي ڪارروائي جي صورت ۾ جوابي حملا انهن ملڪن ۾ موجود آمريڪي اڏن تي ڪيا ويندا.

لاءِ لازمي قرار ڏيندي چيو آهي ته ڊيولوشن قومي يڪجهتي جي لاءِ خطرو نه آهي پر ان جي مضبوط ضمانت آهي چو ته ان سان عوامي شرڪت ۾ اضافي، شڪايتن جي وقت سر ازالي ۽ جمهوري ادارن تي عوام جو اعتماد مضبوط ٿئي ٿو اهڙن خيالن جو اظهار هن ڊيولوشن سمٽ 2026ع جي پڄاڻي واري تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو. وقتي صدر چيو ته ڪيس سمٽ کي خطاب جو موقعو ملڻ تي خوشي آهي هن ان فورم کي هڪ اهم پليٽ فارم قرار ڏنو جتي پارليامينٽ جا ميمبر آئيني ماهر سرڪاري منتظمين معيشت جا ماهر ۽ سول سوسائٽي جا نمائندا ان ڳالهه تي سنجيده ۽ منظم غور فڪر جي لاءِ گڏ ٿيا ته پاڪستان ۾ اختيارن جي هيٺئين سطح تائين منتقلي کي ڪهڙي طرح پائيدار موثر ۽ عوام جي ضرورتن موجب بڻائي سگهجي ٿو سيد يوسف رضا گيلاني چيو ته سول سروس جي ڍانچي مراعتن ۽ ترقي جي نظام کي ڊيولوشن جي گهرجن سان هم آهنگ ڪرڻ گهرجي هن پنجاب جي صوبائي اسيمبلي جي اسپيڪر ۽ پنجاب لوڪل گورنمينٽ ڪاڪس کي ان وقت سر ۽ بامقصد سمٽ منعقد ڪرڻ تي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته آئيني ڍانچي، مالياتي وفاقيت ۽ انتظامي سڌارن کي بحث جو محور بڻائي منتظمين اهو يقيني بڻايو ته ڊيولوشن کي رڳو هڪ سياسي نعرو نه پر هڪ اهڙو آئيني نظام سمجهيو وڃي جنهن کي قانون، وسيلن ۽ مضبوط ادارن جي ضرورت هوندي آهي وقتي صدر چيو ته

بطور سينيٽ چيئرمين هو ان موضوع کي گهري آئيني فرض جي احساس سان ڏسي ٿو

ايڊيشنل ججز جي مستقلي بابت جوڊيشل ڪميشن جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ موجود ميمبرن گڏيل طور تي 6 ججز کي مستقل ڪرڻ ۽ 4 ججز جي مدي ۾ 6 مهينن جي واڌ جي منظوري ڏني ان ڪانسواءِ پشاور هاءِ ڪورٽ جي جسٽس محمد طارق آفريدي، جسٽس عبدالفياض ۽ جسٽس فرح جمشيد جي مستقلي تي به غور ڪيو ويو ذريعن موجب ايڊيشنل جج جسٽس انعام الله خان ايڊيشنل جج جسٽس فرح جمشيد، ايڊيشنل جج جسٽس ثابت الله ۽ اورنگزيب جي مدي ۾ 6 مهينن جي واڌ ڪئي وئي.

پنجاب حڪومت صوبي ۾ ماحول دوست ٽرانسپورٽ کي هٿي ڏيڻ جي لاءِ قدم کڻندي سرڪاري کاتن ۾ پيٽرول ۽ ڊيزل وارين گاڏين جي خريداري تي پابندي لڳائڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي پنجاب جي چيف سيڪريٽري موجب آئنده صرف اليڪٽرڪ يا هائبرڊ گاڏيون خريد ڪري سگهبيون فيلڊ ڊيوٽي جي گاڏين کي ڇوٽ حاصل هوندي چيف سيڪريٽري چيو آهي ته نئين پيٽرول پمپس جي اين او سي هاڻ اليڪٽرڪ چارجنگ يونٽ سان مشروط هوندي

وڪوف جي قيادت ۾ ملاقات به ڪئي وزيراعظم وفد کي ڊجيٽل پاڪستان جي نظريي کان آگاهه ڪندي چيو ته ڊجيٽل ڪنيڪٽيوٽي شفافيت ۽ عوامي پهچ حڪومت جي ترجيح آهي، ڊجيٽل اداگيون ۽ مالياتي جدت ڊجيٽل معيشت جو اهم حصو آهن هن چيو ته پاڪستان جي ڊجيٽل مالياتي منڊين ۾ وڌندڙ عالمي دلچسپي سٺو سنئوڻ آهي

ٽي سوار ٻن جوابدارن فائرنگ ڪئي، ايس ايس پي زبير نذير شيخ موجب واقعو ذاتي دشمني جو نتيجو آهي مقتول شاهه حسين جي لاش کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي، پوليس جوابدار رحمت الله کي گرفتار ڪري ورتو آهي، ساٿي فرار ٿي ويو ايس ايس پي ايسٽ موجب واقعي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي

مارجي ويو ۽ ٻي زخمي ٿي پيا، جن ۾ شامل آهن 22 سالن جو احسان الله ولد رحمت الله قتل ٿي ويو جڏهن ته 5 سالن جو معصوم ٻار حرڪت ولد پاشا، منصور ولد حاجي اسلم گل محمد ولد يوسف زخمي ٿي پيا. لاش ۽ سڀني زخمين کي عباسي شهيد منتقل ڪيو ويو ۽ وڌيڪ جاچ جاري آهي ٻئي پاسي ماڙيپور ٿاڻي جي حد منوڙا گيٽ جي پرسان نامعلوم شخص جو لاش مليو آهي

سي طرفان جاري ڪيل نئين رينڪنگ موجب ويرات ڪوهلي پنهنجي ٽي ملڪ جي روهت شرما کان پهرين پوزيشن کسي ورتي آهي نيوزيلينڊ جو ڊيرل مچل هڪ درجو ترقي ڪندي ٻي پوزيشن تي اچي ويو آهي، روهت شرما به درجا پوئتي ٿي ٽين پوزيشن تي هليو ويو آهي جڏهن ته پاڪستان جي بابر اعظم جي ڇهين پوزيشن برقرار آهي بالرن ۾ راشد خان پهرين، فوجرا آرچر ٻي ۽ ڪلديپ ياديو ٽين پوزيشن تي آهن جڏهن ته پاڪستان جو ابرار احمد ٽائين نمبر تي آهي

سٽي اسد الله ڀٽي ۽ ايس ايڇ او ڀيرلو جي گڏيل ڪارروائي دوران چيڪنگ ڪندي ٻن منشيات سپلائرن محمد سهيل ۽ دانش پٺاڻ کي گرفتار ڪري انهن جي قبضي مان 30 ڪلوگرام چرس ۽ هڪ مهراڻ ڪار هٿ ڪئي وئي هي ڳالهه ايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومرو پنهنجي جاري ڪيل پڌرائي ۾ چئي هن چيو ته گرفتار جوابدار بين الصوبائي منشيات گروهه جا ڪارندا آهن جيڪي خيبر پختونخواهه کان سنڌ ۾ منشيات سپلاءِ ڪندا آهن.

حڪم ٽيچنگ سول اسپتال جي چيئرمين پروفيسر ڊاڪٽر جاويد احمد ٿليبو ڪاليج جي وائيس پرنسپل ڊاڪٽر مختيار احمد لاکو ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ ڊاڪٽر رفيق احمد منگي ۽ ٻين سان گڏجي سول اسپتال خيرپور جو اوچتو تفصيلي دورو ڪيو دوري دوران ايمرجنسي وارڊ، آءِ سي يو وارڊ، ڪارڊيالاجي ريڊيالاجي سميت مختلف وارڊن ۽ ڊپارٽمينٽن جو جائزو ورتو ويو چيئرمين پروفيسر ڊاڪٽر جاويد احمد ٿليبو دوري دوران ڊاڪٽرن ۽ پيراميڊيڪل اسٽاف جي حاضري رجسٽرن جي چڪاس ڪئي، جنهن دوران ڪيترائي ڊاڪٽر ۽ عملي جا ميمبر ڊيوٽي تان غير حاضر مليا.ان موقعي تي چيئرمين سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي غير حاضر رهندڙ ڊاڪٽرن ۽ عملي خلاف فوري ڪارروائي ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا.

آهي ته مسافر ٽرين ڪرين سان ٽڪرائجڻ سبب هڪ زوردار آواز آيو ۽ ٽرين ٽريڪ تان لهي وئي، جنهن سبب ڪرين جو باقي ڍانچو پڻ ٽٽي ٽرين تي ڪري پيو انتظاميه موجب حادثي ۾ 22 ڄڻا فوت ٿي چڪا آهن جڏهن ته 50 کان وڌيڪ زخمي آهن ريسڪيو اهلڪارن موجب، تباهه ٿيل بوگين ۾ تقريبن 190 مسافر ڦاٿل آهن جن کي ڪڍڻ لاءِ ريسڪيو ڪارروايون جاري آهن

سميت لاڳاپيل کاتن جي اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي. اجلاس دوران ساليانو ترقياتي پروگرام 2025-26 ۾ شامل نون ترقياتي اسڪيمن جي منظوري، اڳڀرائي ۽ عملدرآمد جي صورتحال تي تفصيلي غور ڪيو ويو. جڏهن ته هلندڙ مالي سال دوران مڪمل فنڊن سان جاري اهم منصوبن جو جائزو ورتو ويو. اجلاس کي ضلعي ٿلي ۽ خيرپور ۾ مختلف روڊن جي تعمير ۽ مرمت بابت پڻ تفصيلي بريفنگ ڏني وئي.

طور تي لاڳو ٿي ويندو ترميمي ايڪٽ تحت ٿر ڪول اينڊ انرجي بورڊ کي ٽيرف، قيمتون ۽ چارجز مقرر ڪرڻ جا باضابطه اختيار حاصل هوندا. هاڻي بورڊ کي ڪوئلي جي قيمت، شرح ۽ ٻين چارجز کي سڌو سنئون ڪنٽرول ڪرڻ جو اختيار هوندو قانون موجب بورڊ کي پنهنجن فيصلن جو جائزو وٺڻ جو اختيار به هوندو

PAKISTAN AIRPORTS AUTHORITY (PAA)
پاکستان ایئرپورٹس اتھارٹی

تصحیح

بڈنگ دستاویزات

CATI حیدرآباد میں ڈی بلاک کے بلمقابل
جمنازیم اور سووینئر شاپ کی تعمیر

تمام ممکنہ بولی دہندگان کو مطلع کیا جاتا ہے کہ مذکورہ کام سے متعلق بولی دستاویز، جو 02 جنوری 2026 کو شائع کی گئی تھی، کے لیے تصحیح نمبر 1 جاری کر دیا گیا ہے۔اس تصحیح میں بولی کی دستاویز میں ضروری ترامیم شامل کی گئی ہیں۔
یہ تصحیح ای پی اے ڈی ایس (EPADS) پورٹل پر اصل ٹینڈر کے حوالہ کے تحت دستیاب ہے (Tender No.F-26011519677)
بولی کی دستاویز کی دیگر تمام دفعات اور شرائط جوں کی توں برقرار رہیں گی۔

ڈویژنل انجینئر ای ایس (سول)
سی اے ٹی آئی ڈویژن، حیدرآباد ایئرپورٹ۔ فون:022-9260334
www.paa.gov.pk
PID K-2396/25

آفيس آف دي
ڊويزنل فاريسٽ آفيسر
سلويڪلچر ريسرچ ڊويزن
حيدرآباد

ٽينڊر نوٽيس

واسطيدار شعبي ۾ ڪافي تجربو رکندڙ ڪانٽريڪٽرن/فرمن کان SPPRA رولز، 2010 تحت هيٺين ڪمن واسطي مهربند لفافن ۾ ٽينڊر گهرائجن ٿا. ڪم جي اندازن لاڳت 65.276 ملين رپيا آهي.

سيريل نمبر	ڪم جو نالو	ڪُل لاڳت	واڪ سيڪيورٽي	تڪميل جو مدو	ٽينڊر في
.1	چين لنڪ فينسنگ انلينڊ فاريسٽ ميائي جي تعمير. (5000 RFT)	33.495 رپيا ملين	5%	24 مهينا	2500 رپيا
.2	چين لنڪ فينسنگ ريسٽ هائوس ميائي جي چوڌاري تعمير. (1220 RFT)	5.785 رپيا ملين	5%	24 مهينا	2500 رپيا
.3	ڪنسڪريٽ پيونگ بلاڪ فاريسٽ ڪامپليڪس آٽوپان روڊ لطيف آباد حيدر آباد جي تعمير.	14.274 رپيا ملين	5%	24 مهينا	2500 رپيا
.4	ڪنسڪريٽ پيونگ بلاڪ روڊ فاريسٽ اينڊ وائلڊ لائف پيونگ اسڪول ميائي جي داخلا گيٽ کان فاريسٽ ريسٽ هائوس ميائي تائين جي تعمير.	10.722 رپيا ملين	5%	24 مهينا	2500 رپيا

شرط ۽ ضابطا

1. ٽينڊر جو پروگرام هيٺين ريت هوندو:

.1	درخواستن جي وصولي ۽ ٽينڊرن جو اجراءُ:	SPPRA ويب سائٽ تي پيش ٿيڻ کان.
.2	ٽينڊرن جي رسائي:	12-01-2026 کان 26-01-2026 صبح 11:00 وڳي تائين
.3	ٽينڊرن کي کولڻ:	26-01-2026 ٽيهري 3:00 وڳي

2. ڪنهن به مشروط ٽينڊر تي غور نه ڪيو ويندو.
3. ڪانٽريڪٽرن کي ٽينڊر ڪاغذ ليٽر هيڊ تي گذارش ڪرڻ ۽ ٽينڊر قيمت جي ناقابل واپسي لاڳت نقد ۾ يا ڪنهن به شيڊيول بينڪ مان ڊويزنل فاريسٽ آفيسر، سلويڪلچر ريسرچ ڊويزن، حيدرآباد جي حق ۾ جيئن مٿي ڄاڻايل آهي، ڪرڻ تي جاري ڪيا ويندا. پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل وٽان ڪارگر رجسٽريشن لاڳاپيل ڪيٽيگري ۽ ڊسيپلن ۾ (C5 ۽ ان کان مٿي) سواءِ 4.000 ملين تائين P.E.C رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ جي فوٽو ڪاپي.
4. سڀني شرڪت ڪندڙن/ڪانٽريڪٽرن کان سنڌ روينيو بورڊ وٽ رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ جي ڪاپي گهربل آهي، ٻي صورت ۾ ٽينڊر جاري نه ڪيو ويندو.
5. مالڪ جا تفصيل CNIC سميت جڊيشل اسٽيمپ پيپر تي. مالڪ شرڪت ڪندڙن کان جڊيشل اسٽيمپ پيپر تي هڪ نمائندي کي اٿارٽي هئڻ گهرجي.
6. حڪومت پاران کولڻ واري تاريخ تي عام موڪل ظاهر ڪرڻ جي صورت ۾ ورندڙ ڪم واري ڏينهن کي ساڳئي وقت تي ٽينڊرن جي اماڻڻ ۽ کولڻ جي تاريخ سمجهيو ويندو، جيئن ڄاڻايل آهي.
7. ڪم جي سامهون ڏنل ڪم جو 5% پي آرڊر/بينڪ ڊرافٽ جي صورت ۾ بحق ڊويزنل فاريسٽ آفيسر، سلويڪلچر ريسرچ ڊويزن، حيدرآباد ٽينڊر سان شامل ڪيو ويندو.
8. مهربند لفافي ۾ 5% سوڻي رقم ڪانسواءِ پهتل ٽينڊرن تي غور نه ڪيو ويندو ۽ اهي خارج ڪيا ويندا.
9. ٽينڊر جي ڪم لاءِ SPPRA رولز مطابق سنگل اينولپ طريقيڪار اختيار ڪيو ويندو. جيڪو چين لنڪ فينسنگ ۽ ٽينڊر تي ٽيڪنيڪل پروپوزل ۽ فنانشل پروپوزل تي مشتمل هوندو. جنهن لاءِ جدا مهربند لفافو هئڻ گهرجي جنهن ۾ واضح طور ٽيڪنيڪل پروپوزل ۽ فنانشل پروپوزل لکيل هئڻ گهرجي جيڪي واپس تاريخ 26-01-2026 تي منجهند 01:00 وڳي تائين آفيس آف ڊويزنل فاريسٽ آفيسر، سلويڪلچر ريسرچ ڊويزن فاريسٽ ڪامپليڪس مين آٽوپان روڊ لطيف آباد نمبر 3 حيدرآباد ۾ وصول ڪيا ويندا. ٽيڪنيڪل پروپوزل شرڪت ڪندڙ فرمن جي ساڳئي ڏينهن تي شام 4:00 وڳي تائين پروڪيورمينٽ ڪميٽي پاران موجود حصي وٺندڙ ٺيڪيدارن/فرمن يا سندن مجاز نمائندن جي روبرو کوليون وينديون ۽ سنگل اسٽيج ون انويلپ ڪنسڪريٽ پيونگ بلاڪ لاءِ ايس پي پي آر اي رولز تحت اپلاءِ ڪيو ويندو.
10. ٽيڪنيڪل پروپوزل جي ڇنڊڇاڻ ٽيڪنيڪل ڪواليفڪيشن جي معيار موجب فرمن لاءِ ڪئي ويندي. فنانشل واڪ/پروپوزل ٽيڪنيڪلي ڪواليفائيڊ فرمن جي عام پبلڪ اڳيان اعلان ڪيل تاريخ ۽ وقت تي کولي ويندي. جنهن جو اطلاع ڪواليفائيڊ ٺيڪيدارن/فرمن کي ايڊوانس ۾ ڪيو ويندو. فنانشل واڪ/پروپوزل ٽيڪنيڪلي نااهل ڪواليفائيڊ ٺيڪيدارن جون بنا کولڻ جي واپس ڪيون وينديون.
11. ٽيڪنيڪل پروپوزل سان لازمي طور ڪمپني پروفائل سان گڏ هيٺ ڄاڻايل معلومات ڏيڻي پوندي.
a) ساڳي نوعيت جي ڪمن جو گذريل 05 سالن دوران تجربو.
1. 80% ڪل ڪٽيل رقم جي برابر ساڳي نوعيت جو هڪ ڪم.
2. 50% ڪل ڪٽيل رقم جا ساڳي نوعيت جا گهٽ ۾ گهٽ 02 ڪم.
b) گذريل 03 سالن دوران واڪ ڏيندڙ پاران انڪم ٽيڪس گوشوارا.
c) مٿي ڄاڻايل ڪم سان اوزارن/مشينن جو موجود تفصيل.
d) ٽيڪنيڪل پرسنل (انجنيئرز) ۽ اهم سائيٽ مئنيجمينٽ اسٽاف (ليبر) جي ڪواليفڪيشن ۽ تجربو.
e) گذريل 05 سالن جو ساليانو ٽرن اوور سرٽيفڪيٽ واڪ ڏيندڙ کي پيش ڪرڻو پوندو جنهن ۾ ٽرن اوور درخواست ڏنل ڪم جي ملهه برابر هئڻ گهرجي.
f) گذريل 03 سالن جون آڊٽ رپورٽون.
g) واڪ ڏيندڙ ڪارگر انڪم ٽيڪس رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ پيش ڪندو. انڪم ٽيڪس رٽرن گذريل 03 سالن جا ۽ سنڌ روينيو بورڊ جو ڪارگر سرٽيفڪيٽ.
h) اهڙو حلف نامو 500 رپين جي اي اسٽامپ پيپر تي ڏيڻو پوندو ته واڪ ڏيندڙ ڪنهن ڪرمنل ايڪٽيوٽيز ۾ ، ڪورٽ ڪيس، فيصلن ۾ شامل نه آهي ۽ اها ڪنفرميشن ته فرم نه بليڪ لسٽ آهي ۽ نه ڪو دستاويز غلط ڏنو آهي. ڪنهن معلومات جي غلط ثابت ٿيڻ يا ڏيڻ جي صورت ۾ پروڪيورمينٽ ايجنسي کي اهو حق آهي ته واڪ رد ڪري ڇڏي.
12. ڪانٽريڪٽرن پاران جملي واڪ رقم توڙي آئٽمز جا اگهه ٻنهي انگن ۽ اکرن ۾ لازمي طرح ڀريا وڃن، ٻي صورت ۾ ٽينڊر هڪدم رد ٿيڻ جوڳا ٿي ويندا.
13. جيڪڏهن ڪي جعلي ڪاغذ ڏنا ويا ته پوءِ ٽينڊر ڪنهن به معاوضي ڪانسواءِ رد/منسوخ ڪيو ويندو. ۽ پئنلٽي قاعدن مطابق نافذ ڪئي ويندي.
14. ٽينڊر هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس مان وٺي يا ڊسي/اٿارٽي جي ويب سائٽ SPPRA portalsindh.eprocure.gov.pk تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجي ٿو.
15. پروڪيورنگ ايجنسي SPPRA رولز-2010 جي واسطيدار فقرن تحت سمورا يا ڪوبه واڪ رد ڪري سگهي ٿي.

ڊويزنل فاريسٽ آفيسر
سلويڪلچر ريسرچ ڊويزن
حيدرآباد

ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشنز ڪورٽ، حيدرآباد.
NO.PC/D&SC/HYD/425 OF 2026 Dated:13-01-2026

ٽينڊر جي دعوت جو نوٽيس
(اين آءِ ٽي نمبر 1-ايف/2026)

لاڳاپيل ٽيڪس ۽ ريگيوليٽري اختيارين سان رجسٽرڊ دلچسپي رکندڙ واڪ ڏيندڙن کان، مالي سال 26-2025 لاءِ، مهربند (اليڪٽرانڪ طور تي انڪرپٽ ٿيل) واڪ SPPRA اي-پروڪيورمينٽ (ePAD) سسٽم ذريعي، سنگل اسٽيج - ٻه لفافي طريقيڪار تحت، هيٺين خريداري لاءِ دعوت ڏجي ٿي:

ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن ڪورٽ حيدرآباد ۾ 18 ڪي ڊبليو سولر سسٽم لڳائڻ

واڪ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ ۽ وقت: سومر 2 فيبروري 2026 تي صبح جو 10:30 وڳي.
ٽيڪنيڪل واڪ کولڻ جي تاريخ ۽ وقت: سومر 2 فيبروري 2026 تي 11:15 وڳي.
هنڌ: لائبريري روم، ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن ڪورٽ، حيدرآباد.

1. دلچسپي رکندڙ واڪ ڏيندڙ پنهنجا واڪ SPPRA اي-پروڪيورمينٽ (ePAD) سسٽم ذريعي واڪ سيڪيورٽي سان گڏ 100,000 رپيا بينڪ ڊرافٽ/ پي آرڊر جي صورت ۾ ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن جج، حيدرآباد جي حق ۾ جمع ڪرائيندا ۽ واڪ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ تي يا ان کان اڳ هٿوهٿ طور تي جمع ڪرائيندا.
2. ٽينڊر فيس 1,000 رپيا (ناقابل واپسي) SPPRA EPAD ذريعي جمع ڪرائي ويندي ۽ واڪ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ تي يا ان کان اڳ هٿوهٿ طور تي جمع ڪرائي ويندي.
3. وڌيڪ معلومات ۽ سوالن لاءِ، شاهن حسين سان رابطو ڪريو، فون نمبر 0300-9179807 آفيس نمبر 022-9200333، اي ميل djhyd@sindhhighcourt.gov.pk
4. چيئرمين، پروڪيورمينٽ ڪميٽي، ايس پي پي آر اي رولز 2010 (ترميم ٿيل 2022) جي قاعدي 25 جي مطابق ڪنهن به يا سڀني واڪن کي قبول يا رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿو.

چيئرمين پروڪيورمينٽ ڪميٽي
ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ
سيشنز جج-I حيدرآباد

INF KPY NO 143/2026

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

پاڪ-سعودي: معدنيات جي شعبي ۾ نئين معاشي اڀيرائي
صفحو 4

ڊاڪٽر رميش ڪمار وانڪواڻي
21هين صديءَ جي ٽيڪنالاجي جنگ..!
صفحو 4

دنيا تيل جي جنگ واري ڪنڌيءَ تي!
اشتياق بيگ
صفحو 4

محمد اسماعيل لانگاهه
موسمي حالتن جا انساني زندگين ۽ جانورن تي پوندڙ ناڪاري اثر!
صفحو 4

نيوسعيدآباد لڳ رئيس نظير احمد راهو جي ميزباني هيٺ پيپلزپارٽي جي سينئر اڳواڻن جو ميڙاڪو

ميڙاڪي ۾ صدر آصف علي زرداري، بلاول ڀٽو زرداري ۽ فريال ٽالپر تي مڪمل اعتماد جو اظهار

صدر آصف زرداري پ پ قيادت بلاول ڀٽو زرداري حوالي ڪري پارٽي کي منظم ۽ مضبوط ڪيو آهي: رئيس نظير احمد راهو

بلاول ڀٽو زرداري جي هدايتن تي مٽياري ضلعي سميت سنڌ ۾ ميگا ترقياتي منصوبا شروع ڪيا آهن: راول شرجيل ميمڻ

نيوسعيدآباد: ڳوٺ شهمير راهو ۾ رئيس نظير احمد راهو، راول شرجيل ميمڻ ۽ ٻيا خطاب ڪري رهيا آهن

نيوسعيدآباد (ٽ ر) نيوسعيدآباد جي ڳوٺ شهمير راهو ۾ سينئر سياستدان پيپلزپارٽي جي سينئر اڳواڻ رئيس نظير احمد راهو جي ميزباني هيٺ پيپلزپارٽي مٽياري، حيدرآباد ،نوابشاهه ضلعن جي سينئر اڳواڻن جو ميڙاڪو ڪوٺايو ويو.ميڙاڪي ۾ صدر مملڪت آصف علي زرداري، پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، ميڊم فريال ٽالپر سميت ٻي قيادت تي مڪمل اعتماد جو اظهار ڪيو ويو.سنڌ حڪومت جي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ جي فرزند راول شرجيل ميمڻ جي مان ۾ ڪوٺايل ميڙاڪي ۾ پيپلزپارٽي سان لاڳاپيل سينئر سياستدانن ٽوڙي، اديبن، سول سوسائٽي جي اڳواڻن چونڊيل نمائندن سميت علائقي جي معززين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ميڙاڪي کي راول شرجيل ميمڻ صدر مملڪت آصف علي زرداري جي ويجهي ساٿي رئيس نظير احمد راهو، نامور اديب دانشور سيد امداد علي شاهه جعفري ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو قيد هئڻ دوران پنهنجي وڏهر ڌيءُ شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو کي ميسيج موڪليو هو ته الله سائين جو فرمان آهي ته جنت مائرن جي پيرن هيٺان آهي ۽ سياسي جنت عوام جي پيرن هيٺان آهي اهوئي سبب آهي جو اڄ به عوام پيپلزپارٽي سان گڏ آهي هنن جو چوڻ هو ته صدر آصف علي زرداري پيپلزپارٽي جي قيادت نوجوان بلاول ڀٽو زرداري حوالي ڪري پارٽي کي منظم ۽ مضبوط ڪيو آهي ، هنن جو چوڻ هو ته صدر آصف علي زرداري ۽ پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي هدايتن تي مٽياري ضلعي سميت سنڌ ۾ ميگا ترقياتي منصوبا شروع ڪيا آهن. پيپلزپارٽي جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پاڻ ترقياتي منصوبن جي نگراني ڪري رهيو آهي،رئيس نظير احمد راهو جو چوڻ هو ته هن ملاقات دوران صدر آصف علي زرداري کي نيوسعيدآباد تعلقي جي هزارين ايڪڙ زمين کي غيرآباد ڪندڙ روهڙي ڪئنال جا ڪپر ڪمزور هجڻ جي آگاهي ڏني ۽ ٻيا مسئلا پيش ڪيا جنهن تي صدر آصف علي زرداري کيس يقين ڏياريو ته روهڙي ڪئنال جا ڪپر پڪا ڪرايا ويندا ۽ ٻيا ترقياتي منصوبا پڻ عوام کي ڏنا ويندا. ميڙاڪي واري تقريب ۾ ضلعي ڪائونسل مٽياري جي وائيس چيئرمين سيد علي مرتضيٰ شاهه،رئيس معيز ممتاز راهو، سيد جاويد حيدر شاهه پريس ڪلب نيوسعيدآباد جي صدر ممتاز ٻلال قاضي جاويد سنائي،پيپلزپارٽي نيوسعيدآباد تعلقي جي جي صدر حاجي عبدالغني ميمڻ ،چاچر چنگيز خان انڙ ، سيد آفتاب شاهه سردار ڏاڏا جاويد سمون، نانا نويد سمون ، مقبول راهو،ممتاز راهو عبدالحفيظ راهو سميت ٻين معزز مهمانن شرڪت ڪئي.

ٽرڙي محبت ۾ فائرنگ واقعي خلاف ڪوڪر برادري ۽ دڪاندار ايسوسيئيشن جي شٽر بند هڙتال

محمد ايوب ڪوڪر ۽ سنڌس ڀاءُ جي گهر ۽ شهر ۾ دڪان تي هٿيارٻندن جي فائرنگ خلاف اجلوس ڪڍيو

راڌڻ ميهڙ روڊ تي ٻنهين طرفن کان گاڏين جون لائنون لڳي ويون ۽ ٽريفڪ مڪمل طور بند ٿي وئي

ايس ايڇ او ڌرڻي واري هنڌ پهچي مظاهرين سان ڳالهيون ڪري ايف آءِ آر داخل ڪرڻ جي خاطري تي ڌرڻو ختم ڪرايو

راڌڻ ڪوڪر برادري ۽ دڪاندار ايسوسيئيشن پاران ڪيل شٽر بند هڙتال ٻئي طرف مظاهرين ڌرڻو هڻي ويٺل آهن

راڌڻ (ن ع) راڌڻ لڳ راڌڻ کان 2 ڪلوميٽر پري ٽرڙي محبت ۾ ٽائون چيئرمين سردار شاهد سهول طرفان مٻينا عيد گاهه مان رڻ جي وادي ڪرڻ تي شهري اتحاد ۽ دڪاندار ايسوسيئيشن ٽرڙي محبت درميان شروع ٿيل جهيڙو شدت اختيار ڪري ويو آهي صبح جو سوير محمد ايوب عرف صدر ڪوڪر ۽ سنڌس ڀاءُ قمرالدين ڪوڪر جي گهر ۽ شهر ۾ دڪان تي هٿيار بندن پاران ڪيل فائرنگ واقعي تي ڪوڪر برادري ۽ دڪاندار ايسوسيئيشن جي صدر محمد ايوب عرف صدر ڪوڪر شهري اتحاد جي چيئرمين ممتاز ميتگل طرفان ٽرڙي محبت شهر ۾ شٽربند هڙتال ڪري احتجاجي جلوس ڪڍيو راڌڻ ميهڙ روڊ تي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي ميهڙ روڊ بند ڪري ڇڏيو ان دوران راڌڻ ميهڙ روڊ تي ٻنهين طرفن کان گاڏين جون لائنون لڳي ويون ۽ ٽريفڪ مڪمل طور بند ٿي وئي اطلاع ملڻ تي ٽرڙي محبت ايس ايڇ او عنايت چانڊيو پهچي ڌرڻي وارن سان ڳالهيون ڪري ايف آءِ آر داخل ڪرڻ تي پوليس حامي ڀري ۽ چيو ته قانون سڀني لاءِ هڪ آهي جنهن بعد ڌرڻو ختم ڪيو ويو هوڏانهن ٽرڙي محبت محمد ايوب ڪوڪر جي دڪان تي فائرنگ ڪرڻ جي الزام کي ٽائون چيئرمين سرائي سردار شاهد حسين سهول رد ڪندي چيو ته اهڙو ڪڏهن به ڪم سهول پاٽر نٿا ڪري سگهن ' اسان جي اوطاقن تي امن لاءِ امانت انصاف ۽ پاڻچاري طور فيصلا ٿيندا آهن محمد ايوب ڪوڪر سان ٿيل مسئلو معززين ختم ڪرايو هو ان تي قائم آهيان مان فائرنگ واري واقعي ۾ ملوث ناهيان ۽ هيءَ منهنجي ساک کي نقصان رسائڻ لاءِ احتجاج ڪيا پيا وڃن ۾ منهنجا هٿ صاف آهن

شهرين کي تفريح سهولتن جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ لاءِ جيمخانه کي نئين سر تعمير ڪرايو ويو آهي: ڊي سي مٽياري

جيمخانه کي باقاعده، منظم ۽ مڪمل طريقي سان ڪوليو پيو وڃي ته جيئن منفي سرگرمين کي بنجو ڏئي سگهجي

پهريون پيرو ميمبر شپ حاصل ڪرڻ لاءِ 15 هزار رپيا، 10 هزار رپيا سيڪيورٽي ڊپازٽ ۽ 600 رپيا ماهوار فيس مقرر ڪئي وئي آهي

فلڊ لائٽ هيٺ ڪرڪيٽ ميچ لاءِ ميمبرن کان 400 رپيا في ڪلاڪ ۽ جيمخانه جا جيڪي ميمبر نه هوندا انهن کان 500 رپيا في ڪلاڪ فيس ورتي ويندي

مٽياري (ڊ ر) ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد يوسف شيخ چيو آهي ته شهرين کي تفريح سهولتن جي فراهمي کي يقيني بنائڻ لاءِ جيمخانه کي نئين سر تعمير ڪرايو ويو آهي جنهن جو مقصد هڪ ئي هنڌ ماڻهن کي صحت مند سرگرميون مهيا ٿي سگهن هو اڄ جيمخانه مٽياري جي هال ۾ جيمخانه جي ميمبر شپ ۽ ان کي هلائڻ جي حوالي سان گڏجاڻي جي صدارت ڪري رهيو هو گڏجاڻي ۾ ڳالهائيندي هن چيو ته جيمخانه کي باقاعده، منظم ۽ مڪمل طريقي سان ڪوليو پيو وڃي ته جيئن منفي سرگرمين کي بنجو ڏئي سگهجي ۽ مٽياري جي ماڻهن کي صحتمند، مثبت ۽ معياري سهولتون مهيا ڪري سگهجن گڏجاڻي ۾ ميمبرشپ بابت ٻڌايو ويو ته جيمخانه جي پهريون پيرو ميمبر شپ حاصل ڪرڻ لاءِ 15 هزار رپيا، 10 هزار رپيا سيڪيورٽي ڊپازٽ ۽ 600 رپيا ماهوار فيس مقرر ڪئي وئي آهي فلڊ لائٽ هيٺ ڪرڪيٽ ميچ لاءِ ميمبرن کان 400 رپيا في ڪلاڪ ۽ جيمخانه جا جيڪي ميمبر نه هوندا انهن کان 500 رپيا في ڪلاڪ فيس ورتي ويندي، جڏهن ته ٻين راندين لاءِ ميمبرن کي 200 رپيا اضافي ادا ڪرڻا پوندا جيمخانه ۾ ڪرڪيٽ، فٽبال، بيڊمنٽن، ٽيبل ٽينس، واڪنگ ٽريڪ، لائبريري ۽ ريڊنگ هال جهڙيون سهولتون موجود هونديون ان کان علاوه مردن ۽ عورتن لاءِ ڪسرت ڪرڻ جا الڳ هنڌ مقرر هوندا جنهن جي نگراني ڊسٽرڪٽ اسپورٽس آفيسر مٽياري ڪندو جڏهن ته ڪجهه سهولتن لاءِ ميمبرن کي مقرر فيس کان الڳ سان فيس ادا ڪرڻي پوندي جيمخانه ۾ پارڪنگ جي سهولت سان گڏ ويهڻ لاءِ مناسب هنڌ، ڪيفيٽيريا ، گڏجاڻي هال جي سهولت پڻ موجود هوندي جتي ميمبر ننڍيون ننڍيون گڏجاڻيون ڪري سگهندا جڏهن ته شادي جهڙن فنڪشنن جي اجازت نه هوندي گڏجاڻي ۾ اهو به طئي ڪيو ويو ته جيمخانه جي انتظامي معاملن کي هلائڻ لاءِ في الحال عبوري ڪميٽي جوڙي ويندي جڏهن ته مردن جي ميمبر شپ لاءِ ڊي سي ۽ ڊ مٽياري ۽ عورتن لاءِ اي ڊي سي ٽو مٽياري کي فوڪل پرسن مقرر ڪيو ويو آهي . گڏجاڻي ۾ اهو به فيصلو ڪيو ويو ته جيمخانه ۾ عورتن لاءِ الڳ وقت مقرر ڪيو ويندو ته جيئن اهي سولائي سان سڀ سهولتون استعمال ڪري سگهن گڏجاڻي ۾ اهو به طئي ڪيو ويو ته ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر-1 ميمبرن ڪميٽي جي اجلاس جي اڳواڻي ڪندو جڏهن ته سنڌس غير موجودگي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر مٽياري اجلاس هلائيندو مستقبل ۾ هڪ سال ڪانپوءِ اليڪشن ذريعي باڊي چونڊڻ جو به فيصلو ڪيو ويو في الحال هڪ ڪيئر ٽيڪر ڀرتي ڪيو ويندو جيڪو ڪميٽي جي نگراني هيٺ روزاني معاملن کي سنڀاليندو گڏجاڻي ۾ ايس ايس پي مٽياري راؤ عارف اسلم، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر-2 اقرا جنت، اسسٽنٽ ڪمشنر مٽياري عبدالستار شيخ اسسٽنٽ ڪمشنر هالا ڊاڪٽر مظاهر اسسٽنٽ ڪمشنر سعيدآباد عبدالشڪور سولنگي سميت ضلع مٽياري جا لاڳاپيل آفيسر شريڪ ٿيا

دڙو بيلو روڊ تي مريض کڻندڙ گاڏي سان ڦرلٽ، ڳوٺاڻن جو سخت احتجاج

هٿيارٻندن بيمار مريض ۽ وارثن تي تشدد ڪري رقم ۽ موبائيل فون ڦر ڪيا

جڏڙو شاهه اسٽاپ بدامني جو گڙهه بڻيل، جوابدارن جي فوري گرفتاري جو مطالبو

دڙو (ن ع) دڙو بيلو روڊ تي بيرحم هٿيارٻندن هڪ نازڪ حالت ۾ علاج لاءِ اسپتال ويندڙ مريض ۽ سنڌس وارثن تي سخت تشدد بعد ڦرلٽ، واقعي خلاف ڳوٺاڻن جو سخت احتجاج، جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو تفصيل موجب دڙي ويجهو بيلو روڊ تي جڏڙو شاهه اسٽاپ وٽ 4 نامعلوم هٿيارٻندن پاران سزوڪي پڪ اپ ۾ سوار خاصخيلي برادري جي ماڻهن کان ڦرلٽ ڪئي باڊ موري جا رهندڙ خاصخيلي برادري جا ڳوٺاڻا بيمار مريض گلو خاصخيلي جي علاج لاءِ سزوڪي ۾ کيس ڪٺائي دڙي جي اسپتال اچي رهيا هئا ته هٿيارٻندن کين يرغمال بڻائي تشدد بعد هزارين روپيا روڪ ۽ موبائل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا، ڦر واقعي خلاف دڙي بيلو روڊ تي خاصخيلي برادري پاران نور محمد خاصخيلي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي، ان موقعي تي ڳوٺاڻن الزام هڻندي چيو ته بيلو پوليس جي نااهلي سبب بدامني وڌي وئي آهي روڊ رستا ڦورن حوالي ڪيا ويا آهن گهر کان ٻاهر نڪري نٿا سگهون هنن ٻڌايو ته بيمار مريض گلو خاصخيلي کي علاج لاءِ اسپتال وٺي آياسين پي ته هٿيارٻندن گاڏي روڪي پئسا ۽ موبائل فون ڦر ڪيا، هنن وڌيڪ چيو ته دڙو بيلو روڊ هاڻي هر ايندڙ ماڻهو لاءِ غيرمحفوظ بڻجي ويو آهي ڌوهاري ٽولا سري عام وارداتون ڪري رهيا آهن پوليس فقط منشيات واري ڪم لڳل آهي ڦورو سري عام روڊن تان ڦر ڪري رهيا آهن سنڌن خلاف ڪير به ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، هنن مطالبو ڪيو ته جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف ڪيو وڃي ياد رهي ته هن کان اڳ دڙو بيلو روڊ سانگهي جڏڙي شاهه اسٽاپ وٽ نامعلوم هٿيارٻندن دڙو جي سينئر صحافي اعجاز اختر ميمڻ ۽ قومپرست اڳواڻ ڪامريڊ عزيز سومرو جي فيملي کي روڪي فائرنگ ڪئي ۽ رقم موبائيل فون ڦر ڪري ويا، پوليس اڃا تائين جوابدارن خلاف ڪارروائي نه ڪئي آهي.

دڙو بيلو روڊ تي اسپتال ايندڙ مريض ۽ وارثن کان ڦر ٿيڻ خلاف خاصخيلي برادري پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪوروواهه ۾ ڳوٺاڻن جو زخمين جا جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاج

برادري جي بااثر عبداللطيف خاصخيلي ۽ ٻين ڪهاڙيون هڻي ٽي ڄڻا زخمي ڪيا،مظاهرين

جهيڙي جي اين سي داخل ڪرائي آهي پر پوليس جوابدار گرفتار ڪرڻ تيار ناهي

ڪوروواهه(ن ع) ڪوروواهه ڳوٺ حاجي جمعون خاصخيلي ۾ جهيڙي ۾ زخمين جا جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف عزيز محمود ۽ اصغر خاصخيلي جو پريس ڪلب ڪوروواهه آڏو احتجاج، ان موقعي تي عزيز خاصخيلي، محمود خاصخيلي، اصغر ۽ ٻين ڏانهيندي چيو ته ٽي ڏينهن اڳ برادري جي بااثر جوابدارن عبداللطيف خاصخيلي ،شاهجهان خاصخيلي وارن ٻارن جي معمولي ڳالهه تان ڪهاڙيون ۽ لٺيون هڻي اسان جا ٽي ڄڻا زخمي ڪيا جن ۾ شبير حڪيم محمود

ڏينهن گذري وڃڻ باوجود پوليس جوابدار گرفتار نٿي ڪري، جوابدارن کي وڏيرن جي پٺڀرائي حاصل آهي هو اسان کي ڪيس تان هٿ کڻڻ لاءِ حراسان ڪري وڌيڪ نقصان رسائڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن،هنن ايس ايس پي بدين ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو آهي ته جوابدارن کي گرفتار ڪري اسان کي انصاف ۽ تحفظ ڏياريو وڃي ٻي طرف جهيڙي جي الزم هيٺ آيل عبداللطيف خاصخيلي پريس ڪلب پهچي ميڊيا آڏو ڏانهيندي چيو ته

حيدرآباد ميونسپل ڪارپوريشن سان لاڳاپيل رٽائرڊ ملازمن جي پينشن بند،احتجاج

ملاڪاتيار (ن ع) ضلع ڪائونسل حيدرآباد سان واسطو رکندڙ رٽائرڊ ملازمن لاءِ سخت ڏکيائون پيدا ٿي ويون آهن ميونسپل ڪارپوريشن حيدرآباد جي قيام وقت بلديا حيدرآباد ۾ ضم ٿيندڙ رٽائرڊ ملازمن کي باقاعدگي سان ماهوار پينشن ملندي رهي، پر اوچتو نومبر 2025 کان بغير ڪنهن اطلاع يا وضاحت جي پينشن بند ڪئي وئي آهي. ذريعن موجب نومبر ۽ ڊسمبر جا ٻه مهينا گذري چڪا آهن جڏهن ته جنوري 2026 جو ٽيون مهينو پڻ هلندڙ آهي، پر افسوس جو اڃان تائين رٽائرڊ ملازمن کي سنڌن حق واري پينشن جاري نه ڪئي وئي آهي. رٽائرڊ ملازمن جو چوڻ آهي ته سنڌن سموري گذر سفر انهيءَ پينشن تي ٻڌل آهي، پينشن بند ٿيڻ سبب هو ۽ سنڌن خاندان سخت مالي پريشاني، ذهني اذيت ۽ فاقاڪشيءَ جي حالت ۾ مبتلا ٿي ويا آهن ميونسپل ڪارپوريشن حيدرآباد ۾ ڪنڊو محمد خان ڪنڊو الهيان مٽياري ۽ حيدرآباد سان تعلق رکندڙ لڳ ڀڳ 400 کن رٽائرڊ ملازم شامل آهن جن جا خاندان پڻ وسيع آهن پينشن بند ٿيڻ سان سڄي خاندانن جو معاشي نظام درهم برهم ٿي ويو آهي. پر اڃا تائين ڪو به ذميوار اختيارين طرفان سنجيده قدم نظر نٿو اچي.رٽائرڊ ملازمن ۽ سماجي حلقن پاران سخت خدشن جو اظهار ڪندي چيو ويو آهي ته حڪمران پارٽي پاڻ کي غريب عوام جي پارٽي سڏائي ٿي پر عملي طور رٽائرڊ ملازمن کي سنڌن بنيادي حق کان محروم رکيو ويو آهي جنهن سبب بيچيني وڌي رهي آهي معاشر رٽائرڊ ملازمن وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه ۽ صوبائي وزير بلديات کان پرزور مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي، رٽائرڊ ملازمن جي بند ڪيل پينشن ترت بحال ڪئي وڃي، جيئن هو وڌيڪ پريشاني ۽ ذلت کان بچي سگهن ۽ سنڌن گذر سفر بحال ٿي سگهي

ڪاڇيلو النور پبلڪ اسڪول ۾ تعليمي ايگزيبيشن جو اهتمام

ڪوٽ غلام محمد(ٽ ر) النور پبلڪ اسڪول ڪاڇيلو ۾ شاندار تعليمي ايگزيبيشن، شاگردن جي تخليقي صلاحيتن جو ڀرپور مظاهرو ڪوٽ غلام محمد لڳ النور پبلڪ اسڪول ڪاڇيلو فارم ۾ هڪ شاندار ڪامياب ۽ علمي اهميت رکندڙ تعليمي ايگزيبيشن جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ شاگردن سائنس، رياضي ۽ اسلامي تعليم سان لاڳاپيل مختلف ماڊلز ۽ منصوبا پيش ڪري پنهنجي قابليت، محنت ۽ تخليقي سوچ جو بهترين مظاهرو ڪيو.ايگزيبيشن دوران شاگردن وڏي اعتماد سان پنهنجي تيار ڪيل ماڊلز بابت

حيدرآباد: آپڪا يونٽ گورنمينٽ ڪاليج ٽيڪنالوجي لاءِ نديم ملڪ کي نائب صدر مقرر ٿيڻ تي مبارڪباد ڏني پئي وڃي

آپڪا يونٽ گورنمينٽ ڪاليج ٽيڪنالوجي حيدرآباد لاءِ نديم ملڪ نائب صدر مقرر

آپڪا سنڌ جي جنرل سيڪريٽري اشرف خان بوزئي نديم ملڪ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو

ڊپٽي جنرل سيڪريٽري جمع خان خاصخيلي ۽ ٻين نديم ملڪ کي مبارڪباد پڻ ڏني

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) آپڪا يونٽ گورنمينٽ ڪاليج ٽيڪنالوجي حيدرآباد لاءِ نديم ملڪ کي نائب صدر مقرر ٿيڻ جو نوٽيفڪيشن جاري جاري ڪيو ويو آهي ان سلسلي ۾ ڪالهه آل پاڪستان ڪلرڪ ايسوسيئيشن سنڌ جي جنرل سيڪريٽري اشرف خان بوزئي نديم ملڪ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو آهي جنهن تحت نديم ملڪ کي گورنمينٽ ڪاليج ٽيڪنالوجي حيدرآباد يونٽ جو نائب صدر مقرر ڪيو آهي هوڏانهن ڊپٽي جنرل سيڪريٽري آپڪا سنڌ جمع خان خاصخيلي ۽ ٻين نديم ملڪ کي نائب صدر جون ذميواريون ملڻ مبارڪباد ڏني آهي

سڄاول ۾ پينشنرس الائنس جو رٽائرڊ ملازمن جي مسئلن جي حل لاءِ مظاهرو

مظاهرين پبلڪ پارڪ کان ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان سخت نعريبازي ڪئي

رٽائر ملازمن کي گروپ انشورنس ٻين صوبن وانگر 2009 کان ڏنو وڃي:مظاهرين

سڄاول (ڊ ر) سنڌ پينشنرس الائنس رٽائرڊ ملازمن پاران جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ پبلڪ پارڪ کان احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب سڄاول وٽ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقع تي سپا جي اڳواڻن غلام مصطفيٰ سوهو عطا حسين شاهه عبدالرزاق لنڊ نانا عثمان ڏنور محمد جمن ملاح نور احمد شاعر ۽ عبدالغفور ميمڻ خطاب ڪندي چيو ته سنڌ صوبي جي رٽائر ملازمن کي گروپ انشورنس ٻين صوبن وانگر 2009 کان ڏنو وڃي سنڌ جي زنده رٽائر ملازمن کي بينوولينٽ فنڊ ٻين صوبن وانگر 1987 کان ڏنو وڃي سنڌ جي رٽائرڊ ملازمن کي مفت علاج جي سهولت لاءِ صحت ڪارڊ ڏنا وڃن وزيراعظم جي اعلانيل 2022 جو 10 پرسنٽ پينشن کي صوبن ۽ وفاقي پينشنرن وانگر سنڌ جي پينشنرن کي به 2022 وارو رهيل اضافو ڏنو وڃي ساليانا بجيٽ ۾ سنڌ صوبي جي ملازمن کي مهانگائي جي حساب سان پگهار ۽ پينشن ۾ فرق ختم ڪري هڪ جيترو اضافو ڪيو وڃي هنن آخر ۾ چيو ته اسان جا جائز مطالبا تسليم نه ڪيا ويا ته اسان جي احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

سنڌ پينشنرس الائنس (سپا)
اسان جو حق
سڄاول سنڌ پينشنرس الائنس پاران رٽائرڊ ملازمن جي مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

سافڪو ملازمن پنهنجي ملازمن کي شيئرس ڏيڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

سافڪو عالمي سطح تي پاڻ مڃائي ملڪ لاءِ فخر لائق ادارو بڻجي چڪي آهي:سليمان جي ابڙو

اسان بهتر تعليم ۽ صحت سميت سماجي خدمتن سان دنيا ۾ تبديلي آڻي سگهون ٿا

مختلف ملڪن ۽ بين الاقوامي ادارن جا وفد اسان وٽ اچي فيلڊ ۾ وڃي اسان جي ڪمن جو مشاهدو ڪن ٿا

حيدرآباد(پ ر) سافڪو مائيڪروفنانس ڪمپنيءَ ملازمن پنهنجي ملازمن کي شيئرس ڏيڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي سافڪو جي باني سليمان جي ابڙي چيو آهي ته سافڪو عالمي سطح تي پاڻ مڃائي ملڪ لاءِ فخر لائق ادارو بڻجي چڪي آهي اسان بهتر تعليم ۽ صحت سميت سماجي خدمتن سان دنيا ۾ تبديلي آڻي سگهون ٿا. جيمخانه حيدرآباد ۾ سافڪو گروپ جي سالياني گڏجاڻي منعقد ٿي، جنهن ۾ سڄي سنڌ مان سافڪو مائيڪروفنانس ڪمپني، سافڪو سپورٽ فائونڊيشن ۽ سنڌ ايگريڪلچرل اينڊ فاريسٽري ورڪرس ڪوآرڊينيٽنگ آرگنائيزيشن جي اهم انتظامي عهديدارن گورننگ بورڊ جي ميمبرن زونل ۽ ريجنل مئنيجرن ۽ معزز سماجي ۽ ادبي شخصيتن شرڪت ڪئي.تقريب کي خطاب ڪندي سافڪو گروپ جي باني ۽ صدر ڊاڪٽر سليمان جي ابڙي چيو ته چاليهه سالن جي جدوجهد ۾ سافڪو ايتري صلاحيت حاصل ڪئي آهي جو ملڪ جا اڪثر ادارا اسان جي تجربن مان فائدو حاصل ڪن ٿا ۽ مختلف ملڪن ۽ بين الاقوامي ادارن جا وفد اسان وٽ اچي فيلڊ ۾ وڃي اسان جي ڪمن جو مشاهدو ڪن ٿا، جنهن تي پاڪستان کي فخر ٿيڻ گهرجي مختلف ملڪن جي صدرن ۽ وزير اعظمن کي ملندڙ عالمي ايوارڊن جو ذڪر ڪندي ڊاڪٽر سليمان جي ابڙي چيو ته اسان ڪنهن به ڪمتري يا برتريءَ جي احساس ۾ ناهيون ماڻهن جي خدمت هيٺئين جو هڏڏوڪي بنجڻ ۽ انهن جي اهنجن کي گهٽائڻ ۾ جيڪا خوشي ملي ٿي اها ڪنهن به حڪومتي اعزاز يا صدارتي ايوارڊ کان وڌيڪ آهي هن ٻڌايو ته پوري ملڪ مان سافڪو کي اسلامي خدمتن تي ملائيشيا ۾ عالمي ايوارڊ مليو جيڪا اسان ملائيشيا جي وزير اعظم ۽ مالديپ جي صدر کان وصول ڪيو ان کانسواءِ عالمي سطح جو 'اسلامڪ ريٽيل بئنڪنگ ايوارڊ' مليو جڏهن ته ڪراچي ۾ پي ايم اين قومي ڪانفرنس دوران سموري ملڪ جي ادارن مان سافڪو کي جديد انداز ۾ ڪم ڪرڻ تي ۽ قيادتي معيار تي به ايوارڊ ڏنا ويا. اهي سڀ سافڪو سٽ جي اجتماعي ڪوشش جو نتيجو آهن هن چيو ته سافڪو گروپ جي اعليٰ قيادت کان وٺي فيلڊ ۾ ڪم ڪندڙ عام ملازم تائين سڀئي ان جذبي جي لوڙهيءَ ۾ پوپل آهن ته اسين پنهنجي زندگين ۾ اهڙا ڪم ڪري وڃون جو زمانن تائين ماڻهو انهن جا مثال ڏيندا رهن اهو ئي جذبو اسان جي ڪاميابين جو جوهر آهي. ان ئي جذبي تحت اسان پنهنجن ملازمن کي سافڪو مائيڪروفنانس ڪمپنيءَ ۾ شيئرس ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي، پگهارن ۽ ٻين مراعتن سان گڏ کين شيئر هولڊر بنائي سافڪو جي نفعي ۾ به انهن کي باقاعده شريڪ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي اسان جو اهو فيصلو اسان جي اها جرئت ملڪ جي ٻين ادارن لاءِ به مثال بڻجندي ۽ اهڙي طرح محنت ڪندڙن کي مان ملڻ جي روايت سگهاري ٿيڻ جو ڪريڊٽ به سافڪو کي ملندو سافڪو سربراهه چيو ته ملازمن کي ڪمپني جو مالڪ بنائڻ سان انهن ۾ مالڪيءَ جو احساس پيدا ٿيندو جڏهن اهي پنهنجي ڪمپني سمجهي، ان ۾ پنهنجو شيئر سمجهي ڪم ڪندا،سين تڏهن اسان پنهنجي خوابن کي ساڀيان بنائي سگهنداسين ڊاڪٽر ابڙي چيو ته علم تڏهن ڪارگر ٿيندو جڏهن بصيرت هوندي، ان ڪري اسان کي پنهنجي صلاحيت، علم ۽ مهارت کي بصيرت سان هم آهنگ ڪرڻو پوندو سافڪو جو مقصد سڪٽي ترقي نه پر معياري ترقي آهي اهڙي ترقي جنهن سان ماڻهن جي زندگيءَ ۾ تبديلي ۽ خوشحالي اچي اها تڏهن ايندي جڏهن روزگار جا وسيلا وڌندا اهو ئي سبب آهي جو عالمي ادارن جي سهڪار سان زرعي سافڪو ڪاروبارن جي ترقيءَ لاءِ ماڻهن کي ڪروڙين روپيا امداد ڏئي چڪي آهي ان کان اڳ تقريب کي خطاب ڪندي سافڪو مائيڪروفنانس ڪمپني جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر سيد سجاد علي شاهه ٻڌايو ته 2025ع ۾ سافڪو پنهنجي ڪم ان جي اثر ۽ پنهنجي جاداريءَ کي مڃرايو آهي انهي سال ۾ سافڪو مائيڪروفنانس ڪمپنيءَ ملڪي سطح تي پاڻ مڃايو ۽ بين الاقوامي سطح تي عالمي ايوارڊ مليا، جيڪا سموري سٽ جي ڪوشش ۽ اسان سان گڏجي ڪم ڪندڙن جي اعتماد ۽ سهڪار جو نتيجو آهي ان موقعي تي سي اي او سافڪو سپورٽ فائونڊيشن بشير احمد ابڙو ٻڌايو ته سافڪو 2 لک 57 هزار گهر ٺاهي ڏيڻ واري منصوبي ۾ هن وقت تائين هڪ لک گهر مڪمل ڪري ماڻهن حوالي ڪري چڪا آهيون سافڪو بورڊ جي چيئرمين پروفيسر ڊاڪٽر محمد اسماعيل ڪنڀر چيو ته پنهنجي ڪاميابين ۽ ناڪامين جي سببن بابت پاڻ کان سوال ڪري حڪمت عملي جوڙينداسين ته نئين سال ۾ وڌيڪ ڪاميابيون ماڻينداسين.تقريب کي ڊاڪٽر غلام علي جاريڪو ممتاز بانو شيخ زيب النساءِ ملاح رميز اقبال ميمڻ ذوالفقار علي متقي مفتي ارسلان سماجي اڳواڻ ڊاڪٽر بخش علي پتافي ٽاليواري اديب سيد زوار نقوي ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو

حيدرآباد: ڊاڪٽر سليمان جي ابڙو سيد سجاد علي شاهه ڊاڪٽر محمد اسماعيل ڪنڀار ۽ ٻيا سافڪو گروپ جي سالياني اجلاس کي خطاب ڪندي

ناسر تعلقي ميونسپل ڪميٽيءَ جي رٽائر ملازمن جو ايڇ ايم سي پاران پينشن روڪڻ خلاف احتجاج

رٽائر ملازمن رحيم بخش سولنگي محمد اسلم ۽ عبدالمجيد ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ ٻئي ڏينهن به احتجاج ڪيو

گذريل 2 مهينن کان بغير ٻڌائڻ جي پينشن روڪي وئي آهي، جنهن سبب ميونسپل ڪميٽي ناسر جا رٽائر ملازم سخت پريشان آهن

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) قاسم تعلقي ميونسپل ڪميٽيءَ جي رٽائر ملازمن ايڇ ايم سي پاران 2 مهينن کان پينشن روڪڻ خلاف حيدرآباد پريس ڪلب سامهون رحيم بخش سولنگي، محمد اسلم ۽ عبدالمجيد جي اڳواڻيءَ ۾ ڪالهه ٻئي ڏينهن به احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي هنن چيو ته سال 2023 کان ايڇ ايم سي تعلقي ميونسپل ڪميٽي جي رٽائرملازمن جو رڪارڊ پاڻ وٽ گهرائي پينشن جي ادائيگي شروع ڪئي 2 مهينا اڳ تائين پينشن ملڻ جو سلسلو جاري هو پر گذريل 2 مهينن کان بغير سبب ٻڌائي پينشن روڪي ڇڏي آهي، جنهن سبب ميونسپل ڪميٽي قاسم جا 300 کان وڌيڪ رٽائر ملازم سخت پريشان ٿي ويا آهن هنن چيو ته ايڇ ايم سي انتظاميا ڪجهه به ٻڌائڻ لاءِ تيار نه آهي بنا سبب پينشن روڪڻ سبب اسان جا گهرڀاتي فاقاڪشي جو شڪار ٿي ويا آهن هنن چيو ته اسان سڀ 60سال يا ان کان وڌيڪ عمر جا پيرسن آهيون اسان جو علاج ٽوڙي گهرڀاتين جو گذرسفر انهي پينشن تي آهي هنن ميئر حيدرآباد کي اپيل ڪئي ٻن مهينن جي پينشن فوري ادا ڪري وڌيڪ پريشاني کان بچايو وڃي

پير سيد امير علي شاهه جيلاني جي عمرڪوٽ ۾ مختلف دعوتن ۾ شرڪت

نماز جي پابندي ڪيو قرآن پاڪ جي تلاوت ڪيو پنهنجي پاڙيسرين جو خاص خيال رکو: امير علي شاهه جيلاني

پنهنجي اولاد کي ديني تعليم سان گڏ دنياوي تعليم ڏياريو خاص ڪري نياڻين کي تعليم ڏياريو

پٿورو(ن ع) جيلاني جماعت جو روحاني پيشواءُ ايم اين اي پاڪستان پيپلز پارٽي پير سيد امير علي شاهه جيلاني روحاني سفر تي اڇڙو ٿر کان ضلع عمرڪوٽ جي مختلف ڳوٺن ۾ مريدن سميجا انڙ آباد صابو ڏيپ باندي سايڙ ڀوروناڙو نواب سومرو ماڪيارو عمرڪوٽ صوفي فقير سميت ٻين ڳوٺن ۾ مريدن پاران رکيل دعوتن ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڀوروناڙو پرسان ڳوٺ سايڙ ۾

حيدرآباد ۾ پوليس جي مبينا تشدد ۾ فوت ٿي ويل نوجوان جي وارثن پاران پوسٽ مارٽم رد

اسحاق پٺاڻ جي وارثن پوسٽ مارٽم رپورٽ جاري ڪندڙ ميڊيڪو ليگل آفيسر خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو

هوسڙي ٿاڻي جي حد ۾ مبينا چوري الزام هيٺ نوجوان اسحاق پٺاڻ کي سوگهو ڪري هوسڙي پوليس حوالي ڪيو:مظاهرين

ڊاڪٽر پهرين رپورٽ جي بلڪل اُبتڙ فائنل پوسٽ رپورٽ ۾ اسحاق جي موت نيچرل ڊيڪلئر آهي جيڪا رپورٽ بلڪل بدنيتي تي ٻڌل آهي: وارث

حيدرآباد ڏيل پاڪ ڪالوني وي اسحاق خان جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد ۾ 25ڏينهن اڳ پوليس جي مبينا تشدد ۾ فوت ٿي ويل نوجوان جي وارثن پاران پوسٽ مارٽم رد،ميڊيڪوليگل آفيسر تي رشوت وٺڻ جو الزام،احتجاج. حيدرآباد جي هوسڙي ٿاڻي جي حد ۾ مبينا چوري الزام هيٺ رهواسين پاران سوگهو ڪري پوليس حوالي ڪرڻ کان پوءِ فوت ٿي ويل اسحاق پٺاڻ جي وارثن فائنل پوسٽ مارٽم رپورٽ جاري ڪندڙ ميڊيڪو ليگل آفيسر خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي پوليس حراست ۾ فوت ٿي ويل اسحاق پٺاڻ جي وارثن سعيد اختر،عبدالقيوم خان،رحيم گل خان ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته 18 ڊسمبر تي حيدرآباد جي هوسڙي ٿاڻي جي حد ۾ مبينا چوري الزام هيٺ رهواسين اسان جي نوجوان اسحاق پٺاڻ کي سوگهو ڪري هوسڙي پوليس حوالي ڪيو جنهن بعد پوليس جاچ جي بهاني اسحاق پٺاڻ کي ظاهر نه ڪيو ۽ ٻئي ڏينهن پوليس ٻڌايو ته توهان جو نوجوان فوت ٿي ويو آهي جنهن جو لاش سول اسپتال مان وصول ڪريو جتي اسان پهتاسين ته مجسٽريٽ جي نگراني ۾ اسحاق جو پوسٽ مارٽم ڪيو ويو جنهن رپورٽ ۾ اسحاق جي جسم تي تشدد جي واضح نشانن جي نشاندهي ڪئي وئي جڏهن ته ڊاڪٽر ايم ايل او ڊاڪٽر محمد عديل راجپوت پهرين رپورٽ جي بلڪل اُبتڙ فائنل پوسٽ رپورٽ ۾ اسحاق جي موت نيچرل ڊيڪلئر آهي جيڪا رپورٽ بلڪل بدنيتي تي ٻڌل آهي جنهن کي اسان رد ڪريون ٿا. هنن الزام هڻندي چيو ته ايم ايل او ڊاڪٽر محمد عديل ڳري رشوت عيوض بوگس رپورٽ جاري ڪري هڪ بي گناهه قتل ٿيل نوجوان جو خون لوڙهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جنهن مان لڳي ٿو ته ايم ايل او جوابدارن سان گڏ قتل ۾ ملوث آهي. هنن چيو ته ايم ايل او پاران جاري رپورٽ حق ۽ سچ کي ڏوڙ ڪرڻ جي ڪوشش آهي پر اسان هاڻ ايم ايل او سوڌو جوابدار ڌر خلاف انصاف لاءِ هر اداري وٽ داهيندا سين. هنن چيف جسٽس سنڌ هائي ڪورٽ کي اپيل ڪئي ته ماهري جو نوٽس وٺي جوابدارن خلاف قتل جو ڪيس داخل ڪري فوري گرفتار ڪري انصاف ڪيو وڃي

ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جو رٽائر ملازم پينشن نه ملڻ خلاف 9 ڏينهن کان سراپا احتجاج بڻيل، نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

ڊرائيور جي پوسٽ تي 35 سال سروس ڪئي آهي، پنج سال جو عرصو گذري وڃڻ باوجود ڪميوٽيشن رقم ناهي ملي: امين زنئور

ڪميوٽيشن واري رقم نه ملڻ سبب مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيو آهيان، ڪرائي جي گهر ۾ رهڻ تي مجبور آهيان

ريڊيو پاڪستان جي رٽائر ملازمن جي مسئلن جو نوٽيس وٺي ڪميوٽيشن واري رقم ۽ پينشن ڏني وڃي

احتجاج
علامتی بھوک ہڑتال
احتجاج
حيدرآباد ريڊيو پاڪستان جو رٽائرڊ ملازم پينشن نه ملڻ خلاف احتجاج ڪندي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد ريڊيو پاڪستان جي رٽائر ملازم پينشن نه ملڻ خلاف ڪالهه 9 ڏينهن حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاج جاري رکيو ان موقعي تي رٽائر ملازم محمد امين زنئور چيو ته ريڊيو پاڪستان ۾ ڊرائيور جي پوسٽ تي 35 سال سروس ڪرڻ کان پوءِ سال 2021 ۾ رٽائر ٿيس رٽائر ٿيڻ کان پوءِ 5 سال جو عرصو گذري وڃڻ باوجود ڪميوٽيشن واري رقم نه ملي آهي جنهن سبب سخت مشڪلات کي منهن ڏئي رهيو آهيان. پيسا نه هجڻ سبب ڪرائي جي گهر ۾ رهڻ تي مجبور آهيان هن چيو ته اختيارين کي ڪيترائي دفعا لکڻ باوجود ڪميوٽيشن واري رقم نه ملي آهي هن چيو ته ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جا 400 کان وڌيڪ رٽائر ملازم ڪميوٽيشن واري رقم کان محروم آهن هن صدر پاڪستان، وزيراعظم پاڪستان ۽ اطلاعات کاتي واري وفاقي وزير کي اپيل ڪئي ته ريڊيو پاڪستان جي رٽائر ملازمن جي مسئلن جو نوٽس وٺي ڪميوٽيشن واري رقم ڏياري وڃي پينشن جي ادائگي وقت سر ممڪن بڻائي وڃي

اڏيرولال پرسان ڳوٺن ۾ آرو پلانٽ غيرفعال بڻيل، عوام زهريلو پاڻي پيئڻ تي مجبور

ڏالو خاصخيلي ۽ چنيسر خاصخيلي ۾ صاف پاڻي جو بحران، ڳوٺاڻا کارو پاڻي پيئڻ سبب بيماري ۾ وڪڙجي ويا

کارو پاڻي سبب عورتون، مرد ۽ معصوم ٻارڙا چمڙي ۽ ڪاري سائي سميت خطرناڪ بيمارين ۾ مبتلا

ڳوٺاڻن جو پبلڪ هيلٿ آفيسرن خلاف احتجاج، وزيراعليٰ سنڌ کان آرو پلانٽ بحالي جو مطالبو

اڏيرولال (ن ع) اڏيرولال ويجهو ڳوٺ ڏالو خاصخيلي ۽ چنيسر خاصخيلي جا آرو پلانٽ غيرفعال رهواسي جر جو خراب پاڻي واپرائڻ سبب مختلف بيمارين ۾ مبتلا ٿي ويا، ڳوٺاڻن عاشق خاصخيلي سبب علي خاصخيلي محمد علي مير حسن خاصخيلي سليم خاصخيلي امجد خاصخيلي جي اڳواڻي ۾ پبلڪ هيلٿ کاتي جي آفيسرن خلاف عوام جو احتجاجي مظاهرو، عوام ميڊيا نمائندن اڳيان ڏانهيو آهي ته گذريل ڪيترن سالن کان آرو پلانٽ خراب هجڻ ڪري بند پيل آهن جنهن سبب ڳوٺن ۾ پيئڻ جي صاف پاڻي جو بحران ٿي ويو آهي، ڳوٺاڻا جر جو زهريلو کارو پاڻي پيئڻ تي مجبور آهيون جنهن ڪري مرد، عورتون ۽ معصوم ٻارڙا ڪاري سائي سميت چمڙي جي خطرناڪ بيمارين ۾ مبتلا ٿي رهيا آهن هنن چيو ته ڳوٺ جي بند پيل آرو پلانٽ جي بحالي لاءِ اسان چونڊيل نمائندن سميت ڊي سي ۽ پبلڪ هيلٿ کاتي جي آفيسرن وٽ شڪايتون ڪيون آهن پر ڪير ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي ڳوٺاڻن وزير اعلي سنڌ ۽ پبلڪ هيلٿ کاتي جي صوبائي وزير کان مطالبو ڪيو آهي ته ڳوٺ چنيسر خاصخيلي ۽ ڏالو خاصخيلي جا سالن کان بند پيل آرو پلانٽ بحال ڪرائي پريشاني ختم ڪئي وڃي

مٺي پرسان بلاول ڀٽو پاران ٿر انسٽيٽيوٽ آف انجنيئرنگ سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي ڪئمپس جو افتتاح

بلاول ڀٽو زرداري وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سان گڏ بختاور ايئرپورٽ پهچڻ بعد ڪئمپس جو افتتاح ڪيو

تقريب ۾ محمد بخش مهر مير طارق ٽالپر جميل سومرو دوست محمد راهمون ارباب لطف الله قاسم سراج سومرو ۽ ٻين جي شرڪت

بلاول ڀٽو زرداري اسٽيج تان لهڻ بعد پنڌال ۾ ويٺل پ پ جي جهوني اڳواڻ ڊاڪٽر ڪنومل جيوڻ وٽ اچي سنڌس خيريافت معلوم ڪئي

مٺي(ڊ ر) پ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سان گڏ مٺي لڳ ڳوٺ ملڙيو ڀٽي ۾ ٿر انسٽيٽيوٽ آف انجنيئرنگ سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي ڪئمپس آفيس جو افتتاح ڪرڻ لاءِ بختاور ايئر پورٽ پهتو جتان اتي پهچي ڪئمپس جو باقاعده افتتاح ڪيو ان موقعي تي کيس پراجيڪٽ بابت بريفنگ به ڏني وئي. هن تقريب ۾ اسٽيج تي بلاول ڀٽو زرداري سان گڏ سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه صوبائي وزير اسماعيل راهو ۽ ايم اين اي ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي پڻ موجود هئا. تقريب ۾ صوبائي وزير محمد بخش مهر، مير طارق ٽالپر جميل سومرو . صوبائي صلاح ڪار دوست محمد راهمون ايم پي اي ارباب لطف الله، قاسم سراج سومرو سيد امير علي شاهه ڊاڪٽر ڪنومل جيوڻ، فقير شير محمد بلالاڻي، ايم اين اي پير امير علي شاهه جيلاني، رميش ڪمار واڪواڻي، سينٽر پونجومل ڀيل، پ پ پ اڳواڻن ڪرشنا ڪماري ڪولهي، راول جيوڻ، ويرجي ڪولهي، انجنيئر گيانچند ٽاراڻي، ڪنور ڪرني سنگهه سوڍو، ڊاڪٽر غلام حيدر سميجو ڊاڪٽر منوج ڪمار ملاڻي، وي سي پروفيسر محمد طفيل سراج سومرو فياض سومرو ۽ ٻين شرڪت ڪئي. ان موقعي تي مهمانن کي لوڻيون ۽ شيلڊون پڻ ڏنيون ويون ميڙاڪي ۾ پ پ جيالن وزيراعظم بلاول ڀٽو زرداري جا نعرا هڻا. بلاول ڀٽو زرداري اسٽيج تان لهڻ بعد پنڌال ۾ ويٺل پ پ جي جهوني اڳواڻ ڊاڪٽر ڪنومل جيوڻ وٽ اچي سنڌس خيريافت معلوم ڪئي.

سڄاول ۾ ايس ٽي پي جو وڌندڙ مهانگائي خلاف احتجاجي مظاهرو

سڄاول (ڊ ر) سنڌ ترقي پسند پارٽي جي مرڪزي سڏ تي ايس ٽي پي سڄاول پاران ملڪ ۾ وڌندڙ هٿرادو مهانگائي ۽ اٽي جي هٿرادو وڌندڙ ريٽ خلاف پريس ڪلب سڄاول اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو انهي موقعي تي ايس ٽي پي اڳواڻن تعلقي صدر شهمير سنڌي ڏاڏا سنڌي نظير هٿيار ارشاد سانگي نور احمد هٿيار فيض جهنڊيل ۽ ٻين سخت نعريبازي ڪندي چيو ته ضلعي سڄاول ۾ واپارين هٿرادو اٽي جو اگهه وڌائي غريب عوام کان جيئڻ جو حق کسيو آهي انتظاميا کي نظرنٿو اچي اسين ضلع انتظاميه کان مطالبو ٿا ڪريون ٿا ته اضافي اگهه وصول ڪندڙ واپارين خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي

ڪنڌڪوٽ ۾ علامه اقبال اوپن يونيورسٽي ڪيمپس بند ڪرڻ خلاف احتجاج

ڪنڌڪوٽ (ڊ ر) ڪنڌڪوٽ تعليم دشمن عمل نامنظور سياسي سماجي تنظيمن جو علامه اقبال اوپن يونيورسٽي جي ڪيمپس کي بند ڪرڻ واري عمل خلاف ڊي سي آفيس آڏو سوين شهرين شاگردن هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي احتجاج ڪيو انهي دوران تعليم دشمن عمل نامنظور . غريب مسڪين شاگردن کي علم ڏيو . ڪيمپس بحال ڪيو جي زوردار نعريبازي ڪندي جماعت اسلامي جي ضلعي امير غلام مصطفيٰ ميراڻي، شهري اتحاد جي صدر ڊاڪٽر ميهر چند، ايس يو پي ضلعي صدر ظريت ساگر بجاراڻي، شبير ميراڻي، مولوي رفيع الدين چنه، شاهنواز مرهيٽو ۽ ٻين چيو ته اسان جو ضلعو اڳ ۾ تعليم جي حوالي سان ملڪ اندر پوئتي پيل آهي ڪو به سرڪاري ادارو قائم ٿيل نه آهي جيڪو غريب مسڪين عوام کي سستي ۽ آسان تعليم گهر ويلي ڏيئي سگهي ڪاليجز ۾ جيڪي ڊگريون ڏين ٿيون تمام گهڻي مهنگيون آهن جنهن ڪري اسان جي ضلعي ۾ واحد علامه اقبال اوپن يونيورسٽي جو ڪيمپس قائم ٿيل آهي جيڪا به سکر منتقل ڪري هتان جي عوام کي تعليم کان پري رکڻ جي سازش آهي ضلعي جي شاگردن ۽ عوام جو وفاقي سرڪار ۽ چونڊيل نمائندن کان هميشا مطالبو رهيو آهي ته ضلعي اندر يونيورسٽي قائم ڪري عوام کي علم جي روشني ڏني وڃي اسين مطالبو ڪيون ٿا ته علامه اقبال اوپن

اڏيرولال پرسان پرائمري اسڪول جي زبون حال هجڻ خلاف ڳوٺاڻن جو احتجاج

اسڪول جي ڇت مان ڇاپڙ ڪرڻ به روز جا معمول بڻيل آهن: مظاهرين

چونڊيل نمائندن کي شڪايتون ڪيون آهن پر ڪير به ٻڌڻ وارو ناهي

اڏيرولال (ن ع) اڏيرولال پرسان ڳوٺ باٺوخان پٺاڻ جي پرائمري اسڪول جي عمارت انتهائي زبون حال بڻيل اسڪولي ٻارڙن ، جو تعليم کاتي مٽياري ۽ چونڊيل نمائندن خلاف احتجاجي مظاهرو احتجاج ڪندي مقيم خاصخيلي شازيه انيلا خاصخيلي ۽ ٻين چيو ته گذريل ڪيترن ئي سالن کان اسڪول جي بلڊنگ زبون حال بڻيل آهي اسڪول جي ڇت مان ڇاپڙ ڪرڻ به روز جا معمول بڻيل آهن ڪيترائي ڀيرا تعليم کاتي سميت چونڊيل نمائندن کي شڪايتون ڪيون آهن پر ڪير به ٻڌڻ وارو ناهي انهن وڌيڪ چيو ته اسڪول ۾ فرنيچرن سميت ٻين بنيادي سهولتن جي کوٽ آهي اسڪولي ٻارڙن وزير اعلي سنڌ ۽ صوبائي وزير تعليم کان مطالبو ڪيو آهي ته نوٽيس وٺي جلد اسڪول جي بلڊنگ جي مرمت ڪرائي بنياد سهولتون مهيا ڪيون وڃن

اڏيرولال اسڪول جي بلڊنگ زبون حال هجڻ خلاف اسڪول ٻارڙا احتجاج ڪندي

مسوريڳڙي يونين ڪميٽي ۾ ترقياتي فنڊ غائب، مقامي ماڻهن ۾ بيچيني

نيڪال، صاف پاڻي ۽ بنيادي سهولتن جا منصوبا ڪاغذن تائين محدود بڻيل

سماجي ۽ سياسي حلقن جو شفاف جاچ ۽ ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي جو مطالبو

مسوريڳڙي (ن ع) مسوريڳڙي يونين ڪميٽي ۾ ترقياتي ڪمن لاءِ مختص ڪيل سرڪاري فنڊ ڪيڏانهن ويا...! مقامي سطح تي بيچيني وڌي وئي آهي سماجي اڳواڻن ۽ شهرين جو چوڻ آهي ته ڪاغذن ۾ مڪمل ڏيکاريل منصوبا عملي طور تي نظر نٿا اچن. مقامي ماڻهن موجب نيڪال نظام، صاف پاڻي ۽ ٻين بنيادي سهولتن جا منصوبا يا ته اڌورا آهن يا مڪمل طور شروع ئي ناهن ڪيا ويا ، ذريعن جو چوڻ آهي ته يونين ڪائونسل جي بجيٽ ۾ گذريل مالي سال دوران ڪافي رقم جاري ڪئي وئي، پر ان جا نتيجا زمين تي نظر نٿا اچن ان صورتحال سبب غريب ۽ وچولي طبقي جا ماڻهو سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿي رهيا آهن جيڪي بنيادي سهولتن کان محروم آهن ان حوالي سان سماجي تنظيمن ۽ سياسي حلقن پاران مطالبو ڪيو ويو آهي ته معاملن جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي سنڌن چوڻ آهي ته جيڪڏهن وقت سر قدم نه کنيا ويا ته اهڙي بدعنوانيءَ جو سلسلو وڌيڪ مضبوط ٿي ويندو . شهرين اميد ظاهر ڪئي آهي ته اعليٰ اختيارين طرفان جلد نوٽيس ورتو ويندو جيئن حقيقتون سامهون اچي سگهن ۽ عوام جي ٽيڪس جي رقم جو صحيح استعمال يقيني بڻائي سگهجي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پبلوار پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
روزاني عبرت
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk
خميس 15 جنوري 2026ع

پاڪ-سعودي: معدنيات جي شعبي ۾ نئين معاشي اڳڀرائي

پاڪستان ۽ سعودي عرب وچ ۾ معدنيات ۽ کاڻ کوٽڻ جي شعبي ۾ گڏيل سيڙپڪاريءَ بابت تازو اڳڀرائي نه رڳو ٻنهي ملڪن جي ويجهن لاڳاپن کي ظاهر ڪن ٿيون پر خطي ۽ عالمي سطح تي ايندڙ معاشي رجحان ڏانهن به هڪ اهم اشارو آهن. رياض ۾ ٿيندڙ فيوچر منرلز فورم 2026ع جي موقعي تي پاڪستان جي وفاقي وزير پيٽروليم علي پرويز ملڪ ۽ سعودي عرب جي صنعت توڙي بندرگاهه معدني وسيلن جي وزير ابراهيم الخريف جي ملاقات دوران جيڪا اتفاقِ راءِ سامهون آئي، اها پاڪستان لاءِ معاشي بحالي ۽ صنعتي ترقيءَ جي نئين راهه کولڻ جي صلاحيت رکي ٿي. دنيا هن وقت اهم معدنيات، جهڙوڪ لٿيم، ڪاپر، نڪيل ۽ ناياب ڌاتن ڏانهن تيزيءَ سان وڌندڙ ڌيان ڏئي رهي آهي ڇاڪاڻ ته جديد ٽيڪنالاجي، قابلِ تجديد توانائي، اليڪٽرڪ گاڏين ۽ ڊجيٽل معيشت جو دارومدار انهن وسيلن تي وڌي رهيو آهي. اهڙي عالمي پس منظر ۾ پاڪستان جهڙو ملڪ، جنهن وٽ قدرتي معدني وسيلن جا وڏا ذخيرا موجود آهن پر انهن مان مڪمل فائدو حاصل نه ڪري سگهيو آهي، ان لاءِ سعودي عرب سان ڀائيواري انتهائي اهم ٿي وڃي ٿي. سعودي عرب پاڻ به ويزن 2030ع تحت پنهنجي معيشت کي تيل تي ڀاڙڻ کان ٻاهر ڪڍي صنعت، کاڻيون کوٽڻ ۽ ٽيڪنالاجي ڏانهن منتقل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. اهڙي صورتحال ۾ پاڪستان سان گڏيل سيڙپڪاري ٻنهي ملڪن جي مفادن سان جڙيل نظر اچي ٿي. پاڪستان وٽ زمين، معدني وسيلن ۽ محنتي انساني طاقت آهي، جڏهن ته سعودي عرب وٽ سرمايو، جديد ٽيڪنالاجي ۽ عالمي منڊين تائين رسائي موجود آهي. جيڪڏهن اهي صلاحيتون صحيح نموني سان گڏ ڪيون وڃن ته ٻنهي ملڪن لاءِ لاڀائتي صورتحال پيدا ٿي سگهي ٿي.

هن ملاقات دوران معدنيات جي مڪمل ويليو چين، يعني ڳولا، کاڻ کوٽڻ، پروسيسنگ ۽ برآمد تائين گڏيل سيڙپڪاريءَ جي امڪانن تي زور ڏنو ويو. اهو هڪ انتهائي اهم نقطو آهي، ڇاڪاڻ ته پاڪستان ماضيءَ ۾ گهڻو ڪري رڳو خام معدني وسيلن جي برآمد تي ڀاڙيندو رهيو آهي، جنهن سبب حقيقي معاشي فائدو محدود رهيو. جيڪڏهن سعودي تعاون سان پاڪستان اندر ئي پروسيسنگ ۽ ويليو ايڊيشن جون سهولتون قائم ٿين ٿيون ته روزگار جا هزارين موقعا پيدا ٿي سگهن ٿا ۽ ملڪ کي قيمتي مٽا سٽا جو ناڻو حاصل ٿي سگهي ٿو. تنهن هوندي به رڳو معاهدا ۽ ملاقاتون ڪافي ناهن. پاڪستان کي پنهنجي پاليسين ۾ تسلسل، شفافيت ۽ سيڙپڪارن لاءِ سازگار ماحول پيدا ڪرڻو پوندو. ماضيءَ ۾ ڪيترائي معدني منصوبا بيوروڪريسي، قانوني تڪرارن ۽ سيڪيورٽي خدشن سبب مڪمل نه ٿي سگهيا. جيڪڏهن پاڪستان واقعي سعودي عرب جهڙي ڀروسي واري ڀائيوار کي راغب ڪرڻ چاهي ٿو ته ڪيس صوبن ۽ وفاق وچ ۾ هم آهنگي، واضح قانون سازي ۽ جديد ريگيوليٽري ڍانچي کي يقيني بڻائڻو پوندو. ٻئي طرف، سعودي عرب لاءِ به پاڪستان ۾ سيڙپڪاري صرف معاشي معاملو نه پر اسٽريٽجڪ اهميت رکي ٿي. پاڪستان خطي ۾ هڪ اهم جغرافيائي حيثيت رکي ٿو ۽ چين وچ ايشيا ۽ ڏکڻ ايشيا سان ڳنڍيل آهي. معدنيات جي شعبي ۾ گڏيل منصوبن سان سعودي عرب کي نه رڳو نوان وسيلن تائين رسائي ملندي پر علائقائي سطح تي به سندس معاشي اثر وڌندو.

فيوچر منرلز فورم جهڙا عالمي فورم ان ڳالهه جو ثبوت آهن ته ايندڙ ڏهاڪن ۾ معدنيات عالمي سياست ۽ معيشت جو مرڪزي موضوع بڻجڻ واري آهي. اهڙي وقت ۾ پاڪستان جيڪڏهن موقعا وڃائي ويٺو ته هو پيهر پوئتي رهجي ويندو. سعودي عرب سان وڌندڙ تعاون پاڪستان لاءِ هڪ سنهري موقعو آهي پر ان مان فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ سنجيده عملدرآمد، ڊگهي مدي واري حڪمت عملي ۽ قومي مفادن کي اوليت ڏيڻ لازمي آهي. آخر ۾ اهو چئي سگهجي ٿو ته پاڪستان ۽ سعودي عرب جي وچ ۾ معدنيات جي شعبي ۾ وڌندڙ ويجهڙائپ رڳو ٻه طرفي لاڳاپن کي نئون رخ نه ڏيندي پر پاڪستان جي معاشي مستقبل لاءِ به اميد جو ڪرڻو ثابت ٿي سگهي ٿو، شرط رڳو اهو آهي ته ڳالهين کي عمل ۾ آندو وڃي ۽ قومي وسيلن کي ذميواري سان استعمال ڪيو وڃي.

محمد رمضان خاصخيلي، هاري هلچل جو صدورو ڪردار!


صادق لاکو

سڪرنڊ هميشه مزاحمت ڪندڙ اورچ ماڻهن جو خطو رهيو آهي پوءِ اها مزاحمت واري تحريڪ هجي يا پُرامن احتجاج جي صورت ۾ هجي، قومي تحريڪ جي جرير هجي يا جمهوري هلچل، ادبي تحريڪ هجي يا هاري هلچل هجي، مارشل لا هجي يا جمهوريت جي نالي تي ڪاري رات هجي. سڪرنڊ هميشه جدوجهد ۽ سجاڳيءَ جي جدوجهد جي اڳين صفن ۾ نظر اچي ٿو. سڪرنڊ توڙي نوابشاهه هاري هلچل جي حوالي سان به سگهارو مورچو رهيو آهي. ڪامريڊ محمد سليمان لاکو، ڪامريڊ محمد صالح بلو، ڪامريڊ ايڊووڪيٽ رشيد احمد شاهه، ڪامريڊ خادم حسين چانڊيو، ڪامريڊ تماچي راهو، ڪامريڊ پليڊنو انڙ ۽ ٻيا ڪردار ۽ نالا اهڙا آهن جيڪي منهنجي دل ۾ نه ياد آهن پر هن وقت زبان تي نه اچي رهيا آهن. قاضي احمد ويجهو ڳوٺ گابرڏاهريءَ ۾ 15 جولاءِ 1935ع تي سخي مرد جمع خان خاصخيليءَ جي گهر ۾ جنم وٺندڙ ڪامريڊ محمد رمضان خاصخيلي جڏهن قومي سڃاڻپ ڪارڊ ٺهرايو ته سندس ڪارڊ ۾ جنم 15 جولاءِ 1945ع لکجي ويو. سندس خاندان جي بزرگن وڏي عمر جي ماڻهن ايتري تائين جو سندس ماسات جهوني لونگ خاصخيليءَ جو چوڻ آهي ته ڪامريڊ محمد رمضان خاصخيلي اسان کان عمر ۾ وڏو هو. قاضي احمد ويجهو قديمي ڳوٺ گابرڏاهريءَ ۾ جنم وٺندڙ محمد رمضان خاصخيلي ننڍي هوندي مال چارڻ، ٻني ٻاري ۽ زمين آباد ڪرڻ ڏي سندس زرعي فصلن سان دلچسپي رهي. سندس والد سخي جمع خان خاصخيليءَ جو ڀلو مال هوندو هو، جنهن ۾ ڀلا ڏڳا، گهوڙا، مينهون، ٻڪريون، رڍون ۽ اُٺ پالڻ جو شوقين هو. هو الله پاڪ جي نالي تي وڏي خيرات ڪندو هو ۽ غريبن جي مدد ڪندو رهندو هو. ڪامريڊ محمد رمضان خاصخيلي گابرڏاهريءَ ۾ جنم ورتو ۽ ڪيترائي عرصو هتي رهڻ بعد اڳتي هلي ڪامريڊ محمد رمضان خاصخيلي هجرت ڪري نيشنل هاءِ وي کان 10 ڪلوميٽر جي پنڌ تي ڳوٺ ڪنڊو انڙ تعلقي سڪرنڊ ۾ رهائش اختيار ڪئي ڳوٺ ڪنڊو انڙ ۾ زرعي زمين آباد ڪرڻ سميت سندس والد جمع خان خاصخيلي ڳوٺ ۾ جانورن پالڻ ۽ واپار جو شوق برقرار رکيو. ڪامريڊ محمد رمضان خاصخيلي تعليم تمام گهٽ حاصل ڪري سگهيو پر جيتري به تعليم حاصل ڪئي، ان پنهنجي علم ۽ ڏاهپ وسيلي پڙهي لکي ويندو هو. پاڻ هارين جي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ دلچسپي رکندي هاري هلچل جو حصو بڻجي ويو. سندس ڳوٺ ڪندو انڙ ۾ سندس اوطاق هاري هلچل جو مرڪز رهندي هئي، جتي ڪامريڊ حيدربخش جتوئيءَ کان وٺي ڪيترائي سياسي اڳواڻ هتي اچي ڪري ڪچهريون ڪندا هئا. ڳوٺ ڪندو خاصخيلي ۽ سڪرنڊ شهر ۾ رهائش دوران بظاهر مسڪين پر سگهارو هاري اڳواڻ ڪامريڊ محمد رمضان خاصخيلي به سنڌ هاري هلچل جو هڪ سگهارو، صالح هاڪاري ڪردار ٿي گذريو.

ڪامريڊ جام ساقيءَ ۽ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي سوچ ۽ فڪر جو طرفدار رهندڙ ڪامريڊ محمد رمضان خاصخيلي پنهنجي مزاج ۽ طبيعت ۾ نه هڪ شفيق، مهربان ۽ محبتون ڏيندڙ هڪ آتساهيندڙ انسان رهيو پر پنهنجي سياسي مقصد ۽ هارين پورهيتن ۽ مظلوم ماڻهن جي حقن جي حاصلات توڙي ساڻن ٿيندڙ ظلم ڏاڍ ۽ جبر خلاف بهادريءَ ۽ سان بي خوف ٿي ڪري جدوجهد ڪندو رهيو. علائقي جي سياسي، سماجي، علمي ۽ ادبي ڌرين توڙي راڄن جي نيڪ مردن سان ڀائپيءَ وارا واسطا رکندڙ ڪامريڊ محمد رمضان خاصخيلي پنهنجي سياسي ۽ نظرياتي اصولن تي اڏول ٿي بيهڻ جي ڪري پنهنجي زندگيءَ ۾ تمام گهڻين تڪليفن ۽ پريشانين کي منهن ڏنو. هاري هلچل ۾ متحرڪ رهڻ ڪري ڪيترائي ڀيرا ڪيس مقامي وڏيرن تنگ ڪيو، هيسائڻ جي ڪوشش ڪئي پر هن ڪڏهن به هيٺي ڪانه ٻولي. اهو ئي سبب آهي جو زندگيءَ جو ڪافي حصو ٻکن ڏکن ۽ بيمارين سان جهيڙيندو رهيو پر ڪڏهن پنهنجي اصولن ۽ آدرشن تان هٿ نه ڪنيائين. زندگيءَ جي آخري ساهه تائين نوجوانن کي هاري هلچل متعلق شعور ڏيندو رهيو ۽ سدائين جدوجهد جي پنڌ ۾ رهيو. پاڻ اڄ کان 3 سال اڳ 15 جنوري 2022ع تي حيدرآباد ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. جنهن کي سندس خواهش موجب ڪينٽونمينٽ قبرستان حيدرآباد ۾ دفنايو ويو. پاڻ پنهنجي اولاد جي تربيت به اهڙي ڪري ويو آهي، جيڪي صحافتي مورچي تي سنڌ جي هارين، مظلوم ۽ محڪوم ماڻهن ۽ قومي حقن جي حاصلات لاءِ ٿيندڙ جدوجهد ۾ شامل آهن. سندس فرزند سخي غلام حسين خاصخيلي ۽ جاني جمن خاصخيلي هن وقت حيدرآباد پريس ڪلب جي متحرڪ صحافين منجهان هڪ آهن ۽ سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جا پُرجهلا بڻيل آهن. انهن سخي محمد رمضان خاصخيلي يادگار ڪاميٽي جوڙي آهي، جنهن جي پليٽ فارم تان هر سال سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جي سهڪار سان

21هين صديءَ جي ٽيڪنالاجي جنگ..!

ڊاڪٽر رميش ڪمار وانڪواڻي

نئين سال جي شروعات سان ئي اسان جي پاڙيسري ملڪ ايران مان پريشان ڪندڙ خبرن جو سلسلو اوچتو تيز ٿي ويو آهي ميڊيا رپورٽن موجب وڏي پيماني تي ٿيندڙ احتجاجي مظاهرن ۾ شدت اچڻ سبب سڄي ملڪ ۾ انٽرنيٽ، موبائل فون، لينڊ لائين ۽ مواصلاتي نظام معطل ڪيو ويو آهي هي مضمون لکڻ تائين ايران جي سينئي مقامي ۽ سرڪاري ويب سائيٽن تائين رسائي بند آهي اهڙي صورتحال ۾ جديد ٽيڪنالاجي ۾ نيون راهون متعارف ڪرائيندڙ آمريڪي بزنس ٽائيڪون ايلون مسڪ جي ڪمپني اسپيس ايڪس پاران پيش ڪيل 'اسٽار لنڪ' سيٽلائيٽ انٽرنيٽ هڪ اهم متبادل طور غيرمعمولي اهميت اختيار ڪري چڪو آهي

ٽيڪنالاجي ماهرن موجب اسٽار لنڪ روايتي فائبر ۽ موبائل نيٽ ورڪن بدران زمين جي چوڌاري گهٽ اوچائيءَ واري مدار ۾ گردش ڪندڙ مختلف مصنوعي سيٽلائيٽن ذريعي انٽرنيٽ استعمال ڪندڙن کي سڌي طرح وائرليس انٽرنيٽ فراهم ڪري ٿو، جنهن سبب ان کي ڪنٽرول ڪرڻ انتهائي ڏکيو ۽ پيچيده عمل بڻجي وڃي ٿو. مقامي انٽرنيٽ بندش ڪانپوءِ ايران جو عالمي دنيا سان رابطي جو واحد ذريعو سيٽلائيٽ انٽرنيٽ ئي بچيو آهي جنهن کي حڪومت مخالف عنصر پنهنجي احتجاجي تحريڪ منظم ڪرڻ لاءِ ڀرپور نموني استعمال ڪري رهيا آهن جڏهن ته پرڏيهه مان هلندڙ پروپيگنڊا به عروج تي آهي اسٽار لنڪ طرفان 24 ڪلاڪ مفت انٽرنيٽ جي آڇ احتجاجي مظاهرن ۾ نئون ساهه وڌو، پر تازو ايران جي حڪومت اسٽار لنڪ انٽرنيٽ جي رسائي ۾ رڪاوٽون وجهي دنيا کي حيران ڪري ڇڏيو آهي مغربي ميڊيا جي اندازن موجب ايران وڏي پيماني تي سگنل جيمرز استعمال ڪري اسٽار لنڪ جي ڊيٽا ٽرانسفر ۽ جي پي ايس نظام ۾ خلل وڌو جڏهن ته فضائي نگراني دوران عمارتن جي ڇتين تي لڳايل اُهي سڀ سيٽلائيٽ ڊش اينٽينا به ضبط ڪيا پيا وڃن جيڪي رياست مخالف سرگرمين لاءِ استعمال ٿي رهيا آهن علمي مبصرن جو چوڻ آهي ته انٽرنيٽ جي تاريخ ۾ هي پهريون حيران ڪندڙ واقعو آهي جڏهن ڪنهن رياست سيٽلائيٽ انٽرنيٽ نشريات کي اهڙي حد تائين ڪنٽرول ڪرڻ ۾ نمايان ڪاميابي حاصل ڪئي هجي ماهرن موجب اسٽار لنڪ کي مفلوج ڪرڻ جي هيءَ ٽيڪنيڪي ڪاميابي رڳو احتجاج ڪندڙن جا رابطا ٽوڙڻ تائين محدود ناهي پر ايران طرفان مڪمل ڪنٽرولڊ ڊجيٽل ماحول قائم ڪرڻ ڏانهن هڪ اهم قدم به آهي

اسان جي پاڙيسري علائقي ۾ سرحد پار انٽرنيٽ جي محاذ تي جاري هن ڇڪتاڻ مان اهو واضح ٿئي ٿو ته جديد دور ۾ آرٽيفيشل انٽيليجنس، ڊجيٽل انفرا اسٽرڪچر، سائبر سيڪيورٽي ۽ انٽرنيٽ ڪميونيڪيشن تي ڪنٽرول جي صلاحيت هاڻي دفاعي نظام جو بنيادي ستون بڻجي چڪي آهي جيڪڏهن تاريخ ۾ جهاتي پايون ته هر وڏي جنگ ۾ ٽيڪنالاجي فيصلائتو ڪردار ادا ڪيو آهي ٻي عالمي جنگ دوران برطانيا ريڊار سسٽم ذريعي جرمن هوائي حملن کي ناڪام بڻايو جڏهن ته نازي جرمني جا ڳجها ڪوڊ توڙي اتحادي فوجن جنگي حڪمت عملي ۾ برتري حاصل ڪئي سرد جنگ ۾ آمريڪا ۽ سوويت يونين سڌي جنگ کان پاسو ڪيو، پر ايٽمي ٽيڪنالاجي ميزائل سسٽمز ۽ خلائي سيٽلائيٽن ذريعي هڪ ٻئي تي نفسياتي برتري حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي

1990ع واري ڏهاڪي جي خليجي جنگ کي پهرين 'هاءِ ٽيڪ وار' سمجهيو وڃي ٿو، جنهن جي پي ايس گائيڊڊ ميزائلن، سيٽلائيٽ ڪميونيڪيشن ۽ لائيو انٽيليجنس ذريعي ٿورن ڏينهن ۾ وڏي ڪاميابي حاصل ڪئي وئي. ان ئي دور ۾ ڪيبل نيوز نيٽ ورڪ سي اين اين جي سڌي نشريات به عالمي شهرت ماڻي. پاڪ-ڀارت ڇڪتاڻ جي پسمنظر ۾ هڪ ٻئي جون ويب سائيٽون هيڪ ڪرڻ جون خبرون به ميڊيا جو حصو بڻيون. تازي يوڪرين جنگ ۾ ڊرونز، ڊجيٽل وارفيئر ۽ سائبر حملن جنگي محاذن جو پاسو ان وقت ڦيرائي ڇڏيو جڏهن سستا ڊرون مهانگا ترين ٽينڪ تباهه ڪرڻ لڳا، جڏهن ته سيٽلائيٽ انٽرنيٽ ذريعي فوجي رابطا برقرار رهيا. ايران ۾ تازي انٽرنيٽ بليڪ آئوٽ، مفت سيٽلائيٽ انٽرنيٽ جي پرڏيهي آڇ ۽ حڪومت طرفان سيٽلائيٽ انٽرنيٽ جام ڪرڻ جون ڪوششون دنيا کي اهو پيغام ڏين ٿيون ته معلومات هاڻي هڪ خطرناڪ هٿيار بڻجي چڪي آهي. اڄ 21هين صديءَ ۾ رياستن کي رڳو جاگرافيائي سرحدن جي حفاظت نه، پر نظرياتي بنيادن ۽ ڊجيٽل حدن کي به محفوظ رکڻو پوي ٿو جيڪو جديد دفاعي حڪمت عملي جو اهم حصو بڻجي چڪو آهي. دفاعي ماهر متفق آهن ته مستقبل جي ممڪن ٽين عالمي جنگ روايتي جنگي لائينن بدران ٽيڪنالاجي، سائبر، خلاءِ ۽ ڊجيٽل ڪنٽرول جي چوڌاري ڦري سگهي ٿي. ٽين عالمي جنگ ۾ پهريون حملو شايد ڪنهن ميزائل سان شهر تي نه، پر ڊجيٽل ٽيڪنالاجي وسيلي بجلي جي نظام، ڪميونيڪيشن نيٽ ورڪن، ايئرپورٽن، بينڪن ۽ حڪومتي ڊيٽا سينٽرن تي ٿيندو. ايران پاران اسٽار لنڪ سيٽلائيٽ انٽرنيٽ کي مفلوج ڪرڻ تئين ڊجيٽل جنگ جي رڳو هڪ جهلڪ آهي، جنهن سبب دنيا جون وڏيون طاقتون روايتي هٿيارن سان گڏ ٽيڪنالاجي ۾ به ڀرپور سيڙپڪاري ڪري رهيون آهن.

جيڪڏهن پاڪستان جي ڳالهه ڪجي ته اسان جو پيارو وطن انتهائي حساس جاگرافيائي علائقي ۾ واقع آهي جتي اوڀر، اولهه ۽ اتر سرحدن تي مختلف نوعيت جا سيڪيورٽي چيلينج موجود آهن ڀارت سان روايتي ڇڪتاڻ، افغانستان ۾ عدم استحڪام ۽ هاڻي ايران جون بدلجندڙ اندروني حالتون پاڪستان لاءِ نوان سيڪيورٽي خطرا پيدا ڪري رهيون آهن پاڪستان ڪافي عرصي کان ايران سان لڳندڙ سرحدي علائقي بابت انفارميشن وارفيئر کي منهن ڏئي رهيو آهي جتي فيڪ نيوز جي صورت ۾ رياست مخالف پروپيگنڊا انٽرنيٽ ذريعي ڦهلايو پيو وڃي جيڪڏهن سرحد پار علائقي ۾ ٽيڪنالاجي ۽ انفارميشن وارفيئر وڌيڪ شدت اختيار ڪري ٿي ته پاڪستان به پاڙيسري هجڻ جي ناتي سائبر حملن، سيٽلائيٽ جامنگ، مواصلاتي نظام ۾ خلل ۽ ڊس انفارميشن مهمن جهڙن خطرن کان متاثر ٿي سگهي ٿو اهڙي صورتحال جو تقاضو آهي ته مضبوط سائبر ڪمانڊ قائم ڪئي وڃي سيٽلائيٽ ۽ ڊجيٽل انفرا اسٽرڪچر کي محفوظ بڻايو وڃي، نوجوانن کي سائبر ۽ اي آءِ ٽيڪنالاجي ۾ مهارت ڏني وڃي ۽ ميڊيا توڙي عوام کي ڊجيٽل جنگ جي خطرن بابت آگاهه رکيو وڃي منهنجي خيال ۾ 21هين صديءَ ۾ جنگ کي رڳو بندوق جي نگاهه سان نه، پر ٽيڪنالاجي جي زاويي سان به ڏسڻ ضروري آهي ڇاڪاڻ ته مستقبل جي ٽين عالمي جنگ شايد چند لمحن تي مشتمل هجي، پر ان جا اثر دنيا تي انتهائي گهرا ۽ ڏوررس هوندا

موسمي حالتن جا انساني زندگين ۽ جانورن تي پوندڙ ناڪاري اثر!

محمد اسماعيل لانگاهه

پوري دنيا اندر جيئن موسم ۾ تبديلي اچي رهي آهي، تيئن پاڪستان ۾ به موسمي حالتون مختلف ٿي رهيون آهن. اڳ صدي پهرين گرمي توڙي سيءُ پنهنجي پنهنجي وقت تي ايندي ۽ ٺيڪ وقت تي ختم ٿيندي هئي پر هاڻي ته ان جي نه اچڻ جو وقت مناسب لڳي رهيو آهي نه وري ختم ٿيڻ جو ٽائيم. وقت کان اڳ گرمي اچي ٿي ۽ ختم ٿئي ٿي ته سيءُ جو به ساڳيو حال آهي، جنهن سبب پوري معاشري اندر انسانن توڙي جانورن تي موسمي تبديلين جا ناڪاري اثر رونما ٿي رهيا آهن. پهرين گرمين ۾ هر ايندڙ سال ساوڻين ۾ گهربل برساتون وسنديون هيون ۽ هاڻي ٿوريون بلڪ ضرورت مطابق برساتون به نه پيون وسن پر اهي به انتهائي نقصانڪار ثابت ٿي رهيون آهن. سيءُ به پنهنجي حساب سان ماڻهن توڙي جانورن لاءِ ڪو خاص فائديمند ثابت نه پيو ٿئي. ڪجهه سال اڳ سريءُ توڙي گرميءَ ۾ برساتون وسنديون هيون ۽ هاڻي صرف گرمين ۾ ئي برسات وسي ٿي ۽ سڄو سيارو ماڻهو برسات لاءِ سڪندا رهن ٿا. منهنجي خيال ۾ جيڪڏهن برساتون معمول مطابق وقت آهر وسنديون رهن ته موسمون پنهنجي پنهنجي وقت مطابق تبديل ٿينديون رهنديون ۽ ان جا انسانن توڙي جانورن تي ڪي به ناڪاري اثر نه پوندا پر اهو سڀ قدرت جي هٿ وس آهي. اهڙين موسمي حالتن کان بچڻ لاءِ اسان انسانن سائنسي طريقن کي به استعمال ڪيو پر ڪا به خاطر خواهه ڪاميابي نه ملي سگهي، جيئن گذريل سال پنجاب حڪومت ڪوهيڙي ۽ دُنڌ کان بچڻ خاطر جهازن وسيلي هٿرادو برساتن وسائڻ جو به بندوبست ڪيو پر اهو طريقو به ڪم نه آيو. هن نظام کي هلائڻ واري قدرت آهي، انسانن جي وس جي ڳالهه ناهي. ڪڪرن جو ڦاٽڻ، غير معمولي يا اڻ مَندائتي برسات وسڻ، ڪوهيڙو ۽ سرديون آڻڻ واري قدرت آهي. پر انهيءَ ڪلائميٽ چينج ۾ سائنس توڙي معاشري ۾ رهندڙ اسان انسان جو وڏو ڪردار آهي. گذريل سال جو سيءُ ايترو خاطر خواهه تيز ڏسڻ ۾ نه هو، پورو سيارو معمول مطابق گذري ويو هو ۽ هن سال جو جنوري مهينو شروع ٿيندي ئي ڪوهيڙي پوري ملڪ کي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو آهي. پهرين جڏهن برساتون پونديون هيون ته ڪوهيڙو ٿيندو هو پر هاڻ برساتون پوڻ بغير اهڙي موسمي صورتحال ماڻهن کي ڏندين آڱريون ڏئي ڇڏيون آهن. خشڪ سيءُ جي لهر ۽ ڪوهيڙي عام توڙي خاص زندگيءَ کي مفلوج بڻائي ڇڏيو آهي. سيءُ سبب سفر توڙي اڄ وڃ انتهائي ڏکين حالتن ۾ ٿي رهيو آهي. روڊ رستا ويران ٿي ويا آهن. زميني توڙي فضائي مواصلاتي نظام درهم برهم ٿي ويو آهي ۽ بيمارين ۾ بي پناهه واڌارو ٿيو آهي وڻ ۽ وڃڻ سبب جهنگلي جيوت، يعني جانورن کي به رهائش لاءِ سخت تڪليفون اچي ويون آهن. خشڪ علائقن ۾ ٿڌ ۽ ڪوهيڙي جو اثر وڌيڪ ڏسڻ ۾ اچي پيو. خاص طور تي سنڌ جي ڪاڇي، ٿر ۽ ميداني علائقن ۾ شديد خشڪ سيءُ توڙي ڪوهيڙي جي شدت وڌيڪ ڏسڻ ۾ آئي آهي.

ڏسجي ٿو ته گذريل ڇهن پنجن سالن دوران موسمي تبديلين خاص طرح اسانجي ملڪ کي ناقابل تلافي نقصان ڏنا غيرمعمولي ٻوڏن ڪوهيڙي ٿڌ سبب ملڪي سطح تي سڄو ڪاروهنوار به مفلوج ٿيندو رهيو آهي اهڙن غيرمعمولي موسمي حالتن کان بچڻ لاءِ گهاٽن ٻيلن ۽ وڻن جي پوکي تي وڌ مان وڌ توجهه ڏيڻ گهرجي جنهن طرف اسان جو ڪوبه توجهه ناهي رهيو وڻ صرف اسان کي قدرتي مصيبتن کان نه ٿا بچائن پر اهي جانورن لاءِ به بهتر رهڻ ٿا ملڪ جي ماحولياتي نظام کي بهتر ڪري غير معمولي موسمي حالتن جي اثرانداز ٿيڻ کان بچڻ لاءِ هر فرد پنهنجي پنهنجي ذميواري ادا ڪري پاڻ کي بچائي سگهجي ٿو.

دنيا تيل جي جنگ واري ڪنڌيءَ تي!

اشتياق بيگ

وينزويلا هڪ اهڙو ملڪ آهي، جيڪو تيل جي تمام وڏن ذخيرن سان مالا مال آهي. امريڪا طرفان وينزويلا تي حملي ۽ اُتي جي صدر نڪولس مادورو ۽ سندس گهر واريءَ کي اغوا ڪري امريڪا وٺي وڃڻ واري واقعي کان پوءِ هاڻي اها ڳالهه بلڪل صاف ٿي وئي آهي ته وينزويلا ۾ امريڪا جي مداخلت جو اصل مقصد نه منشيات جي اسمگلنگ روڪڻ آهي ۽ نه ئي جمهوريت قائم ڪرڻ، پر اصل ۾ امريڪا وينزويلا جي تيل جي ذخيرن تي قبضو ڪرڻ چاهي ٿو. امريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جو اِهو بيان ته هاڻي وينزويلا جو نظام هُو پاڻ هلائيندا، وينزويلا جو تيل ۽ اُن مان ٿيندڙ ڪمائي بابت فيصلا به امريڪا ڪندو. ان ڳالهه ڏانهن اشارو ڪري ٿو ته ٽرمپ پاڻ کي وينزويلا جو عملي يا قائم مقام صدر سمجهي رهيو آهي. ان کان اڳ امريڪي پرڏيهي وزير مارڪو روبيو جو بيان به تمام اهم آهي، جنهن چيو هو ته امريڪا کي وينزويلا جي تيل جي ضرورت ناهي، پر اسان نٿا چاهيون ته اسان جا مخالف ملڪ ان تيل مان فائدو حاصل ڪن. امريڪي قيادت جا اهڙا بيان صاف ظاهر ڪن ٿا ته وينزويلا خلاف امريڪا جي سموري ڪارروائي جو اصل هدف تيل جي ذخيرن تي قبضو ڪرڻ ۽ ان تي مڪمل ڪنٽرول حاصل ڪرڻ آهي. تازن ڏينهن ۾ وينزويلا مان تيل کڻي ويندڙ روس جا ٻه جهاز امريڪا طرفان پنهنجي قبضي ۾ وٺڻ به ان ڳالهه جو کليل ثبوت آهي ته امريڪا نٿو چاهي ته وينزويلا جو تيل سندس مخالف ملڪن تائين پهچي.

اِهو به ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته وينزويلا دنيا جو اُهو ملڪ آهي، جنهن وٽ تيل جا سڀ کان وڏا ذخيرا موجود آهن. انگن اکرن موجب وينزويلا وٽ لڳ ڀڳ 303 ارب بيرل تيل جا ذخيرا آهن، جن جي ماليت 22 هزار ارب ڊالرن (22 ٽريلين ڊالرن) کان به وڌيڪ ٻڌائي وڃي ٿي. اوپيڪ (OPEC) جي انگن اکرن مطابق وينزويلا کانپوءِ ٻئي نمبر تي سعودي عرب اچي ٿو جنهن وٽ لڳ ڀڳ 267 ارب بيرل تيل جا ذخيرا آهن، جڏهن ته ايران ٽئين نمبر تي آهي، جنهن وٽ تقريبن 208 ارب بيرل تيل موجود آهي. امريڪي حملي کان اڳ وينزويلا روزانو لڳ ڀڳ 10 لک بيرل تيل پيدا ڪندو هو جنهن مان 8 لک بيرل تيل چين خريد ڪندو هو. اهڙي طرح چين ڏانهن وينزويلا جي تيل جي برآمدات ڪُل برآمدات جو لڳ ڀڳ 85 سيڪڙو بڻجندي هئي. ان سموري تيل جي برآمد مان وينزويلا کي سالياني طور 18 ارب ڊالرن کان وڌيڪ آمدني حاصل ٿيندي هئي.

وينزويلا کانپوءِ هاڻي تيل واري سياست جو پاسو دنيا جي اُن ملڪ ڏانهن مڙهندو نظر اچي ٿو جيڪو تيل جا ذخيرا رکڻ ۾ ٽئين نمبر تي آهي، يعني ايران. اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو جي واشنگٽن ۾ امريڪي صدر سان ملاقات ۽ ڊونلڊ ٽرمپ جي انهيءَ بيان کانپوءِ ته 'ايراني عوام آزاديءَ لاءِ امريڪا ڏانهن ڏسي رهيو آهي.' ايران ۾ هلندڙ احتجاجي مظاهرا وڌيڪ تيز ٿي ويا آهن. هاڻي مختلف حلقن ۾ اهو به اندازو لڳايو پيو وڃي ته امريڪا مظاهرن دوران ٿيندڙ ماڻهن جي مارجي وڃڻ کي جواز بڻائي ڪنهن به وقت ايران تي حملو ڪري سگهي ٿو ۽ اهڙي طرح پنهنجي پراڻي خواهش، يعني ايران ۾ حڪومت جي تبديلي (رجيم چينج)، پوري ڪري سگهي ٿو. جيڪڏهن ائين ٿيو ته امريڪا نه رڳو ايران ۾ پنهنجي پسند جي حڪومت قائم ڪندو، جنهن لاءِ اڳوڻي شاهه ايران جي پٽ رضا پهلوي کي اقتدار ۾ آڻڻ جي ڳالهه به ڪئي پئي وڃي، پر ساڳئي وقت ايران جي تيل جي وڏن ذخيرن تي به مڪمل ڪنٽرول حاصل ڪري وٺندو. اهڙي صورتحال ۾ دنيا جا ٻه تمام وڏا تيل پيدا ڪندڙ ملڪ، يعني وينزويلا ۽ ايران، ٻنهي جي تيل جي ذخيرن تي امريڪا جو قبضو ٿي ويندو. جيڪو عالمي سياست ۽ معيشت لاءِ تمام وڏو ۽ خطرناڪ رُخ ثابت ٿي سگهي ٿو.

ايران ۾ جيڪڏهن حڪومت جي تبديلي، يعني رجيم چينج ٿي وئي، ته اها صورتحال پاڪستان لاءِ به هڪ ڏاڍي خطرناڪ ۽ ڊپ جهڙي خواب وانگر ثابت ٿيندي. جيڪڏهن اڳوڻي شاهه ايران جو پٽ رضا شاهه اقتدار ۾ آيو ته امڪان آهي ته اها حڪومت اسرائيل ۽ ڀارت جي ويجهو هوندي، جيڪا سڌي طرح پاڪستان جي سلامتي ۽ قومي مفادن لاءِ خطرو بڻجي سگهي ٿي. ساڳئي وقت تيل واري عالمي سياست ۾ هڪ ٻي حڪمت عملي تحت سعودي عرب جي چوڌاري گهيرو تنگ ڪيو پيو وڃي. يمن ۽ صومالي لينڊ جهڙن علائقن ۾ حالتون اهڙي نموني پيدا ڪيون پيون وڃن، جو ضرورت پوڻ تي اُتان گذرندڙ سعودي تيل کڻندڙ جهازن کي روڪي يا بند ڪري سگهجي. اهڙي ناڪابندي جو اصل مقصد اِهو آهي ته مستقبل ۾ چين ڏانهن ويندڙ تيل جي فراهمي ۾ رڪاوٽون وڌيون وڃن، جيئن چين کي توانائي جي بحران ۾ وڌو وڃي.

اِها هڪ کليل حقيقت آهي ته اقتدار ۾ اچڻ کانپوءِ چين جي معيشت کي ڪمزور ڪرڻ امريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي ترجيحن ۾ شامل آهي. تجارتي ٽيڪس (ٽيرف) ذريعي چين کي معاشي طور ڪمزور ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ناڪامي کانپوءِ، امريڪا هاڻي دنيا جي تيل جي فراهمي تي ڪنٽرول حاصل ڪرڻ چاهي ٿو ته جيئن چين جي معاشي ترقي کي روڪي سگهي يا نقصان پهچائي سگهي. منهنجي تجزيي موجب، جيڪڏهن امريڪا پنهنجي هن سازشي مقصد ۾ ڪامياب ٿي ويو ته اهو دنيا جي تيل جي گهڻي کان گهڻي ذخيرن تي ڪنٽرول حاصل ڪري سگهي ٿو ۽ فيصلو ڪري سگهي ٿو ته ڪهڙي ملڪ کي تيل فراهم ڪيو وڃي ۽ ڪهڙي ملڪ تي پابندي لڳائي وڃي. چين جي ترقي وڏي حد تائين تيل تي منحصر آهي، تنهن ڪري جيڪڏهن امريڪا تيل جي فراهمي جي لائين تي ڪنٽرول حاصل ڪري ٿو ته ان جا اثر سڄي علائقي تي ڪيئن پوندا، اهو ڪنهن کان لڪل ناهي. امريڪا اڃان تائين ڪو به هٿيار يا جنگ استعمال نه ڪندي، صرف تيل تي ڪنٽرول ذريعي چين جي معيشت ۽ سلامتي کي ڪمزور ڪرڻ جو خواب ڏسي رهيو آهي. موجوده صورتحال ۾ عالمي سياست هڪ خطرناڪ موڙ تي پهچي چڪي آهي، جتي ڪنهن طاقتور ملڪ لاءِ ڪو ڪمزور ملڪ ۽ ان جا وسيلن تي قبضو ڪرڻ ڪا غير معمولي ڳالهه ناهي.

طاقت جي هن بي لغام گهوڙي، يعني طاقتور ملڪ ۽ اُن جون سازشون، هاڻي عالمي امن لاءِ خطرو بڻجي چڪيون آهن. اڄ دنيا تيل جي جنگ جي ڪناري تي بيٺل آهي. ماضيءَ ۾ اهو چيو ويندو هو ته ايندڙ جنگيون پاڻي لاءِ ٿينديون، پر هاڻوڪي عالمي حالتون ڏيکارين ٿيون ته مستقبل جون جنگيون تيل ۽ توانائي جي وسيلن تي ڪنٽرول حاصل ڪرڻ لاءِ ٿينديون، جيڪو يقيناً هڪ گهرو سوچڻ وارو ۽ خطري وارو لمحو آهي.

اڄوڪو ڏينهن - 15 جنوري

جمعو خان غريب



جمعو خان غريب پنهنجي دور جو هڪ مثلي استاد، شاعر ۽ ليکڪ هو. سندس جنم 15 جنوري 1885ع تي ڳوٺ مريد خان لاکير، تعلقي ميهڙ ضلعي دادوءَ ۾ ٿيو. سنڌي فائينل پاس ڪرڻ کان پوءِ اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو ۽ سڄي عمر قوم جي نونهالن کي علم جي دولت سان مالامال ڪري 1940ع ۾ رٽائر ٿيو. شمس الدين بلبل جي صحبت ۾ رهي ادب ۽ شاعريءَ طرف راغب ٿيو. شعر ۽ شاعريءَ ۾ مرحوم محمد صديق مسافر کان رهنمائي وٺندو هو. پاڻ ڪيترن ئي رسالن جو ايڊيٽر رهيو، جن ۾ اديب سنڌ، مسلمان ۽ طالب المولىٰ رسالو شامل آهن هو انجمن آفتاب ادب دادو، جميعت الشعراءِ سنڌ ۽ مجلس علم ۽ ادب هالا جو سرگرم ڪارڪن رهيو. ٻارن لاءِ سندس شاعريءَ جو ڪتاب گل نوبهار 1933ع ۾ ڇپيو. سنڌي ادب جي هن موتيءَ داڻي 7 آگسٽ 1953ع تي هن فاني دنيا مان موڪلايو.

قاضي فضل الله

اڄ مشهور وڪيل ۽ اڳوڻي وزيراعليٰ سنڌ قاضي فضل الله جي جنم جو ڏينهن آهي قاضي فضل الله 15 جنوري 1902ع ۾ نوشهري فيروز ۾ تولد ٿيو ابتدائي تعليم نوشهري فيروز ۽ شهدادپور مان حاصل ڪيائين مئٽرڪ جو امتحان 1920ع ۾ سنڌ مدرسته الاسلام هاءِ اسڪول ڪراچيءَ مان پاس ڪيائين ان کان پوءِ علي ڳڙهه ڪاليج ۾ داخلا ورتائين پر تعليم کي اڌ ۾ ڇڏي خلافت تحريڪ ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتائين بعد ۾ ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ مان بي اي ۽ شاهاڻي لا ڪاليج حيدرآباد مان قانون جي سند ترتيبوار 1927ع ۽ 1929ع ۾ حاصل ڪيائين تعليم پوري ڪرڻ کان پوءِ پهريائين ڪراچيءَ ۽ پوءِ لاڙڪاڻي ۾ وڪالت شروع ڪيائين لاڙڪاڻي جي ميونسپلٽيءَ جو ميمبر بڻجي سياسي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيائين اڳتي هلي ڊسٽرڪٽ اسڪول بورڊ جو چيئرمين، لاڙڪاڻي جي لوڪل بورڊ جو صدر ۽ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر ٿيو هن سنڌ جي لينڊ روينيو کاتي ۽ گهرو کاتي جي وزير طور خدمتون سرانجام ڏنيون 8 مئي 1950ع کان 24 مارچ 1951ع تائين سنڌ جي وڏي وزير طور جوابداريون سنڀاليائين 1956ع ۾ اولهه پاڪستان اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ۽ کيس آبپاشي کاتي جي وزارت جو قلم مليو. 24 جون 1987ع تي سندس حياتيءَ جو سفر پڄاڻيءَ تي پهتو.



عبدالغفور سيتائي



عبدالغفور سيتائي سنڌ جو هڪ ناليوارو صحافي هو. سندس جنم 15 جنوري 1910ع تي دادو ضلعي جي مشهور ڳوٺ ٻچو واهڻ ۾ ٿيو. شروعاتي تعليم دادوءَ ۾ حاصل ڪرڻ کان پوءِ ڪلٽي مارڪيٽ ڪراچيءَ جي هڪ مدرسي ۾ معلم مقرر ٿيو. لکڻ سان دلچسپي هجڻ سبب صحافتي دنيا ۾ پير پاتائين ۽ ان وقت جي ٽن مشهور اخبارن "اصلاح"، "سنڌ زميندار" ۽ "الوحيد" جي ايڊيٽر طور خدمتون سرانجام ڏنائين هو گورنمينٽ ڊگري ڪاليج سيتا روڊ کي مولوي عبدالغفور سيتائي ڊگري ڪاليج جو نالو ڏنو ويو.

پريتم ورياڻي



اڄوڪو ڏينهن هندستان ۾ سنڌي لوڪ ادب جي ماهر پريتم ورياڻيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هن سنڌي لوڪ ادب گڏ ڪرڻ ۾ مکيه ڪردار ادا ڪيو ۽ انهيءَ کي محفوظ ڪرڻ لاءِ انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جو سهڪار به حاصل ڪيو پريتم ورياڻيءَ 15 جنوري 1920ع تي سنڌ جي تاريخي شهر نصرپور ۾ ليڪراج مل ورياڻيءَ جي گهر ۾ جنم ورتو هن پوليٽيڪل سائنس ۾ ماسٽر ڊگري حاصل ڪئي ۽ گانڌيڌام ۽ پونا جي مختلف تعليمي ادارن ۾ استاد جي حيثيت سان خدمتون سرانجام ڏئي رٽائر ٿيو هو انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي بنيادي ٽرسٽين مان هڪ هو سندس پهريون ڪتاب 1971ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو لوڪ ادب سندس پسنديده موضوع هو هن سنڌي راندين، راند رونديڪن، سنڌي ڪچهري، سنڌي ماڻهن جي رهڻي ڪرڻي ۽ اهڙن ٻين موضوعن تي گهڻو ڪجهه لکيو 2008ع ۾ آديپور ۾ هن سنڌي لوڪ ادب تي هڪ هفتي جو شاندار ۽ يادگار سيمينار سڏايو هو سندس ڇپيل ڪتابن ۾ ٻيوس هڪ سنڌي اپياس، ڏهه ڏيهي ڪهاڻيون، سنڌي ڪوجنا ڪاريه، سنڌي لپي پستڪ (پيتامبر ناڪراڻيءَ سان گڏ)، سنڌي لينگئيج بڪ ۽ سنڌي ڀاشا سنسڪرتي شامل آهن جڳديش شهدادپوريءَ هفتيوار هندواسيءَ جي 8 مئي 2022ع واري شماري ۾ پريتم ورياڻيءَ جي لاڏاڻي جي تاريخ 8 مئي 2020ع لکي آهي جڏهن ته سنڌيانا انسائيڪلوپيڊيا ۾ 3 آگسٽ 2020ع لکي وئي آهي

حسين بخش خادم



حسين بخش خادم سنڌ جو هڪ پلوڙ لوڪ فنڪار ۽ شاعر هو. هو 15 جنوري 1930ع تي سيوهڻ تعلقي جي ڳوٺ آراضيءَ ۾ ڄائو. هن جي پيءُ جو نالو پيربخش پنڱر هو ۽ هو فقط چار درجا سنڌي پڙهيل هو. ننڍي هوندي کان ئي علائقي جي معزز ۽ سڄاڻ ماڻهن سان اُٿ ويهه سبب سندس لاڙو راڳ رنگ ۽ شاعريءَ طرف رهيو. ننڍي ڄمار ۾ ئي درگاهن، ميلن ملاکڙن ۽ شادين مرادين تي ڳائڻ شروع ڪيائين. مخدوم طالب المولىٰ جي صحبت ۽ سرپرستيءَ ڪيس راڳ ۽ شاعريءَ جي بلندين تائين پهچائي ڇڏيو. سندس بيتن، غزلن ۽ ڪافين جي اصلاح مخدوم طالب المولىٰ پاڻ ڪندو هو. مخدوم صاحب ئي هن کي 1955ع ڌاري ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ تي متعارف ڪرايو. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي نشريات شروع ٿيڻ بعد سڄي عمر انهيءَ اسٽيشن سان لاڳاپيل رهيو. سندس ڳايل ڪلام اڄ به سموري سنڌ ۾ پسند ڪيا وڃن ٿا. هن سنڌي فلم "تنهنجون ڳالهيون سڄڻ" ۾ به پنهنجي آواز جو جادو جاڳايو. 12 مارچ 1992ع جي رات هو ڳوٺ سليمان خان ڪتياڻ تعلقي مٽياريءَ ۾ صوفي شاعر محمد فقير جي درگاهه تي ڳائي وڄائي سمهي پيو ۽ ننڊ ۾ ئي الله کي پيارو ٿي ويو.


مختيار انڙ

جنهاڻ سومري ۾ ڄائو سندس والد محمد اسحاق به هڪ سٺو شاعر ۽ مولوي هو ابراهيم منشي اڃا ٻارهن سالن جو مس هو جو سندس والد وفات ڪئي گهر جو سمورو بار سندس ڪلهن تي اچي ويو. ان ڪري فقط پنج درجا سنڌي پڙهي سگهيو 1949ع ڌاري شاعري ڪرڻ شروع ڪيائين ابتدا ۾ هن عام رواجي رومانوي شاعري ڪئي پر 1960ع واري ڏهاڪي ۾ هو سنڌ جو هڪ مهان قومي شاعر بڻجي اُڀريو قومي شاعريءَ ۽ قوم پرستيءَ سبب کيس قيد ۽ بند جون تڪليفون به ڳورا ڪرڻيون پيون سندس شاعريءَ جا 6 مجموعا ڪونٿري ڏينهن ڏاڙ، ڪرتي ديس ڪرم، وڳهه جا ورياهه، پيغام مظلوم، گوندر ويندا گذري ۽ اکر اکر اک شايع ٿي چڪا آهن سنڌ ثقافت کاتي پاران شاهه لطيف جي سموري شاعريءَ کي سندس آواز ۾ رڪارڊ ڪيو ويو ابراهيم منشيءَ 31 جولاءِ 2003ع تي وفات ڪئي

حسين شاهه راشدي



اڄ سنڌ جي ناليواري وڪيل سياستدان ۽ ڪالم نگار حسين شاهه راشديءَ جي جنم جو ڏينهن آهي سندس ولادت 15 جنوري 1938ع تي لاڙڪاڻي ضلعي جي ڳوٺ ٻهمن ۾ ٿي هن سنڌ مسلم آرٽس ڪاليج ڪراچيءَ مان گريجوئيشن ڪئي ۽ 1963ع ۾ ايس ايم ڪاليج ڪراچيءَ مان وڪالت جي سند حاصل ڪئي پاڻ سنڌ هاءِ اسڪول بار ايسوسيئيشن جو نائب صدر، سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمين ۽ محترمه بينظير ڀٽو جو ليگل ايڊوائيزر رهيو. پاڻ هڪ مشهور ڪالم نگار هو ۽ هڪ خانگي ٽيليويزن چينل تي "ليجينڊس آف سنڌ" جهڙي مقبول پروگرام جي ميزباني ڪيائين 1994ع ۾ ڪيس سينيٽر چونڊيو ويو. پاڻ ڪيترن ئي ادارن سان ميمبر طور واڳيل رهيو، جن ۾ سنڌالاجي پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس ۽ سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو شامل آهن حسين شاهه راشديءَ 15 اپريل 2007ع تي وفات ڪئي

پروفيسر مشتاق ميراڻي

پروفيسر مشتاق ميراڻي سنڌ جو هڪ انتهائي عزت لائق تعليمي ماهر ۽ سجاڳ دانشور آهي. هن سنڌ جي معاشي ۽ معاشرتي مامرن جو ڳوڙهو اڀياس ڪيو آهي ۽ هن سنڌ جي ٻرندڙ مسئلن کي اجاگر ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. 15 جنوري 1955ع تي جنم وٺندڙ سنڌ جي هن ڏاهي سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج مان اليڪٽريڪل انجنيئرنگ جي سند ۽ بخارسٽ يونيورسٽيءَ مان ماسٽر آف سائنس جي سند حاصل ڪئي. لنڊن اسڪول آف ايڪانامڪس مان پوليٽيڪل سائنس ۾ به ماسٽر ڊگري حاصل ڪيائين. مهراڻ يونيورسٽي ڄامشوري ۾ ليڪچرار طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات

آبادڪاري ۽ سنڌ جي اهڙن ٻين اهم مسئلن بابت ڪيترائي مقالا لکيا آهن ۽ ليڪچر ڏنا آهن. هن سنڌ جي معاشي ۽ معاشرتي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ ۾ ڪردار ادا ڪيو. سندس سالگرهه جي موقعي تي اسين کيس دل جي گهراين سان مبارڪباد پيش ڪريون ٿا.

پشپا ولڀ



اڄ ناليواري ليکڪا پشپا ولڀ جي جنم جي تاريخ آهي. مشهور ليکڪ ولي رام ولڀ جي هن نياڻيءَ 15 جنوري 1963ع تي مٺيءَ ۾ اکيون کوليون هن ٻارهين ڪلاس تائين حيدرآباد مان تعليم حاصل ڪئي ۽ پيپلز ميڊيڪل ڪاليج نواب شاهه مان ايم بي بي ايس جي سند حاصل ڪئي. هن ميڊيڪل جي شعبي ۾ پي ايڇ ڊي جي سند پڻ حاصل ڪئي. اڄڪلهه ڊائو ميڊيڪل يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر آهي هن کي ننڍپڻ کان ئي شاعريءَ جو شوق هو. سندس شاعري سنڌ ۽ هند جي اڪثر سنڌي ادبي رسالن ۾ ڇپجندي رهي آهي. سندس ڇپيل شاعريءَ جي مجموعن ۾ "دريءَ کان ٻاهر" ۽ "بند اکين ۾ آسمان" شامل آهن.

ديبا سحر

اڄوڪو ڏينهن سنڌ جي مشهور گلوڪاره ديبا سحر جي جنم جو ڏينهن آهي. هوءَ 15 جنوري 1980ع تي ڪراچيءَ ۾ پيدا ٿي. سندس والد اعجاز حسين به هڪ راڳيندڙ هو ۽ عنايت حسين ڀٽيءَ جو شاگرد هو. ديبا پرائمريءَ کان انٽر تائين تعليم سنڌ پبلڪ هاءِ اسڪول ڪراچيءَ مان حاصل ڪئي. ننڍي هوندي کان ئي اسڪول جي تقريبن ۾ نعتون پڙهندي هئي. راڳ جي سکيا پهريائين پنهنجي والد کان ۽ ان کان پوءِ استاد فتح علي خان ۽ استاد علي نواز خان کان حاصل ڪيائين. 1995ع کان باقاعدي ڳائڻ شروع ڪيائين. کيس ريڊيو تي 1997ع ۾ ناليواري پروڊيوسر نصير مرزا متعارف ڪرايو. پاڪستان ٽيليويزن ڪراچيءَ تي ٻارن جي پروگرام روشن تارا وسيلي متعارف ٿي. ديبا سحر جي موسيقيءَ جا 50 کان وڌيڪ البم جاري ٿي چڪا آهن. کيس سنڌ جي لتا منگيشڪر ڪوٺيو وڃي ٿو.

الله بخش سرشار عقيلي

الله بخش سرشار عقيلي پنهنجي دور جو هڪ قادرالڪلام شاعر ۽ نثر نويس هو. سندس جنم 21 جنوري 1907ع تي ٺٽي ۾ ٿيو. سندس والد حافظ محمد صديق عقيلي قائداعظم محمد علي جناح جو هم ڪلاسي هو. ابتدائي تعليم سنڌ مدرسته الاسلام هاءِ اسڪول مان حاصل ڪيائين. مئٽرڪ جو امتحان 1923ع ۾ پاس ڪري ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ مان فارسيءَ ۾ بئچلر ڊگري حاصل ڪيائين. عملي زندگيءَ جي شروعات روينيو کاتي ۾ ڪلارڪ جي حيثيت ۾ ڪيائين. اڳتي هلي هيڊ منشي، مختيارڪار، ڊپٽي ڪليڪٽر ۽ ڪراچي ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ جي چيف آفيسر جا عهدا ماڻيائين. سرشار عقيليءَ کي لکڻ جي ڏات ٻالڪپڻ کان ئي مليل هئي. اسڪول واري زماني کان ئي ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيائين. اڳتي هلي ڪيترائي مقالا لکيائين ۽ شاعري به ڪيائين. شاعريءَ ۾ محمد هاشم مخلص کان اصلاح وٺندو هو. سندس

CLASSIFIED ADVERTISMENT

عام اطلاع

هر خاص و عام کي هن اشتهار ذريعي اطلاع ٿو ڪجي ته حاڪم علي ولد سڪندر علي ملاح درخواست داخل ڪرائي آهي ته منهنجو ڏاڏو غلام قادر ولد محمد ابراهيم ملاح فوت ٿي ويو آهي منهنجي ڏاڏي کي ديهه ڪڇو سيتا تعلقو ۽ ضلعو دادو ۾ سروي نمبر 305 زرعي زمين آهي. منهنجي ڏاڏي کي هڪ پٽ ۽ پنج ڌيئر حقي وارث آهن انهن مان سندس پٽ به فوت ٿي ويو آهي جنهن کي پڻ هيٺ ڄاڻايل حقي وارث آهن: فوتي جا حقي وارث هي آهن: (1) سڪندر علي ولد غلام قادر ملاح (پٽ) (2) مسمات عقيلا ڌيءُ غلام قادر ملاح (ڌيءَ)، (3) مسمات شڪيلا ڌيءُ غلام قادر ملاح (ڌيءَ)، (4) مسمات زاهده ڌيءُ غلام قادر ملاح (ڌيءَ)، (5) مسمات حميده ڌيءُ غلام قادر ملاح (ڌيءَ)، (6) مسمات نجمه ڌيءُ غلام قادر ملاح (ڌيءَ). جڏهن ته سندس پٽ سڪندر علي ولد غلام قادر ملاح جي فوت ٿيڻ ڪانپوءِ سڪندر علي هيٺ ڄاڻايل حقي وارث آهن: (1) حاڪم علي ولد مرحوم سڪندر علي ملاح (پوٽو)، (2) رميز علي ولد مرحوم سڪندر علي ملاح (پوٽو)، (3) مسمات زهره زال مرحوم سڪندر علي ملاح (ننهن). انهن کانسواءِ ٻنهي فوتين جو ڪوبه حقي وارث هجي يا ڪنهن کي اعتراض هجي ته 10 ڏينهن اندر مختيارڪار روينيو تعلقو دادو جي آفيس ۾ پنهنجا اعتراض داخل ڪرائين ٻي صورت ۾ فوتي ڪاتو تبديل ڪيو ويندو

عبدالحميد ڪوڪر
مختيارڪار (روينيو) تعلقو ۽ ضلعو دادو

عام اطلاع

هر خاص و عام کي هن اشتهار ذريعي اطلاع ٿو ڪجي ته علي اڪبر ولد واليڏنو سولنگي درخواست داخل ڪئي آهي ته سندس والد واليڏنو ولد الهجڙيو سولنگي فوت ٿي ويو آهي، فوتيءَ جي نالي ديهه ڪڇو سيتا تعلقو دادو ۽ ضلعو دادو ۾ سروي نمبر 628 ۽ 331، 329، 327 مان (0-50) پئسا آهن. انهيءَ جعو فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي جا حقي وارث هي آهن: (1) علي اڪبر ولد واليڏنو سولنگي (2) علي اصغر ولد واليڏنو سولنگي (3) علي حسن ولد واليڏنو سولنگي (4) علي بخش ولد واليڏنو سولنگي (5) مسمات سوني ڌيءُ واليڏنو سولنگي. انهن کانسواءِ ٻنهي فوتين جو ڪوبه حقي وارث هجي يا ڪنهن کي اعتراض هجي ته 10 ڏينهن اندر مختيارڪار روينيو تعلقو دادو جي آفيس ۾ پنهنجا اعتراض داخل ڪرائين ٻي صورت ۾ فوتي ڪاتو تبديل ڪيو ويندو

عبدالحميد ڪوڪر
مختيارڪار (روينيو) تعلقو ۽ ضلعو دادو

عام اطلاع

هر خاص و عام کي هن اشتهار ذريعي اطلاع ٿو ڪجي ته واجد علي ولد محمد عثمان ٻالادي درخواست داخل ڪئي آهي ته سندس ڏاڏو نالي علي بخش ولد محمد بچل ٻالادي فوت ٿي ويو، فوتي کي صرف هڪ پٽ محمد عثمان ولد محمد بچل هيو جيڪو پڻ فوت ٿي ويو آهي، فوتي جي زرعي زمين ديهه ڏوگر تعلقو خيرپور ناٿن شاهه ۾ سروي نمبر 684/3، 633 ڪاتي تي آهي انهيءَ جو فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوت جا حقي وارث هي آهن" (1) واجد علي ولد محمد عثمان ٻالادي (پوٽو)، (2) علي بخش ولد محمد عثمان ٻالادي (پوٽو) (3) شيراز علي محمد عثمان ٻالادي (پوٽو) (4) فراز علي ولد محمد عثمان ٻالادي (پوٽو) (5) ڪريمان ڌيءُ محمد عثمان ٻالادي (پوٽي)، (6) نسرين ڌيءُ محمد عثمان ٻالادي (پوٽي)، (7) مريم ڌيءُ محمد عثمان ٻالادي (پوٽي)، (8) ڪزبانو زال محمد عثمان ٻالادي (ننهن). انهن کانسواءِ ٻنهي فوتين جو ڪوبه حقي وارث هجي يا ڪنهن کي اعتراض هجي ته 10 ڏينهن اندر مختيارڪار روينيو تعلقو دادو جي آفيس ۾ پنهنجا اعتراض داخل ڪرائين ٻي صورت ۾ فوتي ڪاتو تبديل ڪيو ويندو

عبدالحميد ڪوڪر
مختيارڪار (روينيو) تعلقو ۽ ضلعو دادو

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي مسمات ريحانه شيخ ولد محمد هارون شيخ ويٺل باقيل پوٽہ محلا متياري، اسان جي آفيس ۾ درخوست ڏني آهي ته سندس ڀيڻ نالي زاهده ڌيءُ محمد هارون شيخ جيڪا تاريخ 26-09-2023 تي فوت ٿي وئي آهي جنهن جي ڪاتي تي زرعي زمين ديهه صاحب سمان ٽپو متياري ۽ پوراٽ ۽ سٽي سروي نمبر 904-A، 720-A، 100-B تعلقو متياري ۾ آهي. جنهن جو هيلين جائز وارث جي نالي فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي (1) رفيق احمد شيخ (ڀاءُ)، (2) ريشم جان (ڀيڻ) (3) نسيمه شيخ (ڀيڻ)، (4) ارامي (Aramy) (ڀيڻ)، (5) ريحانه شيخ (ڀيڻ). درخواستگذار جو وڪيل جوڻ آهي ته فوتي سني فقہ جو مسلمان هو سندس والد/ والده/ فوتي جي حياتيءَ ۾ فوت ٿي ويل آهن. اهڙي تصديق ٻن شاهدن نالي (1) فيصل احمد ولد آفتاب احمد شيخ (2) عمران محمود ولد محمود شيخ جن ڳوٺ متياري ۾ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسان جي روبرو ڇڻ ڪئي آهي. جنهن ڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتيءَ جي مٿين جائز وارثن بابت ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن جي اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري، مدو گذرڻ بعد ڪوبه اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو متياري

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي مسمات فاطمه بيواهه محمد عظيم ڪوسو ويٺل ڳوٺ محمد رمضان ڪوسو جهريون تعلقو ۽ ضلعو متياري جي اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس مڙس محمد عظيم خان ولد محمد عرس ڪوسو جيڪو پوليس کاتي رٽائرڊ ڪانسٽيبل هو ۽ سني فقہ جو مسلمان هو جيڪو تاريخ 20-10-2025 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي هيلين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي. (1) مسمات فاطمه ڪوسو (بيواهه)، (2) ڏٿي بخش ڪوسو (ڀاءُ)، (3) مسمات نوران (ڀيڻ). جڏهن ته اهڙي تصديق ٻن شاهدن هر هڪ نالي: امان الله ولد حاجي ڪوسو بلوچ ۽ يار محمد ولد پيارو ڪوسو جن پڻ اسان جي روبرو ڪئي آهي. جنهن ڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتيءَ جي مٿين جائز وارثن بابت ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن جي اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري، مدو گذرڻ بعد ڪوبه اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ قانون موجب فوتيءَ جو مٿين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو متياري

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي ريحانه زال امير بخش جسڪاڻي ويٺل ڳوٺ داد محمد جسڪاڻي تعلقو ۽ ضلعو متياري جي اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس مڙس امير بخش ولد الهڏنو جسڪاڻي جيڪو پاڪستان ريلوي کاتي رٽائرڊ ۾ شنٽنگ پورٽر هو ۽ سني فق جو مسلمان هو جيڪو تاريخ 17-08-2025 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي هيلين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي (1) مسمات ريحانه جسڪاڻي (بيواهه) (2) واحد بخش (پٽ) (3) محسن علي (پٽ) (4) گلشن (ڌيءَ)، (5) گلنار (ڌيءَ)، (6) رابعه (ڌيءَ)، (7) عظميٰ (ڌيءَ)، (8) نرما (ڌيءَ)، (9) جميلا (ڌيءَ)، (10) عاصمه جسڪاڻي (ڌيءَ). جڏهن ته اهڙي تصديق ٻن شاهدن هر هڪ نالي: لياقت علي ولد الهڏنو خاصخيلي ۽ انب ولد اچار جسڪاڻي جن جن پڻ اسان جي روبرو ڪئي آهي جنهن ڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتيءَ جي مٿين جائز وارثن بابت ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن جي اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري، مدو گذرڻ بعد ڪوبه اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ قانون موجب فوتيءَ جو مٿين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو متياري

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار نالي منتظر مهدي ۽ زلف علي لغاري رهندڙ ڳوٺ مريد خان لغاري تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي (1) نبي بخش ولد محمد بچل تاريخ 08-11-2019 (2) عاشق علي ولد محمد بچل تاريخ 13-11-2023 تي فوت ٿي ويا آهن جنهن جي نالي تي زرعي زمين/ پلاٽ/ سروي نمبر 49، 127، 136/1to4، 302، 50 ايراضي حصي موجب ديهه ملڪي ٽپو ڪانڊي تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ ڪانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام / بيان ڏني آهي. فوتي نبي بخش جا وارث: (1) منتظر مهدي (پٽ) (2) ذيشان علي (پٽ) (3) مسمات صائمه (ڌيءَ)، (4) مسمات صدف (ڌيءَ)، (5) مسمات مدحت (ڌيءَ)، (6) مسمات فرزانه (بيواهه). فوتي عاشق علي جا وارث: (1) زلف علي (پٽ) (2) مسمات اديبه بتول (ڌيءَ)، (3) مسمات عطيه بتول (ڌيءَ)، (4) مسمات سونا (بيواهه). جن جي نالي تي فوتي ڪاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن کانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪوبه جائزوارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي ڪاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع

ڪورٽ نوٽيس

سيڪنڊ سول جج اينڊ فيملي جج قاضي احمد
فيملي سوٽ نمبر 117 سال 2025

مسمات نادير ڌيءُ حبيب الله پتو رهندڙ ڳوٺ ڳوٺ باغ مالڪ تعلقو قاضي احمد ....پلينٽف..خلاف: امتياز علي پٽ محمد مٺل پتو رهندڙ ڳوٺ ڳوٺ باغ مالڪ تعلقو قاضي احمد ضلعو شهيد بينظير آباد....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 16-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول جج ۽ فيملي جج قاضي احمد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول فيملي جج اينڊ جي.ايم-II سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
گارڊين شپ ايپليڪيشن نمبر..... سال 2025

مسمات شاهين بيواهه محمد ابراهيم شاهه رهندڙ خانزاده محلا سڪرنڊ ....ايپليڪينٽ....خلاف: (1) مسمات طيبه ابراهيم (2)مسمات عريبه ابراهيم (3) مسمات مسڪان سپ ڏيٿرون محمد ابراهيم شاهه . (4) پبلڪ ايٽ لارج.....آپونينٽس

نالي مٿين آپونينٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ صغيرن نالي (1) ارم (2) اناما (3) محمد عمر (4) محمد عبدالباري جي گارڊين جي مقرري لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 15-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو

سول فيملي جج اينڊ جي.ايم-II سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

سول/فيملي جج اينڊ جي.ايم ميرپورخاص
فيملي سوٽ نمبر 108 سال 2025

مسمات زبيده زال ممتاز ذات شيخ رهندڙ محمود ٽائون ويجهو علي ٽالپر ٽائون ميرپورخاص ضلعو ميرپورخاص..پلينٽف..خلاف: ممتاز علي پٽ نر ذات شيخ رهندڙ محلا بلوچ پاڙو ڏگهڙي ضلعو ميرپورخاص. سيل نمبر: 0343-3645613....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ رڪوري آف ڊاوري آرٽيڪلز اينڊ مينٽيننس لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 20-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول اينڊ فيملي جج اينڊ جي.ايم ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
گارڊين ايپليڪيشن نمبر Nil سال 2026

مسمات روبينا قمبراڻي...پلينٽف..خلاف: وقاص علي قمبراڻي ۽ ٻيا. وقاص علي پٽ مرحوم غلام اڪبر مسلم بالغ رهندڙ غريب آباد ڪالوني ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو...آپونينٽس. (1) عبدالباسط پٽ مرحوم غلام اڪبر (2) عريبه ڌيءُ مرحوم غلام اڪبر.مائنرز/ وارڊس:

نالي مٿين آپونينٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف ايپليڪينٽ انڊر سيڪشن 7 آر ڊبليو 10 گارڊين اينڊ وارڊس ايڪٽ 1890 اينڊ آلسو فيلڊ انڊر سيڪشن 29 اينڊ 31 آف جي اينڊ ڊبليو ايڪٽ 1908 لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 20-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

ڪنزيومر پروٽيڪشن اينڊ فيملي جج ميرپورخاص
گارڊين ايپليڪيشن نمبر 01 سال 2026

مسمات شمير زال عمر فاروق راجپوت رهندڙ ڳوٺ احمد خان پي.او ميرپورخاص سانگرو تعلقو شجاع آباد ضلعو ميرپورخاص....ايپليڪينٽ..خلاف: (1) مسمات رذا نور ڌيءُ عمر فاروق راجپوت . (2) جنرل پبلڪ...ريسپانڊنٽ/ آپونينٽس (1) صدره نور (2) محمد فرحان علي (3) محمد فيضان علي .. مائنر

نالي مٿين ريسپانڊنٽس/ آپونينٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7، 10، 29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي صغيرن جي زرعي زمين جي فروخت جي اجازت بابت. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 20-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڪنزيومر پروٽيڪشن ڪورٽ اينڊ فيملي جج ميرپورخاص

عام اطلاع

هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته جناب ذوالفقار علي شاهه پٽ محمد علي شاهه آف بيهاڻ آف عمر شاهه حسين علي شاهه ريڪنسٽرڪشن رڪارڊ آف رائيٽس بابت درخواست ڏني آهي ته سروي نمبر 651، 653، 654، 655 ۽ 656 ٽوٽل ايريا 08-18 ديهه ٽالي ٽيو ٻيرا تعلقو ميرپورساڪرو ضلعو ٺٽو مٿي ڄاڻايل سروي ۾ ثبوت پيش ڪيا ويا آهن جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي مٿي ذڪر ڪيل ڄاڻايل زمين تي ڪو اعتراض آهي ته هن اشتهار شايع ٿيڻ جي 15 ڏينهن اندر دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ ذاتي طور تي يا وڪيل معرفت پيش ڪن مدو گذرڻ ڪانپوءِ ڪوبه اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ درخواستگذار جي حق ۾ فيصلو ڪيو ويندو

ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو

عام اطلاع

هر عام وخاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته جناب سيد آفتاب احمد شاهه پٽ سيد قطب شاهه ۽ ٻيا ريڪنسٽرڪشن رڪارڊ آف رائيٽس بابت درخواست ڏني آهي ته سروي نمبر 498، 499، 500، 501، 502، 506، 551، 552، 553، 845، 846، 847، 844، 460، 461، 262 ٽوٽل ايريا 10-59 ايڪڙز ديه بوماڻي الهندو ٽپو ٽانڪا تعلقو ٺٽو مٿي ڄاڻايل سروي ۾ ثبوت پيش ڪيا ويا آهن جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي مٿي ذڪر ڪيل ڄاڻايل زمين تي ڪو اعتراض آهي ته هن اشتهار شايع ٿيڻ جي 15 ڏينهن اندر دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ ذاتي طور تي يا وڪيل معرفت پيش ڪن مدو گذرڻ ڪانپوءِ ڪوبه اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ درخواستگذار جي حق ۾ فيصلو ڪيو ويندو

ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو

عام اطلاع

هر عام وخاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته جناب نصيبو پٽ علي محمد خاصخيلي ريڪنسٽرڪشن رڪارڊ آف رائيٽس بابت درخواست ڏني آهي ته سروي نمبر/ بلاڪ نمبر 746/1,2، 747/1,2، 744/1، 745/1,2، 743، 418 ٽوٽل ايريا 23-35 ايڪڙز ديهه ديو ٽيو حاجي گهراڻو تعلقو ميرپورساڪرو ضلعو ٺٽو مٿي ڄاڻايل سروي ۾ ثبوت پيش ڪيا ويا آهن جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي مٿي ذڪر ڪيل ڄاڻايل زمين تي ڪو اعتراض آهي ته هن اشتهار شايع ٿيڻ جي 15 ڏينهن اندر دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ ذاتي طور تي يا وڪيل معرفت پيش ڪن مدو گذرڻ ڪانپوءِ ڪوبه اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ درخواستگذار جي حق ۾ فيصلو ڪيو ويندو

ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي مسمات بشير احمد ولد علي بخش ڪوسو ويٺل ڳوٺ اسماعيل خان ڪوسو تعلقو ۽ ضلعو متياري جي اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس والد علي بخش ولد جبل خان ڪوسو جيڪو ايجوڪيشن کاتي ۾ رٽائرڊ P.S.T هو ۽ سني فقہ جو مسلمان هو جيڪو تاريخ 03-12-2025 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي هيلين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي. (1) مسمات زينت خاتون (بيواهه)، (2) بشير احمد ڪوسو (پٽ) (3) نظير احمد ڪوسو (پٽ) (4) منير احمد ڪوسو (پٽ) (5) مسمات ارم ڪوسو (ڌيءَ)، (6) مسمات مکڻ ڪوسو (والده)، (7) جبل خان ڪوسو (والد). جڏهن ته اهڙي تصديق ٻن شاهدن هر هڪ نالي: محمد حنيف ولد جان محمد ڪوسو ۽ وسيم احمد ولد يار محمد ڪوسو جن پڻ اسان جي روبرو ڪئي آهي. جنهن ڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتيءَ جي مٿين جائز وارثن بابت ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن جي اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري، مدو گذرڻ بعد ڪوبه اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ قانون موجب فوتيءَ جو مٿين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو متياري

عام اطلاع

هر عام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته آئون نالي ٻيبي وزير بانو زال مير علي نواز ٽالپر شناختي ڪارڊ نمبر 4530207429532 رهندڙ وارڊ نمبر 12 محلو ٽالپر محرابپور ڪان سوزڪي مهراڻ رجسٽريشن نمبر HCF-7667 انجڻ نمبر PKB617646 چيچس نمبر SB308PK01156159 ماڊل 2015 رجسٽريشن نمبر BED-673خريد ڪئي هئي جڏهن ته هاڻي سرڪار پاران ٽرانسفر تي بائيوميٽرڪ جو شرط هجڻ سبب آئون مٿي ڄاڻايل فروخت ڪندڙ سان رابطي جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان پر رابطو نه ٿي رهيو آهي تنهنڪري هن اشتهار ذريعي نالي ٻيبي وزير بانو زال مير علي نواز ٽالپر کي اطلاع ٿو ڪجي ته 15 ڏينهن اندر هيٺ ڏنل نمبر تي رابطو ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ ڪانپوءِ قانون موجب ٽرانسفر جي ڪاروائي مڪمل ويندي وڌيڪ هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي جئين وقت ضرورت ڪم اچي سگهي

عبدالرحمان ولد محمد صديق ميمڻ
شناختي ڪارڊ نمبر 4130460793027
موبائل نمبر 03161312619

سالن کان وٽي رهائش پذير هيو. هن الزام لڳايو ته گذريل 7 نومبر تي ڳوٺ جيوڻ پليجو واسي بااثر جوابدارن عاشق علي ڪڪراڻي، ملوڪ، نظير ۽ شڪيل ڪڪراڻي سڱاوتي معاملي تان پٽ مجاهد حسين کي جنن جي لاڙي وٽ گوليون هڻي ڪيس بيدردي سان قتل ڪرڻ بعد فرار ٿي ويا. اهڙي واقعي جو ڪيس منهنجي پٽ سعيد احمد حاصلو جي فرياد تي حد جي رشيد رڳڻ ٿاڻي تي ڄاڻايل جوابدارن خلاف داخل ڪيو ويو

هن وقت شهر ۾ ايل پي جي گئس 340 روپيا في ڪلو جي حساب سان وڪرو ٿي رهي آهي جڏهن ته اوگرا پاران ايل پي جي گئس جو اگهه 220 روپيا في ڪلو مقرر ٿيل آهي شهر جي ڊيلرن طرفان گئس جو وڌيڪ اگهه مقرر ڪرڻ بعد اسان غريب مسڪين ڊرائيورن جو گذر سفر انتهائي مشڪل بڻجي ويو آهي هنن الزام لڳايو ته لاڙڪاڻو انتظاميه توڙي لاڳاپيل اختياريون ايل پي جي گئس جي بااثر ڊيلرن خلاف ڪي به جوڳا قدم نه پيا کڻن .

طارق باجاري ۽ وڏي وزير جي پرسنل سيڪريٽري محمد سليم باجاري سميت سنڌس پوٽن ايس پي عمير طارق باجاري، وقاص طارق باجاري ۽ آريان سليم باجاري مرحوم جي مزار تي چادر چاڙهي قرآن خواني ڪئي ۽ سنڌس روح جي ايصال ثواب لاءِ دعا ڪئي جنهن بعد خيرات مانيءَ پڻ تقسيم ڪئي وئي

ڊپٽي ڪمشنر خطاب ڪندي چيو ته رياست جي پاليسين خلاف مواد پکيڙيندڙ عنصرن سميت مذهبي نفرت پکيڙيندڙ ڪردارن جو گهيرو تنگ ڪيو وڃي، ان سلسلي ۾ لاڳاپيل ادارا حڪمت عملي تيار ڪن ته جيئن اهڙن شرپسند عنصرن کي ڪيفر ڪردار تائين پهچائي سگهجي، هن چيو غيرقانوني پيٽرول پمپن ايل پي جي، پيتي خوري سميت غيرقانوني سرگرمين جي روڪٿام لاءِ جوڳا قدم کنيا وڃن لاڳاپيل ادارا پلان تيار ڪري آپريشن شروع ڪن چو ته امن و امان قائم ڪرڻ لاءِ غيرقانوني سرگرمين جي روڪٿام ضروري آهي

لاڳاپيل کاتن ۽ اسٽيڪ هولڊرز جي وچ ۾ ويجهي هم آهنگي اثرائتي هم آهنگي ۽ باهمي تعاون تي خاص زور ڏنو ويو اجلاس کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر سکر چيو ته سکر ضلعي ۾ يونين ڪائونسلن جو تعداد 60 کان وڌائي 85 ڪيو ويو آهي، جيڪو پوليو جي خاتمي جي مهم کي وڌيڪ اثرائتو بڻائيندو ۽ هدف جي حاصلات کي آسان بڻائيندو ان حوالي سان يو سي ۾ واڌ کان پوءِ ضلعي جي پوليو جي خاتمي جي ٽيمن کي مڪمل طور تي آگاهي ڏني وڃي هن چيو ته نئين يونين ڪائونسلن جي قيام کان پوءِ پوليو مخالف مهم کي بهتر بڻائڻ لاءِ لاڳاپيل اسسٽنٽ ڪمشنرن سان صلاح ڪرڻ کان پوءِ تعلقي انچارجن ۽ يونين ڪائونسل ميڊيڪل آفيسرن سميت سڀني ٽيمن کي بيهتر منظم ۽ شفل ڪيو وڃي، ته جيئن هر يونين ڪائونسل ۾ اثرائتي نگراني ۽ بهتر ڪارڪردگي کي يقيني بڻائي سگهجي ڊپٽي ڪمشنر سکر چيو ته فيلڊ سطح تي واڪ ٿرو سيشن منعقد ڪرڻ کان علاوه سڀني ٽيمن کي نئين ميپنگ، حد بندي ۽ نئين يونين ڪائونسل جي زميني حقيقتن جو جائزو وٺي آگاهي ڏني وڃي هن پوليو ٽيمن تي زور ڏنو ته اهي نئين يونين ڪائونسلن جي مطابق مائڪرو پلاننگ کي وقت تي مڪمل ڪن ۽ مڪمل ذميواري ۽ جذبي سان پنهنجون خدمتون سرانجام ڏين ته جيئن سکر ضلعي کي پوليو کان پاڪ بڻائڻ جو هدف حاصل ڪري سگهجي هن واضح هدايتون جاري ڪيون.

پاليسين جي ڪري عوام بنيادي سهوليتن کان محروم ٿي رهيو آهي سنڌ سميت پوري پاڪستان جي اندر ڪرپشن بدامني جو عروج آهي، دهشتگردي، تخريبڪاري جا واقعا پيش اچي رهيا آهن سرحدي علائقن ۾ پاڪ فوج جي جوانن تي حملا ٿي رهيا آهن عوام پيئڻ جي صاف پاڻي، صحت جي بنيادي سهوليتن، تعليم جي زيور کان پنهنجي مستقبل کي تعليم ڏيارڻ کان محروم ٿي رهيا آهن اهڙي صورتحال پيدا ٿي رهي آهي جو قانون جي لتاڙ جي ذميوار حڪومت بڻجي رهي آهي، ايتري قدر جو لاڳو ڪيل مڪاني ادارن وارو نظام مان عوام کي ڪو به رليف ملي نه رهيو آهي جنهن ۾ حڪومت جي احڪامتن تي ڪو به عمل ٿي نه سگهيو آهي عوام کي مهانگائي بيروزگار، بدحالي جو تحفو ڏنو ويو آهي، جنهن جي ڪري نوجوان بيروزگاري کان تنگ اچي آپگهات ڪري رهيا آهن، سنڌ توڙي ٻين صوبن ۾ وسيلا هجڻ باوجود بک عوام کي تمام گهڻو پريشان ڪري ڇڏيو آهي ، اهڙي صورتحال پيدا ٿي وئي آهي جنهن ۾ سنڌ جي اندر بجلي جا ڪيترائي وسيلا ٿر جي ڪوئلي کان وٺي جهمپير کان وٺي ڄامشورو جي هوا واري بجلي پيدا ڪرڻ باوجود بجلي کي تمام گهڻو مهانگو ڪيو ويو آهي .

شعبن جي معائني دوران اداري جي مجموعي ڪارڪردگي کان آگاهه ڪيو هن ٻڌايو ته ڄاڻايل رورل هيلٿ سينٽر جي ڀرپاسي وارن علائقن جي هزارين مريضن کي بنياد طبي سهولتون فراهم ڪري رهيو آهي _ ڊاڪٽر آمنا جبين موجب هيلٿ سينٽر ۾ روزانو صبح جي وقت 6 ڪلاڪ اوپي ڊي سروس فراهم ڪئي ويندي آهي جنهن دوران مريضن جو معائنو ۽ روزمره جون دوائون مهيا ڪيون وينديون آهن جڏهن ته 24 ڪلاڪ نارمل ڊليوري جي سهولت پڻ موجود آهي _ هن ٻڌايو ته ماهوار اٽڪل هڪ سئو نارمل ڊليوري ڪيون وينديون آهن _ ريجنل ڊائريڪٽر اي پي آئي سينٽر ۽ مختلف او پي ڊيز، ليبارٽري ۽ الٽراسائونڊ جو پڻ دورو ڪيو

مصطفيٰ انڙ، قاضي جاويد سنائي، شيراز احمد انڙ، فضيل حبيب شاهه ، محيط ممتاز راهو، عامر بهزاد ، چاڪر چنگيز خان انڙ ، آفتاب شاهه ، حاجي شير سمون، سردار جگنو ميمڻ ، مقبول راهو، غلام عباس انڙ ، امتياز حسين راهو، جاويد شاهه سميت ڪئي شخصيتون شامل هيون جن کي ميزبانن پاران لنگين جا تحفا پيش ڪيا ويا ان موقعي تي مهمان خاص راول شرجيل ميمڻ ڳالهائيندي چيو ته مان شڪر گذار آهيان رئيس نظير احمد راهو جو جنهن مان ڏني ڪيترائي محبتي ميڙيا آهن هن وڌيڪ چيو ته پ پ ترقياتي ڪمن ۾ رڪارڊ ڪم ڪرايا آهن ۽ هن ڳوٺ شهمير راهو اينڊي رستي جي حالت ڪمزور نظر اچي ان شاءَ الله هن ڳوٺ جو روڊ به جلد تعمير ڪرايو ويندو هن اهو به چيو ته مٽياري ضلعي ۾ اچڻ وڃڻ ٿيندو رهندو آهي پارٽي ڪانسواءِ ميمڻ برادري پڻ وڏي انگ ۾ هن ضلعي ۾ موجود آهي ان ڪري هن ضلعي سان ويجهڙائي جو رشتو آهي هن چيو ته نظير احمد راهو اسان جي وڏن جو ساٿي ۽ مخلص دوست آهي آخر ۾ اجپائي جي ميزبان نظير احمد راهو آيل مهمانن جو شڪريو ادا ڪندي چيو ته مان شڪر گذار آهيان راول شرجيل ميمڻ جو جيڪو منهنجو پائڪيو آهي چاڪاڻ جو سندس والد شرجيل انعام ميمڻ منهنجي پائرن وانگر آهي

لک 80 هزار روپين جو ٽريڪٽر خريد ڪيو جنهن عيوض 3 لک روپيا نقد ڏنا، جڏهن ته باقي 13 لک 80 هزار روپين جو سونهري بينڪ ٽنڊو غلام علي برانچ جو چيڪ ڏنو ويو. مدعي موجب جڏهن چيڪ بينڪ ۾ جمع ڪرايو ويو ته اڪائونٽ ۾ رقم نه هجڻ سبب چيڪ باؤنس ٿي ويو جنهن بابت جوابدار جاويد علي ۽ محمد هارون راهمون کي اطلاع ڏنو ويو

سلسلي ۾ لاڙڪاڻي پرسان ماهوٽا ٿاڻي جي حد دادو ڪئنال مان هفتو اڳ شڪارپور ضلعي جي تعلقي ڳڙهي ياسين جي ڳوٺ دودو جي رهواسي ڪراچي ۾ پورهيو ڪندڙ 18 ورهين جي نوجوان فراز پٽ سراج ڏيٽو جو گوليون لڳل لاش هٿ آيو هو جنهن واقعي جي ايف آءِ آر مقتول نوجوان جي والد سراج ڏيٽو جي فرياد تي حد جي ماهوٽا ٿاڻي تي 3 سڃاتل جوابدارن نادر ڏيٽو شيراز ڏيٽو اياز ڏيٽو ۽ هڪ اڻسڃاتل سميت 4 جوابدارن مٿان داخل ڪئي وئي آهي

واقعي جو نوٽيس وٺندي ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ حسن سردار سان رابطو ڪري علائقي کي سيل ڪري آپريشن ڪرڻ، واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي جلد گرفتار ڪرڻ، رينج کان وڌيڪ نفري ۽ اي پي سي چينن روانگي ڪرڻ جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا آهن ٻئي پاسي ڏرگهه ٿاڻي جي پوليس جو چوڻ آهي ته ديوٽي تي موجود پوليس اهلڪارن چيڪنگ ڪندي شڪي ماڻهن کي روڪيو ته هنن فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن دوران پوليس ۽ ڌوهارين وچ ۾ مقابلو ٿيو جنهن ۾ ٻه اهلڪار زخمي ٿي پيا آهن جن مان هڪ اهلڪار امجد جهنڊيال کي ڪراچي ريفر ڪيو ويو آهي ۽ زخمي اهلڪار علي اصغر ٻبر جو علاج پڻ ٽراما سينٽر لاڙڪاڻو ۾ هلندڙ آهي

۾ رکندي ڪانسٽيبلز جي سروس رڪارڊ جو جائزو ورتو سينيارٽي لسٽ موجب سي ون (C-1)جي 10 ڪانسٽيبلز ۽ سي ٽو (C-2) جي هڪ ڪانسٽيبل کي هيڊ ڪانسٽيبل جي عهدي تي ترقي ڏني وئي آهي

مختصر عرصي ۾ ايم آر آءِ مشين ٻه ڀيرا خراب ٿي وئي جيڪا بدترين ڪرپشن جي مثال آهي ناظم الدين شيخ وڌيڪ چيو ته اها وڏي ڏکئي جي ڳالهه آهي ته هن صورتحال ۾ غريب ماڻهو سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿي رهيا آهن ناظم الدين سنڌ حڪومت ۽ ضلعي حڪومت کان پرزور مطالبو ڪيو آهي ته سول اسپتال جي انتظاميا ۽ سول اسپتال جي ايڊيشنل ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ خلاف فوري ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ 80 ڪروڙ روپين جي ڪرپشن جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ ذميوارن کي سزا ڏني وڃي

ڳالهائيندي چيو ته "اسان ميٽي جي پراڻي ڪري رهيا هئاسين ته ٻچيري شهر سان تعلق رکندڙ حاجي نظر خان پٺاڻ جا ماڻهو اچي اسان مٿان فائرنگ ڪري ڏني جنهن سبب اسان جا 5 ڄڻا زخمي ٿيا آهن"

ڪولهي جي فرياد تي ڪاهي ٿاڻي تي داخل ڪرايو هو عدالت قتل ڪيس ۾ جنم ٽيپ ۽ لاش لڪائڻ جي ست سال سزا ٻڌائي ڇڏي ڪيس جي پيروي سرڪاري وڪيل محمد خان پيرزادي ڪئي پئي

جڏهن ته ملاڪڙي ۾ راهو خاندان پيپلزپارٽي جي مقامي قيادت مقابلا ڪنيندڙ ملهم پهلوانن کي انعام ڏنا جڏهن ته ملاڪڙي ۾ سوين ماڻهن شرڪت ڪئي ، شهيد فاضل راهو جي ورسي جون تياريون مڪمل ٿيڻ بعد تقريبون راهوڪي ۾ شروع ٿي ويون آهن جڏهن ته تقريبون 17 جنوري شام تائين جاري رهنديون جن۾15 ۽ 16 جنوري تي ملاڪڙو۽ 16 جنوري رات جو ناميارو شاعر احمد سولنگي جي صدارت ۾ ادبي ڪانفرنس ٿيندي

پي ڪشمور محمد مراد گهانگهرو ٻڌايو ته ڌوهارين جي گرفتاري لاءِ ڪشمور جي پوليس ۽ رينجرز جو گڏيل آپريشن ڪيو ويو هو جنهن جي دوران ڌوهارين پوليس کي ڏسندي ئي فائرنگ ڪري ڏني پوليس جي جوابي فائرنگ ۾ هڪ خطرناڪ ڌوهاري علي مدد عرف بدلو جعفري موقعي تي مارجي ويو آهي

رڪشا ڊرائيور آفتاب سباڪي جي سيريس حالت هجڻ ڪري نوابشاهه منتقل ڪيو ويو ٻئي طرف قاضي احمد پوليس ٽريلر ڊرائيور کي گرفتار ڪري ٽريلر کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو

دانهيندي چيو ته مان پوليس کاتي ۾ اي ايس آءِ طور پوليس هيڊڪوارٽر قمبر ۾ ڊيوٽي ڪري رهيو آهيان هن الزام لڳايو ته سال 2022ع جي جولاءِ مهيني دوران ضلعي خيرپور جي تعلقي ٺري ميرواهه جي رهواسي پوليس سب انسپيڪٽر انور شر سنڌس پٽ منور شر منهنجي پٽن محمد حسن ۽ احمد حسين کي پوليس ڪانسٽيبل جي نوڪري ڏيارڻ لاءِ 8 لک روپيا ورتا جيڪي پئسا مان پنهنجي 2 جريب زرعي زمين وڪڻي کين ڏنا، جيڪي مسلسل مون کي ڪوڙا دلاسا ڏيندا رهيا ۾ منهنجي ٻنهي پٽن کي نوڪري ولرائي ڪونه ڏني بعد ۾ مان لکت ۾ اهڙيون شڪايتون آءِ جي سنڌ، ايڊيشنل آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ سميت ٻين کي ڪيون پر ڪو تدارڪ نه ٿي سگهيو ويتر بااثر پوليس سب انسپيڪٽر انور شر ۽ سنڌس پٽ منور شر مون کي پئسن جي گهر ڪرڻ تي سوتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن جيڪو ظلم ۽ زيادتي آهي هن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ۽ ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي پوليس سب انسپيڪٽر انور شر ۽ سنڌس پٽ منور شر خلاف فراڊ جو ڪيس داخل ڪري ڦٻايل لکين روپيه واپس ڪرائي انصاف فراهم ڪيو وڃي

محمد رفيق ملاح (ڏير) ۽ مرحوم جو پٽ شهزاد حنيف سميت وڏي انگ ۾ ماڻهو شريڪ هئا. مظاهرين ملزمان جي فوري گرفتاري، ايف آءِ آر داخل ڪرڻ ۽ شفاف جاچ جو مطالبو ڪيو.مرحوم جي والد محمد رمضان ملاح ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته سندس ڌيءَ جي شادي کي لڳ ڀڳ 32 سال ٿي چڪا هئا ۽ هوءَ بندر روڊ باغ حيات ۾ مڙس جي گهر رهندي هئي. سندس چوڻ مطابق ڌيءَ کي مسلسل تشدد، ذهني اذيت ۽ والدين سان ملڻ جلڻ کان روڪڻ جهڙا ظلم برداشت ڪرڻا پيا. هن وڌيڪ چيو ته ڌيءَ اسپتال ۾ هوش جي حالت ۾ پاڻ ٻڌايو ته کيس ماريو ويو ۽ زهريلو مشروب پياريو ويو. پهرين کيس سول اسپتال سکر منتقل ڪيو ويو، بعد ۾ حالت نازڪ هئڻ سبب ڪراچي ڪئي ويا، جتي لڳ ڀڳ هڪ مهينو علاج هيٺ رهڻ بعد هوءَ فوت ٿي وئي.مرحوم جي پٽ شهزاد حنيف الزام لڳايو ته سندس والده کي زبردستي فنائل پياريو ويو جسم تي تشدد جا نشان موجود هئا ۽ اهو ظلم ڊگهي عرصي کان جاري هو هن چيو ته گهر وارن پنهنجي وس آهر علاج ڪرايو پر انصاف نه ملڻ سبب اڄ احتجاج ڪرڻو پيو.ڏير محمد رفيق ملاح بيان ڏيندي چيو ته هن ڪيترائي ڀيرا پنهنجي ڀائرن کي مرحوم سان ناروا سلوڪ کان روڪيو پر ڳالهه نه لڌي. سنڌس مطابق مرحوم گهريلو ڪم ڪار ڪندي هئي ۽ سندس ڪوبه ڏوهه نه هو ان جي باوجود مٿس ظلم ڪيو ويو.احتجاجي مظاهرين وزيراعظم پاڪستان، وزيراعليٰ سنڌ، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي سکر کان مطالبو ڪيو ته غريب خاندان سان انصاف ڪيو وڃي، واقعي جو نوٽيس وٺي محمد حنيف ملاح ۽ مقبول ملاح کي فوري گرفتار ڪيو وڃي، قتل جو ڪيس داخل ڪري شفاف ۽ غير جانبدار جاچ يقيني بڻائي وڃي. مظاهرين عدليه ۽ پوليس کان به اپيل ڪئي ته متاثر خاندان کي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي،آخر ۾ مظاهرين خبردار ڪيو ته جيڪڏهن ملزمان خلاف فوري ڪارروائي نه ڪئي وئي ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

جوابدار علي محمد شر کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان 1500 گرام چرس برآمد ڪئي وئي. جڏهن ته ٿاڻي پير وسڻ جي حد ۾ پوليس منشيات فروش جوابدار عرفان دستي ۽ فرمان دستي کي گرفتار ڪري سندن قبضي مان 220 نشي آور سپاريون برآمد ڪري منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيا ويا.ان موقعي تي ايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومرو چيو ته ضلعي خيرپور کي منشيات فروشن ۽ ڌاڙيلن کان پاڪ ڪيو ويندو. هن واضح ڪيو ته ڏوهارين لاءِ ڪا به رعايت نه هوندي، اهي پاڻ کي قانون حوالي ڪن ٻي صورت ۾ ڌاڙيلن ۽ منشيات فروشن خلاف ڪريڪ ڊائون وڌيڪ سخت ڪيو ويندو.

ياسين موڙ پرسان ڊرائيور جي قبضي مان نڪري ڪلٽي ٿي وئي حادثي سبب ڪوچ ۾ سوار ڪيترائي مسافر زخمي ٿي پيا. پوليس ٻڌايو ته زخمين ۾ فدا، نظير، اياز، صادق، روقيه، فرحت ناز سميت ٻيا به شامل آهن واقعي جي اطلاع ملندي ئي پوليس ۽ ريسڪيو ٽيمون واقعي واري هنڌ پهچي ويون ۽ زخمين کي فوري طور ويجهي اسپتال منتقل ڪيو ويو پوليس موجب واقعي بابت وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي

پهتي ان حوالي سان دڪاندار ياسر چاچڙ ميڊيا آڏو دانهيندي چيو ته ٻن نامعلوم هٿيارٻند ڦورن منهنجي دڪان تي چڙهائي ڪرڻ بعد مونکي هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي اٿي فون ۽ 80 هزار روپيا روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا آهن اهڙو اطلاع مون حد جي ٿاڻي جي پوليس ۽ ون فائيو مددگار پوليس کي ڏنو پر پوليس اڃان تائين ناهي پهتي جيڪا وڏي ناجائزي آهي هن آءِ جي سنڌ ۽ ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو کي اپيل ڪئي ته واقعي جو نوٽيس وٺي ڦورن کي گرفتار ڪري ڦر ڪيل روڪ رقم ۽ موبائيل فون واپس ڪرائي انصاف ڪيو وڃي

۾ پوليس جو گشت نه هجڻ جي ڪري اسان جي زرعي دوائن جي اسٽور جا چور تالا ٽوڙي لکين روپين جو دوائون چوري ڪري ويا آهن شهر ۾ چورين جو آزار وڌي ويو آهي پوليس رات جي وقت شهر ۾ گشت نه پئي ڪري ان ڪري چورين ۽ ڏوهه زور جو معمول بڻجي ويا آهن پوليس اڳهور ننڊ ستل آهي هر ٽئي ڏينهن چوريون ۽ ڦرڻ جو وارداتون ٿين پيون پر پوليس ڌوهارين خلاف ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي اهڙي قسم جو اطلاع اسان ٺلجي پوليس کي ڏنو آهي ايس ايس پي دادو کان مطالبو آهي ته چوري ٿيل سامان واپس ڪرائي چوري ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

روئيندي ٻڌايو ته ڳوٺ حاجي دين محمد جي واٽر سپلائي جي ٽانڪن ۾ مقامي يوسي چيئرمين ۽ واٽر سپلائي انچارج مڇيون جهلڻ لاءِ ڳوٺ کي ملندڙ پيئڻ جو پاڻي گندو ڪري ڇڏيو هن چيو ته اهو پاڻي نه رڳو ڳوٺ واسي استعمال ڪن ٿا پر مسجد ۾ وضو لاءِ به استعمال ٿيندو آهي. مڇليون پڪڙڻ لاءِ سڄي ٽانڪي جو پاڻي گندو ڪري ناقابلِ استعمال بڻايو ويو.محمد اشرف ڪمبوهه موجب، گندي پاڻي بابت نشاندهي ڪرڻ تي يوسي چيئرمين ۽ واٽر سپلائي انچارج تمام گهڻو مچرجي پيا ۽ هن تي تشدد ڪيو ۽ سخت نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ۽ مختلف ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏنيون. هن جو چوڻ هو ته بااثر جوابدارن ڳوٺ ۾ رهائش ناممڪن بڻائي ڇڏي آهي ۽ هن ۽ سندس مٽن مائٽن کي جاني خطرو آهي. جڏهن ته پنگريو پوليس شڪايت باوجود ڪا به ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي.ان موقعي تي خادم جي زال ۽ نياڻي پڻ ميڊيا کي ٻڌايو ته يوسي چيئرمين ۽ واٽر سپلائي انچارج انتهائي بااثر آهن ۽ ڪنهن به وقت نقصان پهچائي سگهن ٿا. هنن چيو ته ٻئي جوابدار ساڳئي ڳوٺ جا رهاڪو آهن ۽ کين سخت نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن. متاثر خاندان چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري، وزيراعليٰ سنڌ، آئي جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي بدين کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو نوٽيس وٺي کين فوري تحفظ فراهم ڪن

ٽنڊوڄام منتقل ڪيو جڏهن ته نينگر جي پيءُ محمد هاشم چوهاڻ جي فرياد تي ٽنڊوڄام ٿاڻي تي رپورٽ داخل ڪئي وئي ٻئي پاسي ٽنڊوڄام پوليس ڪارروائي ڪندي جوابدار اڪو شاهه کي گرفتار ڪري ورتو آهي جڏهن ته پوليس موجب اڪو شاهه مٿان اڳ ۾ به واڪهڙو کي خنجر هڻي زخمي ڪرڻ جو ڪيس داخل ٿيل آهي

جي جواب ۾ هنن چيو ته مبينا پوليس مقابلي ۾ دادو جي نوجوان نادر جمالي کي مارڻ وارو معاصرو انساني حقن جي خلاف ۽ عدالتن کان ماوراءِ قتل آهي انساني حقن جي پيچڪڙي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪئي ويندي، دادو سميت حيدرآباد ريجن ۾ انساني حقن جي پيچڪڙي تي اختيارن کي لکيو ويندو، هنن چيو ته دادو ضلعي ۾ انساني حقن جي سنگين صورتحال نظر اچي آهي اداري کي پنهنجو ڪم نيڪ نيتي سان ڪرڻ گهرجي، هنن چيو ته صحافي پنهنجي قلم ۽ ڪئمرا جي اک سان هر مظلوم جو آواز بڻجن ٿا ۽ ٿيل ظلمن جي نشاندهي ڪن ٿا، جنهن تي صحافين جون زندگيون پڻ داءَ تي لڳي وڃن ٿيون. جڏهن ته ان موقعي تي اڳوڻو صدر دادو پريس ڪلب ولي چانڊيو نياز چانڊيو شيراز شيخ شوڪت ملاح الا بخش خشڪ علي گل چنا، رضوان منگي، سخي چارڻ موجود هئا. جڏهن ته هيومن رائيٽس ڪميشن پاڪستان جي وفد دادو پريس ڪلب پهچڻ کان اڳ ايس ايس پي دادو امير سعود مگسي، ڊي ايس پي ليگل پناهه شاهه، وومين اينڊ چائلڊ پروٽيڪشن سيل انچارج انسپيڪٽر بينظير جمالي هيومن رائيٽس سيل پوليس انتظاميا ۽ بار ايسوسيئيشن جي عهديدارن سان پڻ گڏجاڻي ڪئي وئي

ڊاڪٽر صاحبزاده ابوالخير محمد زبير ڪئي جڏهن ته ميزباني جمعيت علماء پاڪستان يوٿ ونگ ڪراچي جي صدر راؤ عبدالرحمن ڪئي ڪانفرنس کي خطاب ڪندي مقررن ان عزم جو اظهار ڪيو ته پاڪستان الله تعاليٰ جي عطا ڪيل هڪ نظرياتي اسلامي رياست آهي جنهن جي بنياد ٻه قومي نظريي اسلامي قدرن ۽ لکين قربانين تي رکيل آهي ملڪ جي نظرياتي ۽ جاگرافيائي سرحدن جو تحفظ هر پاڪستاني جي ديني اخلاقي ۽ قومي ذميواري آهي جنهن تي ڪو به سمجهوتو نه ٿيندو علما، عوام، پاڪ فوج ۽ قيادت هڪ صف ۾ بيهي اندروني ۽ بيروني چئلينجن کي منهن ڏيندا ۽ هڪ اسلامي خودمختيار مضبوط ۽ خوشحال پاڪستان جي قيام تائين جدوجهد جاري رکندا ڪانفرنس ۾ آمريڪا طرفان وينزويلا تي قبضي، ايران ۽ ٻين ملڪن خلاف کليل حملن جي ڌمڪين ۽ اڳوڻي آمريڪي صدر ٽرمپ جي جارحاڻي بيانن جي سخت مذمت ڪئي وئي انهن قدمن کي عالمي امن لاءِ سنگين خطرو قرار ڏيندي عالمي قيادت کان مطالبو ڪيو ويو ته هو فوري طور گڏيل حڪمت عملي اختيار ڪن مسئلو فلسطين بابت ڳالهائيندي، ڪانفرنس بيت المقدس ۽ فلسطيني عوام جي آزاديءَ جي جدوجهد جي مڪمل حمايت جو اعلان ڪيو ۽ اسرائيل طرفان معاهدن جي مسلسل پيچڪڙي ۽ جارحيت جي سخت مذمت ڪئي مسلم حڪمرانن کان مطالبو ڪيو ويو ته هو اسرائيل تي معاهدن تي عمل ڪرائڻ لاءِ مؤثر دٻاءُ وجهن ۽ هڪ طرفي طور حماس تي دٻاءُ وجهڻ کان پاسو ڪن ڪانفرنس اسلامي قدرن جي تحفظ تي زور ڏيندي مطالبو ڪيو ته پاڪستان جي آئين ۽ قانون کي قرآن ۽ سنت جي تابع رکيو وڃي اسلامي سجاڳي جي اڀرندڙ سڀني قانونن ۽ پاليسين جو نئين سر جائزو ورتو وڃي 18 سالن کان گهٽ عمر وارن جي اسلام قبول ڪرڻ يا نڪاح تي پابندي ٽرانسجينڊر بابت غير شرعي قانونن ۽ نڪاح جهڙي مقدس رشتي تي بيجا قدغن جي فوري خاتمي جو مطالبو ڪيو ويو توهين مذهب جي مرتڪبن کي ڪنهن به صورت قانوني سهارو نه ڏنو وڃي

آهي اهڙي خوشي جي موقعي تي سکر هاءِ ڪورٽ بار ۾ ايڊووڪيٽ شيراز فضل اويسي، علي حسن شر ايڊووڪيٽ بدرالدين ميمڻ تنوير عباس شاهه ۽ ٻين مٺايون ورهائي ڀرپور مسرت جو اظهار ڪيو آهي ان موقعي تي وڪيلن پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته جسٽس نثار احمد ڀنڀرو ۽ جسٽس علي حيدر جي ججز طور ڪنفرميشن نه رڳو خيرپور ميرس ۽ سکر ۾ پوري سنڌ لاءِ فخر جو باعث آهي ٻئي معزز جج ايمانداري، قابليت ۽ قانون جي بالادستي تي يقين رکن ٿا هنن اميد ظاهر ڪئي آهي ته هو پنهنجي ذميوارين کي غيرجانبداري ۽ انصاف سان نڀائيندا جنهن سان عدالتي نظام وڌيڪ مضبوط ٿيندو

يوسف جادوواهڻ مهرو واهڻ سنابو لڳ فيض نهر واهه مجهد ڳوٺ دلاور کهڙو بهاروديرو ريڙي کهڙا بنگالو صوبدارلاشاري ڪماليرو پيرعيسيٰ گهرام کهڙو سميت ٻين ڪيترن ئي شهرن جي روڊن رستن تي ڇپرا ڪٽبنون ٿيها ۽ ٻيون غير ضروري حددخليون ڪرڻ ۾ اڳيرا لڳا پيا آهن ضلعي انتظاميه سميت تعلقي جي سرڪاري مشينري قبضن ڪرائڻ ۾ قبضا مافيا سان ٻٽ بڻجي وئي آهي ويتر سياسي پارٽين ۽ سياسي پوتارن جو آشيرواد پڻ حاصل اٿن انهن سڀني شهرن کي قبضا ڪندڙ ڪرائيندڙن هڪ مافيا طور اڀري آيا آهن لڳاتار قبضن ٿيڻ ڪري روڊ رستا ۽ گهٽيون سوڙهيون ٿينديون پيون وڃن اچڻ وڃڻ ۾ به گهڻي ڏکيائي ٿيندي پئي وڃي ويتر وڏي ۽ وڏيون گاڏين جو گذرڻ به ڏکيو ٿيندو پيو وڃي ايتري قدر جو ذاتي ڪاروبار ڪندڙ دڪاندار به رستن تي وڌار ڪندا پيا وڃن صندل بينچون ۽ ٻيو غير ضروري سامان ٻاهر ڪڍي ڪري روڊ تي قبضن کي هٿي ڏيڻ ۾ اڳتي اڳتي آهن جي ڪوئي عوناٿو يا ڪو متاثر ٿيندڙ ماڻهو يا ڀرپاسي وارا دڪاندارن کي اهڙي سوڙهه ڪرڻ جو سبب ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ته دڪاندار ۽ انهن جا ساٿاري ماڻهن تي ڪاوڙ جو اظهار ڪرڻ ۾ به دير ٿا ڪن ۽ ڌمڪين تي لهي ٿا اچن ان جو سبب سرڪاري ڪاموڙن روش آفيسر شاهي ۽ سياسي ڪارندن جي مداخلت ئي تعلقي گمبٽ جي مڙني شهرن کي حد دخلين جي ور چاڙهي ڇڏيو رهي آهي

ڪي گڏ ڪئي هلڻ جو ڏاڍن رکندو سالن جي اذيتن ڀري جدوجهد ڪانپوءِ شهيد ممتاز جهڙا ماڻهون تيار ٿين ٿا ۽ ان کي معمولي معاملي تي انا جو مسئلو بڻائي شهيد ڪيو وڃي ٿو جيڪو ڏيان فقط پارٽي جو نه بلڪي سماج جو وڏو ڏيان آهي جيڪو خال پرجي نه سگهندو ان کان اڳ مولائي نوح ڪوسو مولانا اظهر حسين جوادي خطاب ڪندي چيو ته شهيد ممتاز ۾ ڪوڙ گڻ هئا اهڙي دجالي دور ۾ به هو ڪوڙ نه ڳالهائيندو هو مهلاڪتو مڙس هو ڏک سک ٻيهڻ وارن مان هو هن سياست کي عبادت سمجهي ڪندو هو هر ننڍي وڏي معاملي تي اڳي پوندو هو

صحافي حاجي محمد يوسف ميمڻ جي ڀاڄائي، سورو پريس ڪلب جي اڳوڻي صدر خدا بخش ميمڻ جي چاچي ۽ سس ڪجهه وقت بيمار رهڻ بعد هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري وئي جنهن جي جنازي نماز خليفي سائين جي جنازي گاهه ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ مٽن مائٽن شهرين سياسي سماجي تنظيمن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي بعد ۾ ڪيس خليفي سائين جي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو پوئٽرن سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي

ڏکر ۾ فوت ٿي ويو جڏهن ته ضروري ڪاروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جڏهن ته لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

واري هنڌ پهتا ۽ سخت رد عمل ظاهر ڪندي چيو ته وڪيل زاهد ڀنڀرو کي ٽارگيٽ ڪري ڦر ڪئي وئي آهي ايس ايس پي شڪارپور فوري طور تي ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري ڦر ٿيل سامان ڪرائي ان موقعي تي قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ سخت چتاءُ ڏيندي چيو ته شهر بدامني جي ٻاهه ۾ سڙي رهيو آهي وچ شهر ۽ ٿاڻي جي ڀرسان ڦر پوليس جي ڪارڪردگي تي سوين سوال اٿاري ٿي اڳواڻن مطالبو ڪندي چيو ته اگر جوابدار گرفتار نه ٿيا ۽ ڦر ٿيل سامان واپس نه ٿيو ته احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي

HYDERABAD INSTITUTE FOR TECHNOLOGY AND MANAGEMENT SCIENCES

No.HITMS/PC-Office/G/1/2025/77

12th January, 2026

NOTICE INVITING TENDER (EPADS)

1. The Hyderabad Institute For Technology And Management Sciences (HITMS), invites E-Bids through E-PAK Acquisition and Disposal System EPADs with all applicable duties/taxes such as income tax, Sindh sales tax, Sindh Revenue Board (whichever is applicable) from eligible bidders, who must be "Active Tax Payer" and registered with the Federal Board of Revenue (FBR) for the Procurement of following Service in accordance with Public Procurement Rules, 2004 (as amended from time to time).
2. Electronic Bids must be submitted through EPADS only and manual bids shall not be accepted. Interested bidders are required to register themselves on the EPAD System at the link https://eprocure.gov.pk/#/ in order to submit electronic bids.

Sr.	Tender	Issue / Sale		Submission	Opening
		From	To		
1	Provision of Canteen / Cafeteria Services	15.01.2026	02.02.2026	02.02.2026 (11:00 A.M)	02.02.2026 (11:30 A.M)

3. Interested eligible bidders may either download the detailed Bidding document for the Procurement of Canteen/Cafeteria Services, from website of HITMS (www.hitms.edu.pk) or PPRA / EPADS from (https://eprocure.gov.pk/#/) from the date of Publication of this NIT and submit payment of Rs.5000/- through Pay Order/ demand draft as Tender Fees non-refundable in favor of Hyderabad Institute for Technology and Management Sciences (HITMS).
4. The bids can be submitted for the item along with 2% earnest money (refundable) against quoted bid in the form of pay order/demand draft in favor of Hyderabad Institute for Technology and Management Sciences (HITMS). Sealed original bid(s) security and tender fees should be submitted to HITMS before the date and time of opening of NIT, otherwise the bid will be disqualified.
5. The bids shall be submitted as Single Stage-one Envelope submitted through PPRA EPADS. The Procuring Agency reserves the right to reject any or all bids subject to relevant provisions of PP Rules, 2004 (Amended) and may cancel the bidding process at any time prior to the acceptance of a bid or proposal under Rule-33" of said Rules.
6. Any submission of false information or fake documents—such as a forged CDR—will result in immediate disqualification, blacklisting from current and future tendering processes of the HITMS Hyderabad.
7. The bid is must be signed and stamped by authorized person of firm along with authorization letter.

PROJECT COORDINATOR
Hyderabad Institute of Technology & Management Sciences,

ڪيٽي بندر ويجهو پکين جو شڪار ڪندي هوڙو ڪلٽي، ٻه ڄڻا ٻڏي فوت

پکين جو شڪار ڪندڙن شڪارين جو هوڙو لهرون لڳڻ 8 ماڻهو ٻڏي ويا

مقامي ماهيگيرن رحمان، ممتاز، غلام نبي سميت 6 ڄڻن کي بچائي ورتو

جڏهن ته واحد بخش گبول ۽ ظهير پنجابي لهرن ۾ لڙهي ويا، ريسڪيو ٽيم جي مدد سان لاش هٿ ڪيا ويا

گهاڙهو (ن ع) گذريل رات دير سان ڪيٽي بندر ويجهو پکين جو شڪار ڪندڙن شڪارين جو هوڙو لهرون لڳڻ سبب ٻڏي ويو جنهن ۾ 8 ماڻهون ٻڏڻ لڳا جن سان مقامي ماهيگيرن 6 رحمان گلري ممتاز گلري غلام نبي قاضي رزاق گبول رياض ارسلان کي بچائي ورتو جڏهن ته ٻيري ڪراچي جو رهندڙ واحد بخش گبول عرف ٻالو ۽ ملير ڪراچي جو رهندڙ ظهير پنجابي لهرن ۾ لڙهي ويا جن سان ميري ڪائيم ريسڪيو ۽ مقامي ماهيگيرن جي مدد سان ظهير پنجابي جو لاش هٽ ڪري ضروري ڪاروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو آهي جڏهن ته واحد بخش گبول جي لاش جي ڳولا جاري آهي ٻئي طرف علائقي ۾ سوڳ جي لهر ڊوڙي وئي آهي فوتين جي خاندان ۾ ماتم مچل آهي

سنڌ جي مختلف شهرن ۾ مطالبن جي مڃتا لاءِ رٽائرڊ ملازمن جا احتجاج

جيڪب آباد، بدين، دادو، عمرڪوٽ ۽ لاڙڪاڻو ۾ سنڌ پينشنرز الائنس پاران ريليون ڪڍيون ويون

گروپ انشورنس، بينيوولنٽ فنڊ، صحت ڪارڊ ۽ رهيل 10 سيڪڙو پينشن واڌ نه ملڻ تي مظاهرو ڪيو ويو

مطالبا تسليم نه ٿيڻ جي صورت ۾ 9 فيبروري تي ڪراچي ۾ سنڌ اسيمبلي ۽ بلاول هائوس آڏو ڌرڻو ڏنداسين: مظاهرين

حيدرآباد(نمائندن وڪان) جيڪب آباد ۾ سنڌ پينشنرز الائنس پاران گروپ انشورنس، بينيوولنٽ فنڊ نه ملڻ ۽ وزير اعظم طرفان پگهارن ۽ پينشن ۾ اعلائيل 10 فيصد اضافو نه ڪرڻ بجيٽ ۾ پگهارن ۽ پينشن ۾ برابري جي بنياد تي اضافو نه ڪرڻ واري عمل خلاف شهيد الله بخش سومرو پارڪ کان احتجاجي جلوس ڪڍي پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هنيو ويو جنهن ۾ مختلف کاتن جا رٽائرڊ ملازم شريڪ ٿيا ان موقعي تي سپا اڳواڻن عبدالرب اوڊاڻي عبدالقادر ڪوسو

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ: سنڌ پينشنرز اتحاد پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

خيرپور ۾ پينشنرز الائنس پاران مطالبن جي مڃتاءَ لاءِ اڳيان احتجاجي مظاهرو

مظاهرين پروفيسر عبداللطيف راڄپر، شهبان علي لغاري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

بينيولنٽ فنڊ، گروپ انشورنس، صحت ڪارڊ سميت ٻيون سهوليتون فراهم ڪيون وڃن: مظاهرين

خيرپور(د ر)سپا سنڌ پينشنرز الائنس سنڌ طرفان پريس ڪلب خيرپور اڳيان رٽائرڊ ملازمن احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي مظاهري جي اڳواڻي ڪندڙ پروفيسر عبداللطيف راڄپر، شهبان علي لغاري، بخش علي پنهور، مومن علي گوپانگ ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته رٽائرڊ ٿيل ملازمن جا حق ڏنا وڃن بينيبل فنڊ، گروپ انشورنس، صحت ڪارڊ سميت ٻيون سهوليتون فراهم ڪيون وڃن هنن چيو ته رٽائرڊ ملازمن جون 10 سيڪڙو پگهارون به ڏنيون وڃن هنن ڊيڪ چيو ته رٽائرڊ ٿيل ملازمن جا حق انهن کي ڏنا وڃن ٻي صورت ۾ ڪراچي پريس ڪلب آڏو سنڌ گورنمنٽ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويندو.

سڳيون: موٽر سائيڪل سلپ ٿيڻ سبب فوت ٿيل نوجوان جو لاش پيل آهي

سڳيون لڳ موٽرسائيڪل سلپ ٿيڻ ڪري نوجوان پورهيت فوت، گهر ۾ ڪهرام

سڳيون (ن ع) سڳيون جي ڪچي واري علائقي ڳوٺ غلام حيدر ڪلهوڙو جو رهواسي تقريبن 16 سالن جو نوجوان شهزادو ڪلهوڙو پنهنجي گهر جو چرخو هلائڻ لاءِ موٽر سائيڪل تي ڪاٺيون کڻي سڳيون ڪيائڻ لاءِ اچي رهيو هو ته ڳوٺ محمود چنا پرسان موٽر سائيڪل سلپ ٿيڻ ڪري نوجوان ڏنڊ ۾ ڪري سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ اتي موجود ماڻهن ڪٽي سڳيون جي بي ايڇ يو اسپتال

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو ۾ پ ٽ الف سٽي جي چونڊن ۾ اڳوڻو صدر ارشاد ٿنيو هڪ ڀيرو ٻيهر ٻنا مقابلي صدر چونڊجي ويو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي پ ٽ الف سٽي جي ساليانيءَ چونڊن ۾ اڳوڻو صدر ارشاد ٿنيو هڪ ڀيرو ٻيهر ٻنا مقابلي صدر چونڊجي ويو ان سلسلي ۾ لاڙڪاڻي جي پرائمري استادن سيد ظفر علي شاهه عبدالمجيد مغيري، راڄو رحيم بخش، محمد اسحاق، منظور لاڙڪ ممتاز جلباڻي ۽ ٻين طرفان ٻنا مقابلي چونڊيل صدر ارشاد ٿنيو سان ملاقات ڪري سندس گلن جا هار پارائي مبارڪون ڏنيون ويون ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي نوجوان

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ڪڪڙ پرسان بجلي جي لائين مان ڪرنٽ لڳڻ سبب ٻه ڄڻا فوت، پنج زخمي، لاش رکي ڌرڻو

11 هزار وولٽيج جي تارون هيٺ هئڻ سبب 8 سالن جو شاهزيب ۽ 30 ورهين جو محمد اسلم جوڻيجو فوت ٿي ويا

واقعي خلاف لاشن کي انڊس هاءِ وي خانپور جوڻيجو روڊ تي رکي ڌرڻو هنيو ويو، روڊ مڪمل طور تي بند

بار بار شڪايتن باوجود 11 هزار وولٽ جي خطرناڪ بجلي لائين کي هٽايو نه ويو نتيجو اڄ ٻيگناهه جانيون ضايع ٿي ويون:مظاهرين

ڪڪڙ/ راڏڻ (نمائندن وڪان) ڪڪڙ پرسان بوڙي شهر ۾ واپڊا جي مبينا لاپرواهي سبب افسوسناڪ سانحو پيش آيو آهي ، جتي 50 کان وڌيڪ گهرن مٿان گذرندڙ 11 هزار وولٽيج جي لڙڪيل بجلي تارن ۾ ڪرنٽ لڳڻ ڪري چاچو ۽ ڀائيٽيو سڙي فوت ٿي ويا جڏهن ته 2 عورتن سميت 5 ڄڻا سڙي سخت زخمي ٿي پيا آهن، حادثي ۾ سڙي فوت ٿيلن جي سڃاڻپ 8 سالا شاهزيب ولد شهزاد جوڻيجو ۽ سندس چاچو 25 سالا محمد اسلم ولد آندل جوڻيجو طور ٿي آهي ، جڏهن ته زخمين ۾ ٻه عورتون ۽ مرد فوجي اهلڪار رحمان جوڻيجو سميت 5 ڄڻا شامل آهن زخمين کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ فوري طور تعلقا اسپتال منتقل ڪيو ويو واقعو شهزادو جوڻيجو جي گهر اندر پيش آيو آهي هوڏانهن سڙي فوت

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ڪڪڙ: بجلي جي تارن ۾ ڦاسي فوت ٿيل ٻن ڄڻن جو لاش رکي وارث احتجاج ڪندي

سکر مان هٿيارٻند ٻن شهرين کان موٽرسائيڪلون ڦري فرار، پوليس خاموش تماشائي بڻيل

سکر (بيورو رپورٽ) ڀهريون واقعو سکر جي سوسائٽي علائقي ۾ پيش آيو جتي چار اڻڄاتل هٿيارٻند ماڻهن پوليس اسٽيشن اي سيڪشن جي حد ۾ واقع گلوب چوڪ لب مهراڻ جي ويجهو سوسائٽي جي رهواسي حماد حسين ڪانوري کان بندوق جي زور تي سي ڊي 70 موٽرسائيڪل رجسٽريشن نمبر SNJ-3861، ڦري ورتي ۽ موقعي تان

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ فورينسڪ سائنس ۽ ڊي اين اي ٽيسٽنگ تي وڪيلن لاءِ تربيتي ورڪشاپ

ورڪشاپ ۾ فورينسڪ ماهرن پاران فنگر پرنٽنگ، ڪرائم سين ايگزيمنيشن ۽ ميڊيڪوليگل اهميت تي تفصيلي ليڪچرز

سائنسي ثبوت عدالتن ۾ انصاف جو بنيادي ستون بڻجي چڪا آهن: وائيس چانسلر

ورڪشاپ جو مقصد وڪيلن کي جديد سائنسي شاهدن جي اهميت بابت عملي ۽ نظرياتي ڄاڻ فراهم ڪرڻ آهي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن ۽ لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز ڄامشورو جي گڏيل سهڪار سان فنڊامينٽل آف فارينزڪ سائنس ۽ ڊي اين اي ٽيسٽنگ جي عنوان هيٺ هڪ ڏينهن وارو ٽريننگ ورڪشاپ لياقت يونيورسٽي ڄامشورو ۾ منعقد ٿيو ورڪشاپ ۾ حيدرآباد ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جي وڪيلن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي پروگرام جو مقصد قانوني ماهرن کي فورينسڪ سائنس ڊي اين اي ٽيسٽنگ ۽ جديد سائنسي ثبوتن بابت عملي ۽ نظرياتي ڄاڻ فراهم ڪرڻ هو جيئن فوجداري ڪيسن ۾ سائنسي شاهدن جي اهميت کي وڌيڪ موثر نموني سان سمجهي سگهجي ورڪشاپ دوران ملڪ جي ناميارن فورينسڪ ماهرن پروفيسرن ۽ ڊاڪٽرن پنهنجا تحقيقي ۽ عملي تجربا

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

صوبائي وزير امتياز شيخ پاران شڪارپور ۾ مختلف ڪارڪنن سان تعزيت ڪئي

شڪارپور(د ر) صوبائي وزير ۽ ميمبر سنڌ اسيمبلي امتياز احمد شيخ ڪجهه ڏينهن اڳ شڪارپور جي شيخ محلا ۾ شهري عبدالرحيم عرف علي شيخ جي گهر مان ٿيل چوري ۽ واپاري بچومل جي مل مان ٿيل چوريءَ جو سخت نوٽيس ورتو آهي امتياز احمد شيخ واپاري اڳواڻن سان همدرديءَ جو اظهار ڪرڻ لاءِ سندن گهر

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان صحافي قاضي شمس ٻانڀڻ ۽ ڪٽنب جي 11 ڄڻن تي ڪيس داخل

منشيات خلاف خبرون هلائڻ تي پٽ ۽ ڀائيٽي کي قتل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي: قاضي شمس ٻانڀڻ

ٽنڊو محمد خان جي صحافتي حلقن جو ايس ايس پي کان ڪيس جي شفاف جاچ ۽ ڪوڙي ايف آءِ آر ختم ڪرڻ جو مطالبو

ٽنڊو محمد خان(د ر) ٽنڊو غلام حيدر جي موبا ٿاڻي تي نجي ڪي وي جي رپورٽر سينئر صحافي قاضي شمس ٻانڀڻ جي زخمي نوجوان پٽ ، ڀائيٽي ، ڀائرن سميت 11 ڄڻن تي هڪ جٿي جهيڙي جي ايف آءِ آر داخل ، خبر موجب ٽنڊو غلام حيدر جي موبا ٿاڻي تي فريادي چاڪر نور حسن سندس سوٽ عبدالواحد سان جهيڙي ۾ سينئر صحافي قاضي شمس ٻانڀڻ ، سندس زخمي نوجوان پٽ شاهان علي ، ڀائيٽي عابد لطيف ، سندس وڏي ڀاءُ عبداللطيف ، قاضي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

بدين: سنڌ پينشنرز الائنس پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

پنوعاقل لڳ چور پورهيت جي گهران پلوڙ ڳئون ڪاهي ويا

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل لڳ سلطانپور ڪينٽ ٿاڻي جي حد ۾ چورين روز جو معمول بڻيل گذريل رات ڳوٺ ساجن جتوئي مان پورهيت فيض محمد جتوئي جي گهر کي نامعلوم چور ڪاٽ هڻي پلوڙ ڳئون چوري ڪري فرار ٿي ويا

حيدرآباد: هڪ نوجوان گلن مان هار ٺاهي رهيو آهي

ضلعي ۾ امن و امان قائم ڪرڻ لاءِ غيرقانوني سرگرمين جي روڪٿام ضروري آهي: ڊي سي گهوٽڪي

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي منظور احمد ڪنرائي ۽ ايس ايس پي محمد انور کيتران جي صدارت هيٺ ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيشن ڪاميٽي جو اجلاس ڊي سي آفيس ميرپور ماٿيلو ۾ ٿي گذريو جنهن ۾ پاڪ آرمي، رينجرز حساس ادارن جي نمائندن سميت اسسٽنٽ ڪمشنرن، سي ٽي ڊي، اينٽي نارڪوٽيڪس، سيپڪو ۽ ٻين ادارا جي عملدارن شرڪت ڪئي ان موقعي تي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

پوليو ٽيمون ٽئين يونين ڪائونسلن جي مطابق مائڪرو پلاننگ کي وقت تي مڪمل ڪن: ڊي سي سکر

سکر (بيورو رپورٽ) ڊپٽي ڪمشنر سکر جي صدارت هيٺ اينڊ قومي پوليو جي خاتمي جي مهم جي تيارين بابت ڊي پي اي سي جو اجلاس ٿيو ڊپٽي ڪمشنر سکر نادر شهزاد خان جي صدارت هيٺ سکر ۾ ضلعي پوليو جي خاتمي جي ڪميٽي (ڊي پي اي سي) جو اجلاس ٿيو اجلاس ۾ فيبروري ۾ منعقد ٿيندڙ قومي حفاظتي ٽڪن جي ڏينهن جي تيارين جو تفصيلي جائزو ورتو ويو ان موقعي تي، سينئي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ ڳوٺاڻن جو قتل ٿي ويل نوجوان جي خون سان انصاف نه لاءِ احتجاج

ٻاڻر عاشق علي ڪڪرائيءَ ٻين سڱارتي معاملي تان پٽ مجاهد کي قتل ڪيو آهي:علي نواز

واقعي جو ڪيس داخل ڪيو ويو پر پوليس هڪ ئي جوابدار گرفتار ڪيو آهي، انصاف ڪيو وڃي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ تعلقي قمبر جي ڳوٺ حاصلا جي رهواسين طرفان ڪجهه مهينا اڳ مبينا طور قتل ٿي ويل نوجوان جي خون سان انصاف نه ٿيڻ خلاف قائد عوام پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن هٿن ۾ بئنر ۽ پلي ڪارڊ کڻي نعريبازي پڻ ڪئي ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ پيرسن ڳوٺاڻي علي نواز حاصلو پنهنجي پٽ سعيد احمد، پوڻن ساجن، حسنين، سٺوڻن نور محمد، الله ڏنو حاصلو ۽ ٻين سان گڏجي ميڊيا آڏو

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ رڪشا ڊرائيورن جو ايل پي جي گئس مهانگو ڪرڻ خلاف احتجاج

قائد عوام پريس ڪلب اڳيان رڪشائون بيهاري مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي

اوگرا جي مقرر اگهه بدران 340 رپيا في ڪلو وڪرو ٿي رهي آهي: يونين اڳواڻ

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ رڪشا ڊرائيورس ليبر يونين طرفان ايل پي جي گئس ڊيلرن جي مبينا زيادتين خلاف قائد عوام پريس ڪلب اڳيان رڪشائون بيهاري احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي رڪشا يونين جي اڳواڻن صدر گلزار علي گوپانگ، غلام قادر سومرو، محمد معشوق ڪگڙ ۽ ٻين چيو ته لاڙڪاڻي شهر اندر ايل پي جي گئس ڊيلرن جون اسان غريب ڊرائيورن توڙي شهرين سان ناانصافيون تمام گهڻيون وڌي ويون آهن

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ ۾ مرحوم محمد حسن باجاري جي ورسي تقريب

ورسي تقريب ۾ سياسي، سماجي اڳواڻن جي شرڪت، خدمتن تي ڀيٽا پيش

پٽن ۽ پوٽن پاران مزار تي چادر چاڙهي دعا گهري وئي، خيرات جي ماني پڻ تقسيم

سيوهڻ(ن ع) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي سينيئر پرسنل سيڪريٽري محمد سليم باجاري ۽ حيدرآباد جيم خانا جي سيڪريٽري محمد طارق باجاري جي والد محترم باجارا جي معزز شخصيت مرحوم محمد حسن باجاري جي رحلت کي اڄ هڪ سال پورو ٿيڻ جي موقعي تي سندس اباڻي ڳوٺ باجارا ۾ ورسي جي تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ علائقي جي معززين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري مرحوم جي سياسي سماجي ۽ انساني خدمتن تي ڪيس ڀيٽا پيش ڪئي ان کان اڳ مرحوم محمد حسن باجاري جي پٽن

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

حڪومت جي عوام دشمن پاليسين سبب عوام سهوليتن کان محروم ٿي رهيو آهي:ممتاز سهتو

دهشتگردي، تخريبڪاري جا واقعا پيش اچي رهيا آهن سرحدي علائقن ۾ پاڪ فوج جي جوانن تي حملا ٿين ٿا

لاڳو ڪيل مڪاني ادارن وارو نظام مان عوام کي ڪو به رليف ملي نه رهيو آهي

ٽنڊو محمد خان (د ر) جماعت اسلامي حڪومتي 27 آئيني ترميم سميت مڪاني ادارن جي لاڳو ڪيل نظام کي رد ڪندي نظام کي بدلائڻ لاءِ عوامي جدوجهد جو اعلان ڪري ڇڏيو ، ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب ۾ جماعت اسلامي پاڪستان جي مرڪزي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري ممتاز حسين سهتو ، حافظ لعل محمد سولنگي ، اڪرم بيگ ، حافظ محمد انور، عامرشيخ ، حافظ محمد عرس ۽ ٻين پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته حڪومتي عوام دشمن

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ڪڙيو گهنور: مقامي ميلي ۾ ٿيل ملاکڙي ۾ ملهه پهلوان زور آزمائي ڪري رهيا آهن

شهيد عوام محمد فاضل راهو جي 39هين ورسي جون تقريبون راهوڪي ۾ شروع

ملاکڙي سان تقريبون شروعات، ملهه پهلوانن کي انعام، سوين ماڻهن جي شرڪت

17 جنوري تي منجهند جو شهيد فاضل راهو جي ياد ۾عظيم اليشان جلسو ٿيندو

ڪڙيوگهنور (ن ع) سنڌ جي عظيم بهادر بيباڪ مشهور هاري اڳواڻ ايم آر ڊي تحريڪ جي هيرو رهندڙ شهيد عوام محمد فاضل راهو جي 39 ورسي جون تقريبون راهوڪي ۾ باقاعده شروع ٿي ويون آهن انهيءَ سلسلي ۾راهوڪي ۾ شهيد فاضل راهو جي ورسي جون تقريبن جو آغاز هميشه جيان ملاکڙي سان شروع ٿيو جنهن ۾ملڪ اتر جي مشهور ملهه پهلوانن حصو ورتو

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

ڪيرو جي عدالت قتل جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جوابدار کي عمر قيد جي سزا

جوابدار فتو ڪولهي تي 3 سال اڳ ڪيل دولت ڪولهي جو قتل ثابت ٿيو

ايڊيشنل سيشن جج فائق علي ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جوابدار کي سزا ٻڌائي

ڪيرو(ن ع) ايڊيشنل سيشن جج ڪيرو فائق علي قتل ڪيس ۾ ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جوابدار فتو ڪولهي کي عمر قيد جي سزا ٻڌائي جڏي جوابدار فتو 3 سال اڳ ڪنري کان شادي ڪري واپس ڳوٺ رتو ڪوٽ پهتل گهوٽ دولت ڪولهي ولد آتم ڪولهي کي قتل مهمان طور گهمائڻ لا هلڻ جو چٽي ڳوٺ کان پرتي ٻني ۾ ڪهاڙي جا وار ڪري قتل ڪري لاش تورئي جي فصل ۾ لڪائي پاڻ فرار ٿي ويو جنهن جو ڪيس مقتول جي والد آتم

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ڪيرو: قتل ٿيل گهوٽ ۽ سندس قتل جي الزام ۾ جيل ڪيپ آيل جوابدار

دوڙ پرسان پٺاڻ برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، فائرنگ، 4 ڄڻا زخمي

عباسي واٽر وٽ رسول جان ۽ حاجي نظر خان پٺاڻ جي ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو

فائرنگ ۽ ڪهاڙيون لڳڻ ڪري زخمي ڪمال، خوشحال ۽ ٻين کي اسپتال آندو ويو

دوڙ (ن ع) دوڙ پرسان فائرنگ، ڪهاڙين سان جهيڙي ۾ 4 ڄڻا زخمي دوڙ پرسان عباسي واٽر وٽ پٺاڻ برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ معمولي ڳالهه تان جهيڙو ٿي پيو جيڪو وڌي فائرنگ ۽ ڪهاڙين تائين پهچي ويو جنهن جي نتيجي ۾ 4 ڄڻا زخمي ٿي پيا. زخمين ۾ ڪمال پٺاڻ، خوشحال پٺاڻ ۽ شاهنواز پٺاڻ شامل آهن جن کي علاج لاءِ دوڙ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي.ان موقعي تي پٺاڻ برادري جي معزز شخص رسول جان پٺاڻ ميڊيا سان

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

سول اسپتال سکر ۾ ڪرپشن ۽ بدانتظامي جا سڀ رڪارڊ ٽٽي ويا

80ڪروڙ رپين ۾ خريد ڪيل ايم آر آءِ مشين بي پيري ٽٽي پئي آهي: ناظم الدين شيخ

انتظاميا ۽ ايڊيشنل ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ خلاف جاچ ڪري انصاف ڪيو وڃي

سکر (بيورو رپورٽ) سول اسپتال سکر ۾ ڪرپشن ۽ بدانتظامي جا سڀ رڪارڊ ٽٽي ويا آهن 80 ڪروڙ رپين جي ايم آر آءِ مشين بي پيري ٽٽي پئي آهي آل سکر سمال ٽريڊرز اينڊ ڪاٽيج انڊسٽري جي وائيس چيئرمين ناظم الدين شيخ ان ڳالهه تي سخت افسوس جو اظهار ڪيو آهي ته ڪراچي جي هڪ خانگي ڪمپني کان سول اسپتال سکر کي 80 ڪروڙ رپين جي ايم آر آءِ مشين هڪ سال جي گارنٽي سان فراهم ڪئي وئي هئي پر چار مهينن جي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ضلعي سڄاول پوليس جي 11 پوليس ڪانسٽيبلز کي ڊپارٽمينٽل پروموشن

ڪميٽي ذريعي اينڊڙ رينڪ هيڊ ڪانسٽيبل جي عهدي تي ترقي ڏني وئي

سڄاول (د ر) ايس ايس پي سڄاول عليند راڄپر جي هدايتن تي پوليس ڪانسٽيبلز کي اينڊڙ عهدي تي ترقي ڏيڻ لاءِ ڊپارٽمينٽل پروموشن ڪميٽي قائم ڪئي وئي. ڪميٽي جو اجلاس ايس ايس پي سڄاول عليند راڄپر جي چيئرمين شپ هيٺ منعقد ٿيو پروموشن ڪميٽي ۾ ڊي ايس پي سڄاول عبدالله ٻرڙو آفيس سپرنٽنڊنٽ نور محمد ڪمبر ۽ سروس شيٽ ڪلارڪ ذيشان علي بطور ميمبر شرڪت ڪئي. ڪميٽي ميرٽ جي سمورن اصولن کي نظر

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

سڄاول: ترقي ماڻيندڙ پوليس عملدارن کي ايس ايس پي بيج لڳائي رهي آهي

قمبر پرسان پوليس ۽ ڌاڙيلن ۾ مقابلو، ٻه اهلڪار زخمي

غيبي ديرو روڊ باگ لاڙو پڪٽ وٽ پوليس ۽ ڌاڙيلن ۾ مقابلو ٿي پيو

گولين لڳڻ سبب اهلڪار امجد جهتيال ۽ علي اصغر ٻهر زخمي ٿي پيا، اسپتال منتقل

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) قمبر ويجهو ڊرگهه ٿاڻي جي حد غيبي ديرو روڊ باگ لاڙو پڪٽ وٽ پوليس ۽ ڌاڙيلن وچ ۾ مقابلو ٿي پيو جنهن ۾ ڌاڙيلن جي فائرنگ ۾ ڊيوٽي تي موجود ٻه پوليس اهلڪار امجد جهتيال ۽ علي اصغر ٻهر زخمي ٿي پيا، اطلاع تي قمبر شهدادڪوٽ ضلعي جي مختلف ٿاڻن جي پوليس پهچي علائقي جي ناڪابندي ڪري سرچ آپريشن شروع ڪري ڇڏيو بعد ۾ زخمي اهلڪارن کي علاج لاءِ لاڙڪاڻو ٽراما سينٽر منتقل ڪيو ويو جتي

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

دادو ڪئنال مان هفتو اڳ نوجوان جو گولين لڳل لاش هٿ اچڻ وارو معاملو

مقتول فراز جي والد سراج جي فرياد تي 3 سڃاتل ۽ هڪ اڻ سڃاتل جوابدار تي ڪيس داخل

نامزد ڏيهي ڏيءَ جو سڱ گهريو پٽ فراز انڪار ڪيو ته جوابدارن گوليون هڻي قتل ڪيو آهي: سراج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي پرسان دادو ڪئنال مان هفتو اڳ 18 ورهين جي نوجوان جو گولين لڳل لاش هٿ اچڻ وارو معاملو نوجوان جي قتل واري معاملي نئون رخ اختيار ڪري ورتو جوابدارن طرفان ڀيڻ جو سڱ نه ڏيڻ تان جوابدار کي قتل ڪرڻ جو انڪشاف، واقعي جي ايف آءِ آر 4 جوابدارن مٿان داخل. پوليس قتل ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار نه ڪري سگهي مقتول جي والد ايف آءِ آر ۾ نامزد سمورن جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي ان

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

ڏگهڙي جي ڪاروباري شخص سان لکين رپين جي مبينا فراڊ جو انڪشاف

جوابدار 16 لک 80 هزار رپين جو ٽريڪٽر خريد ڪيو بدلي ۾ صرف 3 لک رپيا ادا ڪيا

باقي رقم جو ڏنل چيڪ باؤنس ٿي ويو، ڪيس داخل ڪرايو آهي:عادل آرائين

ڏگهڙي (ن ع) ڏگهڙي جي ڪاروباري شخص سان لکين رپين جي مبينا فراڊ جو انڪشاف ٿيو آهي. نامزد جوابدار 16 لک 80 هزار رپين جو ٽريڪٽر خريد ڪيو بدلي ۾ صرف 3 لک روپيا نقد ادا ڪيا، جڏهن ته باقي رقم جو ڏنل چيڪ باؤنس ٿي ويو.تفصيل موجب ڏگهڙي ٿاڻي ۾ داخل ڪرايل ايف آءِ آر ۾ مدعي عادل ولد حبيب الرحمن آرائين ڄاڻايو آهي ته سندس ٽنڊو باگو روڊ تي ٽريڪٽر شوروم آهي. جوابدار جاويد علي آرائين سندس شوروم تان 16

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

پ پ ترقياتي ڪمن ۾ رڪارڊ ڪم ڪرايا آهن: راول شرجيل

نظير احمد راهو اسان جي وڏن جو ساٿي ۽ مخلص دوست آهي

ڳوٺ شهمير راهو اينديءَ رستي جي حالت ڪمزور نظر آئي انشاءَ الله جلد تعمير ڪرايو ويندو

سڪرنڊ (س ر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيئر اڳواڻ ۽ صدر مملڪت آصف علي زرداري جي ويجهي دوست رئيس نظير احمد راهو پاران پيپلز پارٽي جي نوجوان قيادت سماجي شخصيت صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جي فرزند راول شرجيل ميمڻ جي مان ۾ شهمير راهو ۾ سندس اوطاقي تڏي تي شاندار آجياڻي جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ پيپلز پارٽي ضلع مٽياري ، ضلعي حيدر آباد ، ضلع شهيد بينظيرآباد ۽ ٽنڊو ڄام جي اڳواڻن سميت مختلف مڪتب فڪر جي شخصيتن شرڪت ڪئي جن ۾ پيرامير علي شاهه هاشمي ، سيد امداد علي شاهه ، نظر محمد اٺڙ ، حاجي علي نواز چانڊيو. غلام

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ جو رورل هيلٿ سينٽر سحرش نگر جو دورو

محمد سڄاد حيدر حاضري رجسٽر، دوائن جي اسٽاڪ جو تفصيلي جائزو ورتو

هيلٿ سينٽر ۾ روزانو 6 ڪلاڪ اوپي ڊي سروس فراهم ڪئي ويندي آهي: ڊاڪٽر آمنا جبين

حيدرآباد (رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي) ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ حيدرآباد ريجن سيد محمد سڄاد حيدر رورل هيلٿ سينٽر سحرش نگر حيدرآباد جو اوچتو دورو ڪيو. دوري جو مقصد رورل هيلٿ سينٽر ۾ فراهم ٿيندڙ طبي سهولت، طبي عملي جي حاضري، دوائن جي دستيابي ، مريضن کي مهيا ٿيندڙ سهولت ۽ مجموعي انتظامي معاملن جو جائزو وٺڻ هو _ ان موقعي تي ريجنل ڊائريڪٽر حاضري رجسٽر دوائن جي اسٽاڪ رجسٽر ۽ ٻئي لاڳاپيل رڪارڊ جو تفصيلي جائزو ورتو _ دوري دوران سينٽر ميڊيڪل آفيسر / انچارج ڊاڪٽر آمنا جبين ريجنل ڊائريڪٽر کي هيلٿ سينٽر جي مختلف

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: گنبز ناڪا روڊ تي کليل گٽر ڪنهن به وقت حادثي جو سبب بڻجي سگهي ٿو

ڪشمور پوليس ۽ رينجرز جو گڏيل آپريشن، خطرناڪ ڌاڙيل مارجي ويو

غوثپور لڳ جمال ٽاٽي جي حد ۾ ڌاڙيلن پوليس کي ڏسندي ئي فائرنگ ڪري ڏني

ڪشمور پوليس جو ڊرون ذريعي حملي ۾ علي مدد عرف بدلو جعفري مارجي ويو

ڌاڙيل ڦر، ڀتا خوري ۽ قتل جي ڪوشش سميت سنگين ڪيسن ۾ ملوث هو: ايس ايس پي

ڪنڌڪوٽ (د ر) ايس ايس پي ڪشمور محمد مراد گهانگهرو جي هدايتن تي ڌاڙيلن جي خلاف سرچ آپريشن جاري غوثپور لڳ جمال ٽاٽي جي حد جمال ڊوري ۾ ڌاڙيلن جي خلاف ڪشمور ضلعي جي پوليس ۽ رينجرز جو گڏيل آپريشن ڪيو ويو ڌاڙيلن پوليس کي ڏسندي ئي فائرنگ ڪري ڏني ڪشمور پوليس جو ڊرون ذريعي حملو ڪيو ويو ۽ فائرنگ جي جوابي فائرنگ ۾ علي مدد عرف بدلو جعفري موقعي تي مارجي وڃڻ جا اطلاع جڏهن ته سندس ٻيا ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا آهن ڪشمور پوليس ساٿين جي گرفتاري لاءِ علائقي ۾ سرچ آپريشن جاري آهي ٻئي طرف پوليس مارجي ويل ڌاڙيل جو لاش هٿ ڪيو ويو آهي ڌاڙيل جو لاش اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي هوڏانهن رابطو ڪرڻ تي ايس ايس

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

قاضي احمد ويجهو ٽريلر ۽ رڪشا ۾ ٽڪر، عورت سميت 4 ڄڻا زخمي

ٻاءِ پاس وٽ حادثي ۾ مسڪان ، آفتاب، امين ۽ فهيم ڪبر سخت زخمي ٿي پيا

زخمين کي اسپتال آندو ويو جتان نازڪ حالت ۾ نوابشاهه ريفر ڪيو ويو

قاضي احمد (ن ع) قاضي احمد موڙ ٻاءِ پاس تي پنجاب کان ڪراچي ويندڙ تيز رفتار LPGگيس جو ٽريلر جو ٻاءِ پاس ڪراس ڪندڙ رڪشا کي زوردار ٽڪر جنهن جي نتيجي ۾ جوڻا موري جا رهواسين عورت ۽ مرد سميت 4 زخمي ٿي پيا جنهن ۾ مسمات مسڪان لاشاري رڪشا ڊرائيور آفتاب سباڻي محمد امين ڪبر فهيم ڪبر سخت زخمي ٿي پيا جنهن کي زخمي حالت ۾ قاضي احمد اسپتال منتقل ڪيو ويو مسمات مسڪان لاشاري ۽

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

سکر: قتل ٿيل عورت جو لاش رکي وارث احتجاج ڪري رهيا آهن

قاضي احمد: زخمي نوجوان اسپتال ۾ داخل آهي

لاڙڪاڻي ۾ ڳوٺاڻي جو سب انسپيڪٽر جي مبينا زيادتين خلاف احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ تعلقي ميروخان جي ڳوٺ ڪرم خان گوپانگ جي رهواسي پيرسن پوليس اي ايس آءِ پاران سب انسپيڪٽر جي مبينا زيادتين خلاف قائد عوام پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ پيرسن اي ايس آءِ محمد موسىٰ گوپانگ ميڊيا آڏو

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

پراڻي سکر ۾ عورت فوت، وارثن پاران ساهورن تي قتل جو الزام، انصاف جو مطالبو

5 نمبر ڪالوني ۽ بندر روڊ باغ حيات پرسان رهندڙ زهره حنيف جو لاش رکي وارثن احتجاج ڪيو

مقتولا اسپتال ۾ هوش جي حالت ۾ پاڻ ٻڌايو ته ڪيس زهريلو مشروب پياري ماريو ويو آهي: مظاهرين

اعليٰ عملدار نوٽيس وٺي جوابدارن کي گرفتار ڪري شفاف جاچ بعد سزا ڏئي انصاف فراهم ڪيو وڃي

سکر (بيورو رپورٽ)پراڻي سکر جي علائقي اولياءِ مسجد، 5 نمبر ڪالوني ۽ بندر روڊ باغ حيات پرسان رهندڙ ملاح برادري سان تعلق رکندڙ عورت زهره حنيف ملاح جي مبينہ قتل خلاف وارثن ۽ برادري جي ماڻهن لاش رکي سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو مظاهرين الزام هنيو ته زهره حنيف کي سندس مڙس محمد حنيف ملاح ۽ ڏير مقبول ملاح ڊگهي عرصي کان سخت تشدد جو نشانو بڻايو ۽ آخرڪار زهريلو مشروب (فنائل/تيزاب جهڙو محلول) پياري قتل ڪيواحتجاج ۾ فوت ٿيل عورت جي والد محمد رمضان ملاح ملاح برادري جا فرد محمد شاهين ملاح

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

خيرپور پوليس پاران مختلف ڪاروائين ۾ چار جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

مختلف ڪاروائين ۾ اسد، علي محمد، عرفان ۽ فرمان کي گرفتار ڪيو: پوليس

جوابدارن جي قبضي مان هٿيار ۽ منشيات برآمد ڪري ڪيس داخل ڪيا ويا آهن

خيرپور(رپورٽ: عبدالمجيد پنهور) ايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومرو پاران جاري ڪيل پڌرائي ۾ چيو ويو آهي ته پوليس مختلف ڪاروائين دوران چار جوابدارن کي گرفتار ڪيو. ڏيبارجا پوليس چيڪنگ دوران جوابدار اسد ويسر کي گرفتار ڪيو جنهن جي قبضي مان هڪ سنگل بيرل بندوق برآمد ڪري ڪيس داخل ڪيو ويو.ان کان علاوه منشيات فروش

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ هٿيارٻندن جي دڪان تي ڪاهه، هزارين رپيا روڪ ۽ موبائل ڦر

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي حيدري ٿاڻي جي حد ميرڻ شاهه محلي ۾ اڻڄاتل هٿيارٻند ڦورن ڪرياني ۽ ايزي لوڊ جي دڪان تي مبينا طور چڙهائي ڪري دڪاندار کي يرغمال بڻائي هزارين روپيا روڪ رقم ۽ آئي فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا، اهڙي واقعي جو اطلاع متاثر پاران پوليس کي ڏنو ويو پر پوليس واقعي واري هنڌ نه

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

شڪارپور پرسان مسافر ڪوچ ڪلٽي، 8 ڄڻا زخمي ٿي پيا، اسپتال داخل

ڳڙهي ياسين موڙ پرسان ڊرائيور جي ڪنٽرول مان نڪري ڪوچ ڪلٽي ٿي وئي

زخمي فدا، نظير، اياز، صادق، روقيه، فرحت ناز ۽ ٻين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

شڪارپور(د ر) شڪارپور جي ڳڙهي ياسين موڙ ٽول پلازا پرسان تيز رفتاري سبب مسافر ڪوچ ڪلٽي ٿي پئي، جنهن جي نتيجي ۾ 8 مسافر زخمي ٿي پيا. پوليس موجب حادثو ڊنڊ ۽ تيز رفتاري سبب پيش آيو مسافر ڪوچ ڪراچي کان جيڪب آباد ۽ ٿل ڏانهن وڃي رهي هئي ته اوچتو ڳڙهي

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

شڪارپور: ڪلٽي ٿيل ڪوچ حادثي واري هنڌ پيل آهي ٻئي طرف زخمين کي طبي امداد ڏني پئي وڃي

قلجي لڳ نامعلوم چور اسٽور جا تالا ٽوڙ چار لک جون زرعي دوائون ۽ ٻيون سامان کڻي فرار

قلجي اسٽيشن (ن ع) قلجي اسٽيشن شهر جي مين روڊ تي قاضي علي حيدر ڪالوني وٽ زرعي دوائن جي اسٽور جا تالا ٽوڙي چور چار لک رپين جي ماليت جون زرعي دوائن ۽ ٻيو سامان چوري ڪري آساني سان فرار ٿي ويا زرعي دوائن جي اسٽور جي مالڪن عارف علي پنهور عزيز علي پنهور نجيب پنهور صحافين کي ٻڌايو ته شهر

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

هيومن رائيٽس ڪميشن حيدرآباد ريجن جي وفد جو دادو پريس ڪلب عهديدارن سان ملاقات

هتي ادارا ته موجود آهن پر انساني حقن جي ڀڃڪڙيون ٿي رهيون آهن: وفد

نادر جمالي کي مارڻ وارو معامرو انساني حقن جي خلاف ۽ عدالتن کان مٿانهون قتل آهي

دادو(د ر) هيومن رائيٽس ڪميشن پاڪستان حيدرآباد ريجن جو وفد غفران افشان خان ايڊوڪيٽ ارشاد علي جاويد منير جي اڳواڻي ۾ دادو پريس ڪلب پهچي عهديدارن ۽ ميمبرن سان ملاقات ڪئي، اڳواڻن چيو ته دادو ضلعي ۾ انساني حقن جي صورتحال بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ دادو پهتا آهيون هنن چيو ته هتي ادارا ته موجود آهن پر انساني حقن جي ڀڃڪڙيون ٿي رهيون آهن عورتن تي تشدد ۽ قتل جا واقعا افسوس جوڳو عمل آهي هڪ سوال

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

پنگريو ۾ ڳوٺاڻي جو زال ۽ نياڻين سميت بااثر خلاف احتجاجي مظاهرو، انصاف جو مطالبو

پنگريو (ن ع) پنگريو لڳ ڳوٺ حاجي دين محمد ۾ بااثر ماڻهن پاران مسجد جي خادم تي تشدد ۽ سخت نتيجن جون ڌمڪيون پوليس پاران ڪارروائي نه ڪرڻ خلاف متاثر شخص پنهنجي زال ۽ نياڻين سميت پريس ڪلب پهچي احتجاجي مظاهروڪيو خدمت گار محمد اشرف ڪمبوه ميڊيا سان ڳالهائيندي

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام ۾ ڪتي کي پٿر هڻڻ تان جنوني شخص نينگر کي گولي هڻي زخمي ڪري ڇڏيو، رپورٽ داخل

ٽنڊوڄام (ت ر) ٽنڊوڄام جي علائقي علي آباد 16 سالا نينگر غلام حسين چوهاڻ گهٽي مان گذرندڙ ڪتي کي پٿر هنيو جنهن تي موقعي تي موجود شخص اڳو شاهه مٽس سخت ڪاوڙ ڪندي ڳار گند ڪئي ۽ پسٽل جو فائر ڪري نينگر کي زخمي ڪري وڌو جنهن بعد علائقي واسين نينگر کي طبي امداد لاءِ هيلٿ سينٽر

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

آمريڪا ۽ اسرائيل جي جارحيت جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا: صاحبزاده محمد زبير

ملڪ جي نظرياتي ۽ جاگرافيائي سرحدن جو تحفظ هر پاڪستاني جي ديني، اخلاقي ۽ قومي ذميواري آهي

پاڪستان الله تعاليٰ جي عطا ڪيل هڪ نظرياتي اسلامي رياست آهي: آل پارٽيز ڪانفرنس ۾ خطاب

ڪراچي (نمائندو خاص) جمعيت علماءِ پاڪستان (JUP)جي اهتمام هيٺ ڪراچي ۾ هڪ اهم آل پارٽيز ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ ملڪ جي نظرياتي ۽ جاگرافيائي سرحدن جي تحفظ، اسلامي قدرن جي واڌاري، معاشي انصاف، قومي سلامتي ۽ امت مسلمه کي درپيش عالمي چئلينجن تي تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو ڪانفرنس جي صدارت JUPجي سربراهه

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

سکر بار پاران جسٽس نثار احمد ڀنڀرو ۽ جسٽس علي حيدر جي مقرري تي خوشي اظهار

سکر(بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جج جسٽس نثار احمد ڀنڀرو ۽ جسٽس علي حيدر کي ججز جي عهدي تي پڪو ڪيو ويو ان حوالي سان سينيئر وڪيل شفيع محمد چانڊيو جو چوڻ آهي ته سکر ڊويزن لاءِ اهو وڏو اعزاز آهي جو جسٽس نثار احمد ڀنڀرو ۽ جسٽس علي حيدر جي سنڌ هاءِ ڪورٽ جي ججز طور ڪنفرميشن ٿي وئي

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: جي يو پي سربراهه صاحبزاده ابوالخير محمد زبير آل پارٽيز ڪانفرنس کي خطاب ڪندي

راضيديرو ۾ پرياسي قبضه گيرن جي يلغار جو سلسلو شروع

روڊن، گهٽين، قبرستانن، عيدگاهن، واٽرن، شاخن ۽ بندن تي قبضا

قبضا مافيا کي سياسي پارٽين، پوتارن ۽ انتظاميا جو آشيرواد پڻ حاصل

راضيديرو(رپورٽ: قربان علي گلال) تعلقي گمبٽ جي مختلف مکيه شهرن ۽ ڳوٺن جي ڪيترن ئي سرڪاري اسڪولن سرڪاري بلڊنگن سان گڏ روڊن گهٽين قبرستانن عيدگاهن واٽرن شاخن بندن ڪاپن سميت ٻين ڪيترن ئي هنڌن تي سياسي پوتارن سرڪاري انتظامي غير سرڪاري انتظامي گروهن جي سهڪار سان قبضو گيرن جي يلغار جو سلسلو شروع ٿي ويو آهي گمبٽ شهر سان گڏ ڪيترن ئي راضيديروآڳڙا فقيرناڪ

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

سوابي: بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي چيئرپرسن سينيٽر روبينا خالد بيمار ٻارڙي جي عيادت ڪري رهي آهي

ڪوٽڙي سائيٽ شهيد ممتاز ڳورڙ جي ڇهين ورسي تقريب، ڀيٽا پيش

ورسي تقريب ۾ سياسي، سماجي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي وڏي انگ ۾ شرڪت

شهيد ممتاز ڳورڙ باڪردار باصلاحيت اڳواڻ هو سندس شهادت سماج جو وڏو نقصان آهي: روشن علي ٻرڙو

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) شهيد ممتاز ڳورڙ جي ڇهين ورسي تقريب ڪيس لفظن زبردست ڀيٽا شهيد جي وارثن سياسي سماجي ڌرين ۽ پارٽي ڪارڪنن جي وڏي انگ ۾ شرڪت، ايس يو پي تعلقي ڪوٽڙي طرفان ڪوٺايل ورسي تقريب کي سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي مرڪزي اڳواڻ روشن علي ٻرڙو صدارتي خطاب ڪندي چيو ته شهيد ممتاز ڳورڙ باڪردار ۽ باصلاحيت اڳواڻ هو پارٽي جي سرگرمين کي اولين بنياد تي ترجيح ڏيندو هو پارٽي ڪارڪنن

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

مورو جي معزز شخصيت غلام نبي ميمڻ جي امڙ لاڏاڻو ڪري ٿي

مورو(ن ع) مورو جي معزز شخصيت غلام نبي ميمڻ جي امڙ مرحوم ٺيڪيدار محمد يونس ميمڻ جي گهر واريءَ مرحوم

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ ٽرين جي ٽڪر لڳڻ سبب پيرسن فوت، گهر ۾ ڪهرام

خيرپور(د ر) خيرپور سکر ايڪسپريس جي ٽڪر ۾ 50 سالا غلام رسول ولد شهداد ميتلو فوت ٿي ويو آهي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش سول اسپتال منتقل ڪيو آهي ٻڌايو پيو وڃي ته ڪراچي کان ٽرين سکر وڃي رهي هئي ته بزرگ ان جي

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: بندين دوران ڦليلي جي بيٺل پاڻي مان ٻارڙا مڇي ماري رهيا آهن

شڪارپور مان قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ زاهد پنهور کان ڦر

سڃاڻ ڌرين جي مذمت، ڦر ٿيل سامان واپس ڪرائڻ جو مطالبو

شڪارپور (د ر) شڪارپور جي علائقي لکيدر ٿاڻي جي حد ٽيڪسي اسٽينڊ ويجهو نامعلوم هٿيارٻند قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ ايڊووڪيٽ زاهد پنهور کي يرغمال بڻائي سندس کان موبائل فون ۽ ٻيو قيمتي سامان ڦر ڪري فرار ٿي ويا. ڦر واقعي جو ٻڌي قومي عوامي تحريڪ جو اڳواڻ ايڊووڪيٽ ظفر چنه، امداد سومرو، زاهد گهلو سماجي اڳواڻ سڄاد سيلان عبدالخالق سومرو، وحيد ڦليوٽو، عرفان ملڪ سميت مختلف سياسي سماجي اڳواڻ واقعي

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل پرسان گهر اندر چوري ڪندي پاڙيسرين هٿان چور سرگهو مارڪٽ بعد پوليس حوالي

پنوعاقل(ن ع) ڪوٽ بلاڻ ۾ گهر مان چوري ڪندي چور کي پاڙيسرين پڪڙي ورتو جنهن جي سڃاڻپ ابراهيم سبزوئي طور ٿي جيڪو وڏي درياهه پار جو رهاڪو ٻڌايو پيو وڃي پاڙيسرين پڪڙيل چور کي سخت مارڪٽ ڪرڻ بعد دادلوءِ پوليس حوالي ڪري ڇڏيو !

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.